# قومي ترجمو مشن

## سينٽرل انسٽيٽيوٽ آف انڊين لينگويجز

چونڊيو : سنڌي

ڳولهيو :

مکيہ صفعو

فانٽ لاءِ هتي ڪلڪ ڪريو.

- اين ٽي ايم ڇا آهي ؟
- اين ٽي ايم جي دستاويز خاني ۾ پهچڻ لاءِ هتي ڪلڪ (Click) ڪيو.
- اين ٽي ايم جي شروعات
- اين ٽي ايم ڇو ؟
- اين ٽي ايم جا پهلو
- مشن جي ڪم جا طريقا
- اين ٽي ايم ۾ ڪير شامل ٿيندا ؟
- اين ٽي ايم ۾ ڪير شامل آهن ؟
- اين ٽي ايم جي ڪم جي ورهاست ڪيئن ٿيندي ؟
- ڪيترا ترجمان ۽ ماهر گهرجن ؟
- گهربل ترجمان ۽ ماهر
- ترجمانن جي روپ ۾ رجسٽر ڪيئن ڪجي ؟
- هتي ڪلڪ (Click) ڪيو 'ترجمانن جو قومي رجسٽر' لاءِ
- مشن جي نظرداريءَ هيٺ ڪيل ترجمي جو معيار ڪيئن مقرر ڪيو ويندو ؟
- ترجمي جو معيار طَي ڪرڻ
  - الڳ الڳ ڪيترن جي پاٺ جا انش ترجمو ڪرڻ
  - جاچ جو آڌار
  - اي - پبليڪيشن ۽ رايا گهرائڻ
  - ڪلاس ۾ جاچ

- سنپادن ۽ ڪاپي سنپادن
- اُلٿو ڪرڻ جا مسئلا
- گيان پاٺ جو NTM جي حوالي ۾ ڇا مطلب آهي ؟
- گيان پاٺ ڇا آهن ؟
- ڪير پاڻ کيNTM جي اندر ترجمان طور ٽريننگ لاءِ رجسٽر ڪري سگهي ٿو ۽ ڪيئن؟
- ترجمي جي NTM جي پاران ٽريننگ
- CIIL جي پاران NTM لاءِ ڪيل اول جون ۽ ٻيون ڪوششون ڪهڙيون آهن ؟
- CIIL جون اوائلي ڪوششون.
- ڀارت ۾ ترجمي جي ڪهڙي پرمپرا آهي ؟
- ڀارت ۾ ترجمي جي پرمپرا
- ڀارت ۾ ترجمي جا ڪورس ڪٿي ڪٿي هلايا وڃن ٿا ؟
- ڀارت ۾ ترجمي جا ڪورس
- NTM جي ٽيم ۾ ڪير ڪير آهن ؟
- NTM جي ٽيم - ڪير ڪير آهن ؟
- NTM سان واسطو رکندڙ عام طرح سان پڇيا ويندڙ ڪهڙا سوال آهن ؟
- عام طرح پڇيا ويندڙ سوال
- ويچارن جي ڏي وٺ لاءِ گروپ
- چٽاڀيٽي پڌر (Contest corner)
- پريس ڪلپس / ويڊيو
- پروجيڪٽ جي تفصيلي رپورٽ
- هاڻي شامل ٿيو
- ترجمانن جو قومي رجسٽر
- پاڻن جي رٿا ڏيو
- NTM ۾ نوڪريءَ جا وجهه
- NTM جون رپورٽون
- لاڳاپو
- ترجمو هڪ اڀياس ڪيتر

- وڌيڪ اڀياس
- ترجمي جو سافٽ ويئر / ٽولس
- مکيه ٻه ٻاشائي ۽ گهڻ ٻاشائي ڊڪشنريون
- پارٽي ٻولين سان واسطيدار اي-ڊڪشنريون
- ترجمي جون سنسٿائون
- خانگي کيتر ۾ ڪم ڪندڙ گروپ
- ترجمو اديوگ جو وچار
- پارٽي يونورسٽين ۾ ترجمي بابت ڪيل کوجنا
- پي ايڇ ڊي جا مقالا
- ايم فل جا مقالا
- مخزنون ۽ کوجنا پيپر
- درسي ڪتاب
- شايع ٿيل پاٺ سامگري ۽ مجموعا
- کوجنا پيپر
- کوجنا پروجيڪٽن جون رپورٽون
- هلندڙ کوجنا
- پي ايڇ ڊي جا مقالا
- ايم فل جا مقالا
- کوجنا پروجيڪٽ
- گيان پاٺ
- کيتر
- ٻاشا
- ٽولس
- ڊڪشنريون
- ڪارپس (Corpus)
- سافٽ ويئر
- ٻاشا ماهر

- ڪورس ۽ ٽريننگ
- CIIL ترجما
- NTM ٽيم
- دستاويز خانو
- CIIL جا ٻيا ڪيندر (sites)
- عام طرح سان پڇيا ويندڙ سوال

NTM بابت

قومي ترجمو مشن ڀارت سرڪار جي هڪ ڪوشش آهي تہ گيان سان واسطيدار پاٺ سامگري ترجمي جي دواران اٺين شيڊيول ۾ لکيل سڀني ڀاشائن ۾ موجود ٿئي.
وڌيڪ...

مقصد :

- ترجمي سان الڳ الڳ پاٺ سامگري ڀارتي ڀاشائن ۾ ڦهلائڻ.
- ترجمي جي دواران ڀارتي ڀاشائن ۾ عاليٰ درجي جي گيان تي آڌار رکندڙ سامگريءَ جو ڪارپس (Corpus) تيار ڪرڻ.
- عاليٰ درجي جي ترجمي لاءِ عاليٰ درجي جا ساڌن جيئن ڊڪشنريون، هم معنيٰ ڊڪشنريون (Thesarus) موجود ڪرڻ ۽ ترجمي لاءِ سافٽ ويئر ميمري، ورڊ فائنڊر، ورڊنيٽ وغيره رسرچ جا ساڌن موجود ڪرڻ.
- ترجمانن جي مانيتا لاءِ تعليم جا ٿوري وقت جا اورينٽيشن پروگرام ۽ ڪورس هلائڻ.
- ڪوجنا پراجيڪٽن لاءِ فيلوشپون ۽ گرانٽون ڏيڻ.

قومي ترجمو مشن جو لاڀ وٺندڙ

- ڳوٺن ۾ رهندڙ ۽ آرٿڪ طرح ڪمزور طبقي جا شاگرد جن جو گيان سان گهٽ لاڳاپو قائم ٿئي ٿو ڇاڪاڻ تہ اهو گيان انگريزيءَ ۾ مَوجود آهي.
- ڀارتي ڀاشائن جا جدا جدا وشين ۽ درجي جا استاد
- ڪوجنا ڪندڙ ۽ ليکڪ جيڪي الڳ الڳ سطحن تي ڀارتي ڀاشائن سان جڙيل آهن،

اهي سماج سيوڪ جيڪي گهڻ ٻوليائي ڪيترن ۾ غير رسمي تعليم سان جڙيل آهن.

- غير سرڪاري سنسٿائون (NGO)، جيڪي عام صحت، لوڪ اڏڪار، واتاورڻ، وگيان جي ڦهلاءَ جهڙن ڪيترن سان جڙيل آهن.
- سرڪاري ۽ غير سرڪاري ادارا، جن کي ترجمانن ۽ ترت ترجمانن جي ضرورت آهي.
- ميڊيا سامگري ۽ فلمون ٺاهيندڙ، جن کي گهڻين ٻولين ۾ فلم رِليز ڪرڻ لاءِ سوچنا ۽ هيٺيان سرا ڏيڻ لاءِ ترجمانن جي ضرورت آهي.

وڌيڪ.....

NTM ڇا آهي ؟

NTM بابت :

قومي ترجمو مشن ڀارت سرڪار جي هڪ ڪوشش آهي تہ گيان سان واسطيدار پاٺ سامگري ترجمي جي دواران اٺين ضيڊيول ۾ لکيل سڀني ڀاشائن ۾ موجود ٿئي. NTM جو ويچار پرڌان منتريءَ جي ان ڀاشڻ جي آڌار تي پيدا ٿيو آهي جنهن ۾ هن زور ڏئي ٻڌايو هئو تہ جدا جدا گيان ڪيترن سان واسطيداري قائم ڪرڻ لاءِ ترجمو ڪيل سامگريءَ جي ڪيتري گهڻي اهميت آهي.

ٻيا وڌيڪ مقصد :

- ترجمي سان الڳ الڳ پاٺ سامگري ڀارتي ڀاشائن ۾ ڦهلائڻ.
- ترجمي جي دواران ڀارتي ڀاشائن ۾ عاليٰ درجي جي گيان تي آڌار رکندڙ سامگريءَ جو ڪارپس (Corpus) تيار ڪرڻ.
- عاليٰ درجي جي ترجمي لاءِ عاليٰ درجي جا ساڌن جيئن ڊڪشنريون هم معنيٰ ڊڪشنريون (Thesarus) موجود ڪرڻ.
- ترجمي لاءِ سافٽ ويئر ميمري، ورڊ فائينڊر، ورڊنيٽ وغيره رسرچ جا ساڌن موجود ڪرڻ.
- ترجمانن جي مانيتا لاءِ تعليم لاءِ ٿوري وقت جا اورينٽيشن پروگرام ۽ ڪورس هلائڻ.
- ڪوجنا پراجيڪٽن لاءِ فيلوشپون ۽ گرانٽون ڏيڻ.

- انگريزي ۽ ڀارتي ڀاشائن جي وچ ۾ ۽ هڪ ڀارتي ڀاشا جو ٻيءَ ڀارتي ڀاشا جي وچ ۾ مشيني ترجمي ۽ مشيني مدد سان ترجمي کي همٿائڻ.

NTM مان فائدو وٺندڙ :

- ٻوٽن ۾ رهندڙ ۽ آرٿڪ طرح ڪمزور طبقي جا شاگرد جن جو گيان سان گهٽ لاڳاپو قائم ٿئي ٿو ڇاڪاڻ ته اهو گيان انگريزيءَ ۾ موجود آهي.
- ڀارتي ڀاشائن جا جدا جدا وشين ۽ درجي جا استاد.
- غَير رسمي شڪشا ڏيڻ سان واسطيدار ڪاريه ڪرتا.
- غَير سرڪاري سنسٿائن جا ڪم ڪندڙ جيڪي عام صحت، ناگرڪ اڌڪار، وايومنڊل ۽ وگيان جي ڦهلاءَ سان جڙيل آهن.
- اهي سنسٿائون ۽ شخص جن کي ترت ترجمو ڪندڙن (inter praters) جي گهرج آهي.
- اهي فلم ۽ ڊاڪيومينٽري پروڊيوسر جيڪي فلمن جي هيٺيان سرا (Sub titles) ۽ هڪ کان وڌيڪ ڀاشائن ۾ فلمون کي رليز ڪرڻ چاهين ٿا.
- ايف ايم (FM) ۽ ٻيا ريڊيو پرسارڻ ڪرڻ واريون سنسٿائون جيڪي پنهنجا پروگرام الڳ الڳ ڀاشائن ۾ پيش ڪرڻ ٿا چاهين.
- عام جنتا گيان جي سامگري ۽ ساهتيه پنهنجي ڀاشا ۾ پڙهڻ چاهي ٿي.
- اهي پبلشر جيڪي پرانتڪ ڀاشائن ۾ نوان چاهه پيدا ڪندڙ ڪم ٻولهن ٿا.
- ترجمان جن کي نوڪري ملي ٿي.
- الڳ الڳ سنسٿائن ۽ يونِورسٽين جا ترجما وڀاڳ ۽ کوجنا ڪندڙ.
- ترجمو سافٽ ويئر تيار ڪندڙ ۽ پيٽا پيٽي ساهتيه جا ودوان.

NTM جي شروعات :

حوالو

قومي ترجمو مشن جو ويچار اصل ڀارت جي پرڌان منتريءَ وٽان آيو. قومي گيان ڪميشن (نئشنل ناليج ڪميشن - NKC) جي پهرين ميٽنگ ۾ پرڌان منتريءَ چيو، ڪيترن اهم ڪيترن ۾ گيان سان واسطيداري قائم ڪرڻ، ان کي وڌائڻ ۽ ان کي مضبوط

ڪرڻ لاءِ عام ماڻهن جي سکيا (ٽريننگ) لاءِ ترجمو ڪيل سامگريءَ جي ڪيتري نہ وڏي اهميت آهي. ان وقت ميٽنگ جي چيئرمين شري سَيم پترودا ان صلاح کي ڌيان ۾ رکي محسوس ڪيو تہ ترجمي جي ڪاريہ کي وڌائڻ لاءِ ۽ انجي سکيا ڏيڻ لاءِ هڪ الڳ سنستا يا مشن جي تڪڙي گهرج آهي.

اهو سچ آهي تہ ڀارت ۾ ترجمي جي سرگرمي سدائين هلندي رهي آهي پر عام ماڻهن جي هڪ ٻئي سان هن ڪيتر ۾ ڏي وٺ ڪافي گهٽ وڌائيءَ واري آهي، اها گهٽ وڌائي وشيہ ڪيترن (Disciplines) سان گڏ ڀاشائن ۾ معيار، ورڇ ۽ پهچ جي آهي. ترجمي جون سرگرميون سڌي يا اڻسڌي نموني روزگار جا وجهہ ميسر ڪن ٿيون، انڪري اهي پڙهيل بيروزگارن کي هڪ ٻئي لاپدايڪ ڪاريہ دواران عام جي سيوا ڪرڻ لاءِ همٿائين ٿيون.

هن قسم جي سوچ سبب نئشنل نالیج ڪميشن هڪ ورڪنگ گروپ ڊاڪٽر جيتي گهوش جي اڳوانيءَ هيٺ قائم ڪيو جيڪو هنن سيني سنستائن ۽ ادارن کي گڏ ڪندو جيڪي ترجمي، انجي ڇپائڻ ۽ ورهاست سان جڙيل آهن. ان گروپ ۾ سرڪاري ۽ نيم سرڪاري تعليمدان، ڀاشا وگياني، ترجمان، پبلشر ۽ ڀارت ۾ ترجمي جي سرگرميءَ سان جڙيل عيوضي شامل ڪيا ويا. دهليءَ ۾ فيبروري ٢٠٠٦ ۾ ان گروپ جون ميٽنگون ٿيڻ شروع ٿيون ۽ CIIL ميسور جي ڊائريڪٽر پروفيسر اديہ نارايڻ سنگهہ مشن جي ڪاريہ جي مکيہ روپ ريکا پيش ڪئي.

٦ مارچ ٢٠٠٦ تي NTM جي ميمبر - ڪنوينر پروفيسر جيتي گهوش، پلاننگ ڪميشن جي ڊپٽي چيئرمين کي قومي گيان مشن جو سفارشون ۽ وري سڌاري لکيل رٿا موڪلي. انکان پوءِ ورڪنگ گروپ جون ڪيتريون ئي ميٽنگون ٿيون ۽ ڪيترين سماجڪ وگيان ماهرن خاص ڪري سينٽر فار اسٽڊي آف ڊيولپنگ سوسائٽيز (CSDS) ۽ ٻين ادارن جيئن انڊين ڪائونسل آف هسٽاريڪل رسرچ (ICHR) وغيره وٽان ڪافي وستار سان رايا حاصل ٿيا، جنهن سبب ڪيترائي سوال ابريا ۽ NTM جي ڪيتر ۽ رچنا بابت گهڻيون ئي ڪارگر صلاحون مليون جن مان ڪيتريون ئي هن تفصيلوار لکيل رپورٽ ۾ شامل ڪيون ويون آهن. ان کان پوءِ پهرين سيپٽيمبر ٢٠٠٦ تي قومي گيان ڪميشن جي چيئرمين شري سَيم پترودا قومي ترجمو مشن بابت وچور ڏيندي پرڌان منتريءَ کي لکيو جنهن کان پوءِ HRD منسٽريءَ جي پاران هڪ تفصيلوار رٿا تيار ڪئي وئي.

ڀارت جي پرڌان منتريءَ ٢ آگسٽ ٢٠٠٥ تي قومي گيان ڪميشن جو آرنڀ ڪندي چيو ته ’اسانکي پنهنجيءَ ايندڙ پيڙهيءَ جي لاءِ گيان جو آڌار تيار ڪرڻ لاءِ سيڙپ ڪرڻ کپي........ سيني سطحن تي، پهچ ۽ معيار جي سڌارڻ جي ضرورت آهي.‘

NTM ڇو ؟

ڪيتري وقت کان ڀارت ۾ - تعليمي سرشتو هڪ ڀاشائي نموني سان هلندو رهيو آهي ڇاڪاڻ ته وديشي حاڪمن جي تعليمي نيتيءَ ۾ ڀارت جي گهڻ ڀوليائي اسٿتيءَ کي نظرانداز پئي ڪيو ويو. آزاديءَ کان پوءِ ماتر ڀاشا جي تعليم تي زور وڌي رهيو آهي. اها پالِسِي اسڪولن ۾ عمل ۾ آڻڻ ممڪن آهي پر گيان جا ڪتاب ۽ اوچ تعليم جا درسي ڪتاب ڇاڪاڻ ته انگريزيءَ ۾ آهن انڪري انگريزي ڀارت ۾ اعليٰ تعليم جو مکيه ماڌيم ٿي پئي آهي. تڏهن به انگريزي ملڪ جي پڙهيل وڏي طبقي کي به حاصل نٿي ٿئي، انڪري جدا جدا کيترن - ساهتيه، تڪنيڪي، وگيانڪ، واپار وغيره سان واسطيدار سامگريءَ جو ترجمو ڪرڻ جي تڪڙي ضرورت آهي جيئن اها سامگري ديش جون الڳ الڳ ڀوليون ڳالهائيندڙن لاءِ موجود ٿي سگهي.

اهو به تمام ضروري آهي ته تعليمي سرشتي ۾ وڌيڪ ڀولين جي لاءِ جڳهه پيدا ڪئي وڃي، اهو تڏهن ئي ممڪن ٿي سگهندو جڏهن قومي ترجمو مشن جهڙين راشٽريه سنسٿائن جي سرگرمي ٿيندي.

ترجمو انڪري رڳو گيان جي واڌاري جو ئي نه پر ڀاشائن جي واڌاري جو به ساڌن سمجهڻ گهرجي. قومي ترجمو مشن، ترجمي دوارن هي سڀ بنيادي مقصد حاصل ڪندي جيئن گيان کي ڌرم نرپيڪش ۽ لوڪ شاهي بڻائڻ، ڀاشائن ۽ انهن جي جاتين جي ڳالهائيندڙن کي شڪتيشالي بڻائڻ. اهائي NTM جي ويچارن جي رهبري ڪندڙ طاقت آهي.

قومي ترجمو مشن جا پهلوُ :

قومي ترجمو مشن جي مکيه سرگرمي آهي گيان سامگريءَ جو انواد، پر ان سان گڏ ترجمانن جي ٽريننگ، ڄاڻ جو ڦهلاءُ، ٽيڪنيڪل ٽرمنالاجي تيار ڪرڻ، اهي به

NTM جا لازمي انگ آهن، انهن ڳالهين ڏانهن ڌيان ڏيڻ لاءِ گهڻين ئي سنسٿائن جيئن تہ ڪميشن فار سائنٽفڪ اَينڊ ٽيڪنيڪل ٽرمنالاجي (CSTT)، نئشنل ڪائونسل فار ايڊيوڪيشن ۽ رسرچ ٽريننگ (NCERT)، نئشنل بوڪ ٽرسٽ (NBT)، يونيورسٽي گرانٽ ڪميشن (UGC)، ساهتيہ اڪادمي، سينٽرل انسٽيٽيوٽ آف انڊين لينگوجس (CIIL) ميسور، گرنٽ اڪادمي، پبلڪ لائبررين جي نيٽ ورڪ، جي سات ۽ سهڪار جي ضرورت ٿيندي. ان سان دهراوت ۽ ساڳيو ڪم ڪرڻ کي روڪي سگهبو.

ان کان سواءِ عام سنسٿائن، پريس ۽ ٽي.وي وغيره، ڪارپوريٽ گهراڻن ۽ بوڪ سيلرن جي وچ ۾ سهڪار قائم ڪيو ويندو.

قومي ترجمو مشن جون هيٺيون ڪوششون ان جو انگ آهن.

(ا) ٽڪنيڪي ۽ وگيانڪ شبداولي تاهڻ :

ترجمو ۽ ٽڪنيڪيءَ وگيانڪ ٽرمنالاجيءَ جو معياريڪرڻ (Standarization) گيان سامگريءَ جي ترجمي لاءِ اهم ضرورت آهي. ساڳئي وقت غير معياري لفظ، رواجي چالو لفظ (slang) ۽ سڌانتڪ فارمولائن جي استعمال کي روڪڻ بہ ضروري آهي. قومي ترجمو مشن (NTM) ڪميشن فار سائنٽفڪ اَينڊ ٽيڪنيڪل ٽرمنالاجيءَ (CSTT) کي ان ڳالھ لاءِ مدد ڪندي تہ اها شيڊيول جي ٢٢ ڀاشائن ۾ مقرر معياري ٽڪنيڪي ۽ وگيانڪ لفظ تيار ڪري جيئن گيان سامگريءَ جو تڪڙو ترجمو ٿي سگهي. قومي ترجمو مشن C-DAC سان گڏجي ڪم ڪندي جيئن اهي ساڌن وکست ٿي سگهن جن جي مدد سان ٢٢ ئي ڀاشائن ۾ آن-لائين تي اهي ٽرمنالاجيون موجود ٿي سگهن.

(ب) ترجمانن جي سکيا :

ترجمو هڪ مهارت جو ڪم آهي ۽ جنهن ۾ وڌيڪ مهارت حاصل ڪرڻ جي هميشھ ضرورت آهي، خاص ڪري ان حالت ۾ جڏهن ترجمو ڪن خاص وشين جي ڪتابن ۾ ڪرڻو هجي. مشن، ترجمانن جي وڌيڪ خاص سکيا لاءِ هيٺيان قدم کڻي سگهي ٿي :

(۱) ترجمانن لاءِ ٿوري وقت جا ڪورس هلائڻ جيڪي ڪنهن خاص مقصد لاءِ هجن جيئن تہ ترت ترجمو، نندا سرا ڏيڻ، قانون، مول وگيان، وهنوارڪ وگيان، سماج - شاستر، وگيان وغيره وشين جي ترجمي بابت، جنهن ۾ انهن وشين جي ماهرن کي پڻ شامل ڪيو وڃي.

(۲) ترجمانن جي سهوليت لاءِ سکيا جا نندا ڪورس ۽ پاٺ تيار ڪيا وڃن جيڪي ٻولي سيکارڻ جي پاٺيہ ڪرم جو حصو ڪيا وڃن جيڪي پاٺيہ ڪرم سڄي ملڪ ۾ هلائي سگهجن يا روزمره جي سکيا بعد يا موڪلن ۾ ڪلاس هلايا وڃن.

(۳) ترجمي جي خاص واڌاري لاءِ يونيورسٽين ۽ سنسٿائن کي همٿائي ۽ مدد ڪري اهڙي سکيا جو بندوبست ڪرڻ.

(۴) ڪوجنا جي ڪارين کي اتساهت ڪرڻ جنهن ۾ شاگردن ۾ ڪوجنا ڪاريہ لاءِ چاه پيدا ڪرڻ جو اسر پڻ شامل هجي جيئن ڪتابن جو سٺو ترجمو ڪري ۽ سکيا جي مقصد جي پوئواري لاءِ جوڳو مواد ميسر ڪري سگهجي.

(۵) فيلوشپ جو سرشتو قائم ڪرڻ جنهن سان عالمن ۽ ادارن جي وچ ۾ له وچڙ جو رشتو جڙي جنهن مان هندستاني ٻولين جي وچ ۾ ترجمي کي هٿي ملي.

(٦) ڪن خاص مثالي ڪتابن کي ڪٽي ڪاريہ شالائون هلائڻ جتي عالم ۽ شاگرد گڏ ٿين ۽ ڪتابن جي مخصوص پهلن، جيئن تہ ڄاڻ جو حصو، وصفي لفظن جو اپياس ۽ سپيتڪ ۽ ٻوليوار پهلن تي غور ڪن ۽ خاطر خواه نتيجا حاصل ڪري سگهن.

(۷) ترجمي جي نظرثاني، سنپادن ۽ دستاويزن جي سنپادن جي هنر بابت ڪاريہ شالائون هلائڻ.

(ب) ڄاڻ جو ڦهلاءَ :

(۱) ترجمانن جا تفصيل ۽ ترجمانن جو پندار تيار ڪرڻ، جنهن ۾ جدا جدا وشين جي ٻولين جي مهارت جي ڄاڻ ڏنل هجي.

(۲) ڪامپيوٽر تي موجود ترجمن جي، الڳ الڳ وشين موجب هندستان جي جدا جدا ٻولين ۾ ڪتابن جي ياداشت تيار ڪرڻ، جنهن ۾ انگريزيءَ سان گڏ ٻيون ٻوليون پڻ شامل هجن. هن ڪامپيوٽر پروگرام ۾ اها سهوليت پڻ هئڻ گهرجي تہ جي ڪڏهن ڪو ڄاڻ ۾ اضافو ڪرڻ چاهي تہ ڪري سگهي.

(پ) مشهوري ۽ مالي طور خاطر خواهه بندوبست :

قومي ترجمو مشن ترجمانن ۽ ترجمي جي سرگرميءَ کي وڏيڪ اظهار ڏيندي. NTM جي سرگرمي هيٺ سبب ترجمو ڪافي سنو اجورو ڏيندڙ پروفيشن ٿي پوندو. قومي رجسٽر ۾ جدا جدا ڪيترن ۽ وشين جي ماهر ترجمانن جا نالا داخل ڪيا ويندا. جدا جدا ڪيترن ۽ وشين جي ماهر ۽ ڄاڻو ماڻهن سان گڏ سڃاڳ پاڻڪن جا ملهه ڪٽ بورڊ هوندا جيڪي اهو فيصلو ڪندا ته ڇا ترجمان رجسٽر ۾ داخل ڪرڻ ۽ ترجمانن جي قومي مجموعي ۾ جوڙڻ لائق آهي.

(ڀ) ترجمي جي پرچار ۽ حاصلات جا وصيلا پختا ڪرڻ :

ترجمن بابت عوام کي ڄاڻ ڏيڻ ۽ انهن تائين پهچائڻ جنهن لاءِ ڪي تجويزون هن ريت آهن.

(١) ترجمن جي ڪتابن جو مهورت اتسو ڪرايو وڃي.

(٢) ترجمن لاءِ اِنعام ۽ ترجمانن لاءِ يونِورسٽيءَ ۾ فيلوشپ جو بندوبست ڪيو وڃي.

(٣) جدا جدا هنڌن تي انواد ميلا ڪيا وڃن، بحث ڪيا وڃن، پردرشنيون ڪيون وڃن.

(٤) لائبررين سان ڳانڍاپو قائم ڪيو وڃي جيڪو معياري ترجمي لاءِ شروعاتي وڪري جو موقعو ميسر ڪري.

(٥) پرڪاشڪن، ليکڪن ۽ ترجمانن ڪان ڪتاب موٽائي خريد ڪرڻ.

(٦) ترجمانن ۽ پرڪاشڪن کي قومي ترجمو اختياريءَ پاران سرڪاري مدد ڏئي اتساهت ڪرڻ.

(٧) ويب سائٽ تي ترجمو خاص ڪري تعليمي مواد، اُتاري سگهڻ لاءِ پرڪاشڪن کي قيمت ڏيڻ.

(٨) ترجمانن، يونِورسٽيءَ جي وڀاڳن، جن ۾ ترجمي ڪرڻ لاءِ خاص ڪورس رکن ٿا ۽ اهي پرڪاشڪ جيڪي گهڻا ترجما شايع ڪرڻ لاءِ خواهن آهن، ترجمي جي خريدارن ۽ ڪم آڏيدڙن کي هڪ هنڌ گڏ ڪرڻ ۽ له وچڙ ۾ اچڻ جو وسيلو جوڙڻ.

(٩) انگريزي توڙي هندستاني ٻولين ۾ ترجمو ڪرڻ لائق ڪتابن يا انهن مخزنن کي جيڪي ڪامپيوٽر تان مواد جو ترجمو ڇاپين ۽ مکيه مخزنن کي جيڪي مخزنون الڳ الڳ وشين تي هندستاني ٻولين ۾ سلسليوار مواد ڇاپين، تن سيني کي سرڪاري مدد ڏيڻ.

(١٠) قومي ۽ راجيہ جي سطح تي اپياسي سرشتي ۾ ترجمو ٿيل مواد کي جوڳي جاءِ ڏيڻ لاءِ ڪين آمادهہ ڪرڻ ۽ اتساهت ڪرڻ.

(١١) تعليمي ادارن ۾ ترجمو ٿيل ڪتابن لاءِ خاص مرڪز برپا ڪرڻ ۽ لائبررين ۾ مخصوص جاءِ رکڻ جي ڪوشش ڪرڻ.

(١٢) گهڻين ٻولين جي ڄاڻ جي اهميت کي ظاهر ڪرڻ لاءِ ڪٿي اهو هنرمنديءَ وارو آهي ۽ ڪمائتو آهي اها ڄاڻ پڪيڄڻ ۽ عام امتحانن، نوڪريءَ لاءِ امتحانن ۾ انهن جي ضرورت جي اهميت ظاهر ڪرڻ.

(١٣) هندستان جي ننڍن شهرن ۽ ڳوٺن ۾ سماجي سنسٿائن سان لاڳاپو پيدا ڪرڻ، جيئن ترجمو ٿيل ڪتاب ڪين ميسر ٿي سگهن.

مشن جي رٿا پوري ڪرڻ جا اپاو :

قومي ترجمو مشن جو گيان سامگري جي ترجمي جي مکيہ مقصد کان سواءِ هيٺيان ٻيا لاڳو مقصد هوندا :

- جدا جدا وشين جي ڄاڻ ۽ مهارت جي آڌار تي ترجمانن جو ڊيٽا ڀنڊار (repository) ٺاهڻ. هن ڀنڊار جي سامگري آن-لائين تي موجود هوندي ۽ خاص حوالي سان NTM سان واسطو قائم ڪري حاصل ڪري سگهبي.
- موجودهہ ترجمن جو ڊيٽا ڀنڊار ٺاهڻ ۽ ان کي وشيہ ۽ ڪيٽرن جي حوالن ۾ ورهائڻ ۽ اها سوچنا تازين لسٽن سان گڏ نيم سان تعليمي سنسٿائن ۽ لئبررين کي موڪلڻ.
- ترجمانن جي لاءِ ٿور -وقتا سکيا جا پروگرام هلائڻ.
- مشيني ترجمي کي همٿائڻ.
- مٿين مقصدن کي حاصل ڪرڻ لاءِ مشن سموري ڪاريہ کي جدا جدا حصن ۽ ڀاڱن ۾ ورهائيندي، جي هيٺئين نموني هوندا :
- ڪميشن فار سائنٽفڪ اينڊ ٽيڪنيڪل ٽرمنالاجيءَ (CSTT) کي ڀارتي ڀاشائن ۾ نوان وصفي لفظ ٺاهڻ ۾ مدد ڪرڻ.
- اي-ڊڪشنريون ۽ هم معنيٰ شبد ڪوش (Thesasrus) خود تيار ڪرڻ يا ٻين جي دوران تيار ڪرائڻ.
- گيان تي آڌار رکندڙ انهن وشين جا ترجما شايع ڪرڻ جيڪي ڪاليج يا يونيورسٽين

۾ پڙهايا وڃن ٿا، ان ۾ ٧٠-٦٥ وشين جا ١٧٦٠ گيان پستڪ شامل آهن. اڳتي هلي ترجمو ۽ انهن کي شايع ڪرڻ جو لڪشيہ وڌندو جيئن ايندڙ يوجنائن ۾ هي سلسلو پڪو قائم ٿي ويندو جيڪو آشاوادي تخميني موجب آخر ٨٨٠٠ ڪتاب يوجنا جي مدي ۾ پهچندو.

- ترجمو شايع ڪندڙ يا ترجمي سان واسطو رکندڙ سامگري ڇپڻ يا ان جي چندہ چاڙ ڪرڻ وارين پارٽيہ ڀاشائن جي مخزنن کي مالي مدد ڏيڻ.
- ليکڪن/ ترجمانن کي IPR/ ڪاپي رائيٽ فيءَ لاءِ گرانٽ ڏيڻ.
- ترجمي جي سکيا ۽ الڳ الڳ سطحن تي ان جي مڃتا لاءِ گرانٽ ڏيڻ.
- قدرتي ڀاشا پرڪريا (NLP Natural language processing) جي ترجمي سان واسطيدار ڪوجنا ڪاريہ لاءِ گرانٽ ڏيڻ.
- يونيورسٽي ودياڳ جيڪي ترجمي سان واسطيدار ڊگري، ڊپلوما ڪورس هلائيندا هجن يا ڪن خاص پروجيڪٽن، جيئن ٻن ڀاشائن جي ترجمي سان واسطيدار مينيوئل (Manual) تيار ڪرڻ لاءِ گرانٽ ڏيڻ.

NTM سان ڪير واسطيدار آهي ؟

سينٽرل انسٽيٽيوٽ آف انڊين لينگوجس (NTM (CIIL لاءِ مرڪزي ۽ سهوليتون ميسر ڪرڻ واري سنستا آهي. مشن جو ڪاروبار هن سنستا دواران ئي هلايو وڃي ٿو.

٢٥ ماهرن جي هڪ پروجيڪٽ ايڊوائيزري ڪاميٽي (PAC) آهي. (PAC) جا ميمبر ودوان، ترجمي جي تعليم ڏيندڙ ماهر، ليکڪ، ساهتيڪار، ساهتڪ اڪادمين جا پريزيڊينٽ، يونيورسٽين جا وائس چانسلر، بوڪ سيلرن ۽ پبلشرن جا ميمبر ۽ انهن هنري گهراڻن جا عيوضي جيڪي ترجمي جي کوجنا ۽ وڪاس ڪارين سان جڙيل آهن.

ترجمي جي سرگرمين کي هڪ ٻئي سان جوڙڻ ۽ جدا جدا سنستائن کي سهڪار ڏيڻ جو ڪاريہ CIIL ڪري ٿي، جيئن دهراوت کي روڪي سگهجي ۽ ترجمي جي سرگرميءَ کي پاڻ ۾ ڳنڍڻ جي باوجود ان جي لچيلي واڌاري لاءِ سهوليت ميسر هجي. سنستائن، جن ۾ سرڪاري سنستائون بہ شامل آهن، اهي آهن نئشنل بوڪ ٽرسٽ، UGC ساهتيہ اڪادمي، ٽرانسليشن ڪيندر، يونيورسٽين جا ترجمي جي سکيا ۽ کوجنا سان واسطيدار ودياڳ، گرنٽ اڪادميون، راڄين جي سطح تي سنستائون، پبلڪ لائبررين وغيره

هن سان گڏ پبلشر، سماچار پتر ۽ ٻيا پرسار جا ساڌن ۽ بوڪ سيلر بہ جڙيل هوندا، ان کان سواءِ NTM استادن، وديارٿين، مائٽن، پڙهيل ٻڙهيل ماڻهن ۽ شهر واسين سان انهن جي ضرورت بابت ويچارن جي ڏي وٺ ڪندي. مکيہ مراد آهي پبلڪ ۽ پرائيويٽ سنسٿائن جي وچ ۾ واسطيداري ۽ سهيوڳ قائم ڪرڻ.

NTM ڪم جي ورهاست ڪيئن ڪندي ؟

NTM جو مکيہ مقصد ڀارتييہ سنوڌان جي شيڊيول ۾ لکيل ڀاشائن ۾ گيان سامگري موجود ڪرڻ آهي. NTM ان لاءِ هڪ رٿا ٺاهي آهي جنهن ذريعي هيٺين نموني ڪم جي ورهاست ڪئي ويندي.

گيان پاٺن جي سڃاڻپ :

NTM جو پهريون قدم ٿيندو جدا جدا کيترن ۾ ترجمي لائق گيان سامگري طَي ڪرڻ. NTM جي پاران CIIL ۾ هڪ وشيہ ٽيم (Content team) قائم ڪئي آهي. ٽيم جي پاران ٦٩ وشيہ کيتر چونڊي انهن جو هڪ 'ڊيٽا بيس' ٺاهيو ويو آهي.

گيان پاٺ گڏ ڪرڻ :

NTM جي پاران جيڪي گيان پاٺ چونڊبا، اهي ڪتاب، جي پارٽ ۾ آهن تہ سڌو پبلشرن وٽان يا بوڪ سيلرن وٽان خريد ڪيا ويندا. اهي ڪتاب پوءِ ترجمانن کي ڏناويندا.

ترجمي جو ڪم سونپڻ :

ترجمي جو ڪم انهن ترجمانن کي سونپيو ويندو جن جا نالا NTM جي پاران CIIL جي رجسٽر ۾ لکيل هوندا. ترجمي جي ڪم ڏيڻ جو آڌار، واسطيدار ڪم انهن جي يوگيتا تي رهندو. ترجمانن جي موجودگي ۽ انهن تائين پهچڻ جي لاءِ بہ NTM جي پاران هڪڙو مقرر عرصو هوندو. ڪنهن ترجمان کي ڪتاب ڏيڻ جو ڪاريہ، NTM جي پاران ان مقصد لاءِ قائم ڪيل ڪاميٽيءَ جي دواران ڏنو ويندو. مقرر عرصي اندر ترجمي جو ڪم پورو ڪرڻ جي خيال کان هر هڪ ڪتاب ٣ ترجمانن کي ڏنو ويندو.

ترجمانن جي نئشنل رجسٽر ۾ ترجمان طور پنهنجو نالو داخل ڪرڻ لاءِ هتي ڪلڪ (Click) ڪريو

جاچڻ جو ڪم سونپڻ :

ترجمان جي نئشنل رجسٽر (NRT) ۾ جيڪو NTM جي پاران رکيو وڃي ٿو ان ۾ انهن ماهرن جي ڄاڻ به هوندي جيڪي ترجمي کي جاچڻ يعني ملهه ڪٿ جو ڪم ڪن ٿا. ترجمو جاچ (Evaluation) ڪاميٽي مکيه طرح ڪتابن لاءِ ٻن آڌارن تي قائم ڪئي ويندي. جيڪي آڌار هوندا ڀاشا ۽ وشيه کيتر. ڪاميٽي ميمبرن کي ترجمي جون ڪاپيون موڪليون وينديون. ترجمي ۾ سڌار ۽ بدلاو سان واسطيدار سجهاون جي آڌارتي هو هڪ کان وڌيڪ دفعا هڪ ٻئي سان گڏجي سگهن ٿا. ترجمي ۾ سيئي درستيون ۽ تبديليون ڪرڻ کان پوءِ ترجمو وري جاچ ڪاميٽيءَ کي قبوليت لاءِ موڪليو ويندو ان کان پوءِ ترجمو پبلش ڪرڻ لاءِ ڏنو ويندو.

پرنٽ پبلڪيشن ۽ ئي - بوڪس (E-books) :

NTM جي پاران ترجمو ڪيل گيان پستڪ پرنٽنگ دوران، پبلش ڪيا ويندا ۽ ئي - بوڪس جي روپ ۾ به ميسر ڪيا ويندا. هتي ترجما ٢٢ هندستاني ٻولين ۾ موجود هوندا. NTM مکيه طرح سان CIIL ۾ موجود پرنٽنگ سهوليتن جو فائدو وٺندي ۽ ان سان گڏ ڪتابن جي پبلڪيشن لاءِ راجيه جي ۽ ديس جي پبلشرن سان گڏجي ڪاريه ڪندي.

ئي -بوڪس NTM جي پاران خاص ڍنگ سان تيار ڪيل جدا جدا ڀاشائن ۽ وشيه جي ماهرن جي مدد سان NTM جي ويب سائيٽ تي موجود هوندا.

سافٽ ويئر جا ساڌن :

NTM ترجمي سان واسطيدار سافٽ ويئر جي کوجنا ۽ وڪاس کي همٿائيندي.NTM ۾ ڪم ڪندڙ سافٽ ويئر انجينئر جدا جدا ترجمن جي لاءِ سافٽ ويئر ۽ ڊڪشنريون تيار ڪندا. NTM جي پاران ان ڏس ۾ جدا جدا ماهرن، تعليمي سنسٿائن، اديوگ ۽ واپاري گهراڻن کان به ان مقصد لاءِ مدد گهري ويندي. NTM ڪجهه ڪم ٻاهران به ڪرائيندي. NTM جي پاران ٺاهيل سافٽ ويئر NTM جي ويب سائيٽ تي موجود هوندا.

ترجمانن جي ضرورت :

٨٠٠٠ گيان پستڪ ترجمو ڪرڻ لاءِ ترجمانن جي گهرج ٿيندي. اهي ڪتاب ٦٩ وشيه کيترن سان واسطيدار آهن.

NTM ترجمانن جو ’ڊيٽا بيس‘ (Data repository) تيار ڪرڻ جي ڪاريہ ۾ لڳل آهي. اهو هڪ خاص قسم جي ترجمانن جو ڊيٽا بيس آهي جيڪي ترجمان قومي رجسٽر ۾ رجسٽر ڪيا ويا آهن. ترجمانن جي ورگيڪرڻ انهن جي وشيہ ڪيتر، قابليت ۽ لياقت جي آڌار تي ڪئي وئي آهي. ان ڊيٽا بيس ۾ انهن ماهرن کي بہ شامل ڪيو ويندو جن NTM جي ترجمان واري سکيا (ٽريننگ) پروگرام ۾ سکيا حاصل ڪئي آهي.

ترجمانن جو قومي ترجمو رجسٽر (NRT) آن-لائين تي ترجمان جي روپ ۾ نالو رجسٽر ڪرڻ لاءِ موجود آهي. نالو رجسٽر ڪرڻ لاءِ هتي ڪلڪ (Click) ڪريو.

ترجمو جاچڻ لاءِ ماهرن جي ضرورت

NTM اهڙن ماهرن جي تلاش ۾ آهي جيڪي مشن جي سايي هيٺ ڪيل ترجمي جي جاچ يعني ملهہ ڪٿ ڪري سگهن، ترجمن جي جاچ ڪندڙ ماهر ٻنهي خيالن کان گهربل آهن ٻوليءَ جي ۽ گهربل وشيہ جي خيال کان، جنهن وشيہ ۾ ترجمو ڪيو ويو آهي. انهن وشيہ ڪيترن لاءِ هتي ڪلڪ (Click) ڪريو.

ماهرن ۽ ترجمو جاچيندڙن جو ڊيٽا بيس ترجمانن جي قومي رجسٽر سان گڏ موجود آهي ۽ اهو آن لائين تي موجود هوندو جيئن جدا جدا ڪيترن جا ماهر پنهنجو نالو NTM سان رجسٽر ڪري سگهن. رجسٽر ڪرڻ لاءِ هتي ڪلڪ (Click) ڪريو.

جدا جدا وشيہ ڪيترن جي ماهرن جي ضرورت :

NTM کي جدا جدا وشيہ ڪيترن جي ماهرن جي ضرورت آهي جيئن ويب پيجس تي انهن جو خاڪو ڏيکاري سگهجي. NTM جي پاران ترجمو ٿيل گيان پستڪ آن لائين بہ پبلش ڪيا ويندا. هر وشيہ ڪيتر جو خاص خاڪو ان مقصد کي سنتوش جنڪ ڍنگ سان پورو ڪري سگهندو. NTM اهڙن ماهرن جي تلاش ۾ آهي جيڪي واسطيدار وشيہ ڪيترن جا خاڪا يا نمونا ناهي ۽ تيار ڪري ڏين.

جي توهين ڪنهن وشيہ ڪيتر جا ماهر آهيو تہ پاڻ بابت وچور هتي ڏيو. وشيہ ڪيترن جي لسٽ ڏسڻ لاءِ هتي ڪلڪ (Click) ڪريو.

ترجمي جي معيار کي قائم رکڻ :

NTM اهڙا وسيلا ۽ ساڌن تيار ڪيا آهن جن دواران سيني ترجمن جو معيار (Quality)

جاچي سگهجي. ترجمي جي معيار کي ماپڻ ۽ قائم رکڻ جو سوال ٢٢ ئي ٻولين ۽ ٦٩ وشيہ کيترن سان لاڳو هوندو. ٻولي ۽ خاص وشيہ کي ڌيان ۾ رکندي معيار جي جاچ ڪئي ويندي.

ترجمي جي معيار کي هڪ جهڙي نموني سان قائم ڪرڻ لاءِ پهريون قدم ڏيندو واسطيدار ٻولين ۾ ٽيڪنيڪل ٽرمنالاجي تيار ڪرڻ ۽ ان جو معياري روپ مقرر ڪرڻ. ان حوالي ۾ NTM ٻين سنسٿائن جهڙو ڪ ڪميشن فار سائنٽفڪ اينڊ ٽيڪنيڪل ٽرمنالاجي (CSTT)، نئشنل ڪائونسل فار ايڊيوڪيشنل رسرچ اينڊ ٽريننگ (NCERT) وغيره کي شامل ڪيو ويندو، جيئن ٢٢ ئي ٻولين ۾ ٽيڪنيڪل ٽرمنالاجي تيار ڪري سگهجي.

خاڪا ۽ نمونا :

NTM هر ڪنهن وشيہ جو اهڙو خاڪو تيار ڪري جنهن ۾ ان وشيہ جي سامگري پيدا ٿي سگهي. مقرر ٿيل شَيلي پيپر اينڊ ڊاڪيومينٽ ٽائيپ ڊيفينيشن (DTD) جدا جدا ٻولين ۽ وشيہ کيترن لاءِ جن ۾ مکيہ سرا، هينيان سرا (Sub-Title)، پاٺ سامگري، عڪس، گرافڪس، آڊيو /وڊيو سامگري ۽ ٻي گرافڪس سامگري شامل هوندي.

NTM هر وشيہ جي فائيل جو نمونو ترجمان کي، پرنٽ ميڊيا ۽ ويب جو ڪاس ڪندڙن کي ميسر ڪرائيندي جيئن سڀني پيڄن ۾ هڪ جهڙائي هجي. نمونن جا هي فائيل بہ NTM جي ويب سائيٽ تي حاصل ڪري سگهبا.

جاچڻ پرکڻ جو آڌار :

NTM جدا جدا ترجمن جي جاچ پرک ڪندڙن جي لاءِ هڪ جاچ پرک آڌار ٺاهي رهي آهي. وشين جي ماهرن، ترجمن ۽ ٻولي جي ماهرن سان گڏجي اهو آڌار تيار ڪيو ويجي ٿو. ان ڳالھ جي سنڀال ڪئي ويندي تہ ان ۾ الڳ الڳ ٻولين ۾ ۽ وشين جي ترجمي ڪرڻ جي خيال کان ڦير-گهير ڪرڻ جي گنجائش هجي. اها گنجائش وشيہ سامگري ۽ خاڪي جي رچنا ۾ ٿي سگهي. هر هڪ ترجمي لاءِ اهو ضروري ڏيندو تہ ان کي گهٽ ۾ گهٽ مقرر ٿيل Credits ملن جيئن اهو پبلش ٿي سگهي.

سجهاو ۽ رايا گهرائڻ :

NTM استعمال ڪندڙ جيڪي سڌي يا اڻسڌي نموني ان جي ڪوشش جو فائدو

وٺندڙ آهن انهن کان NTMپبلڪيشن، ترجمن، سافٽ ويئر، ئي -ڊڪشنريون وغيره بابت سندن رايا گهرائيندي. هتي ’فائدو وٺندڙن‘ جو مطلب آهي اهي ماڻهو جيڪي پاڻ ترجمو پڙهن ٿا. ڪاليج، يونيورسٽيون، سنسٿائون، ماستر ۽ غير سرڪاري سنسٿائون جيڪي پنهنجي سکيا يا جاگرتي وڌائڻ جي پروگرامن ۾ NTM جا ترجما استعمال ڪن ٿيون. NTM هينين ڳالهين بابت انهن جي راين ۽ سجهاون جي مرحبا ڪندي جيڪي ڳالهيون آهن ترجمي ۾ ڪم آندل ڀاشا، پڙهڻ ۾ سولائي، سمجهڻ ۾ سولائي، پبلڪيشن جو روپ رنگ بائينڊنگ جو نمونو، پبلڪيشن جي ورهاست، قيمت ۽ حاصل ڪرڻ وغيره.

ڪلاس روم ۾ جاچ :

NTM ترجمن جو معيار جاچڻ لاءِ هڪڙو طريقو ڪلاس روم ۾ جاچ جو به استعمال ڪندي. جدا جدا وشيه ڪيترن سان واسطيدار ترجما ماسترن کي ميسر ڪري ڏنا ويندا ته هو انهن جو واسطيدار ڪلاس رومن ۾ استعمال ڪن. ترجمن بابت ڪلاس روم ۾ وديارٿين ۽ استادن جو رد-عمل سرشتي موجوب رڪارڊ ڪيو ويندو. عام ماڻهن کي ڏيڻ کان اول ترجمن ۾ گهربل سڌارا ڪيا ويندا.

سنپادن ۽ ڪاپي سنپادن :

NTM پنهنجي دوران ڪرايل ترجمن جي سنپادن ۽ انهن جي ڪاپي سنپادن ڪرائڻ جي لاءِ سکيا ورتل پيشيورن جي ٽيم ٺاهيندي. ان ٽيم کي اديوگن ۾ ڪم ايندڙ معياري سنپادن جا سافٽ ويئر ۽ ٽيڪنيڪي ساڌن موجود ڪرايا ويندا. ان لاءِ جدا جدا پرديشن جي خود مختيار واپاري پبلشنگ سنسٿائن جي مدد ورتي ويندي ته هو NTM جي لاءِ سنپادن ۽ ڪاپي سنپادن جي ڪاريه کي معياري بڻائن.

الٿو ڪرڻ جا سوال ۽ مسئلا :

NTM دوران جدا جدا ڀاشائن ۽ وشيه ڪيترن جي ماهرن جي مدد سان الٿي جا ترجمي سان واسطو رکندڙ سوال حل ڪيا ويندا. ٽيڪنيڪي شبداولي تيار ڪرڻ ۽ ان کي معياري بڻائڻ هڪڙو وسيلو هوندو جنهن دوران NTM الٿي جي سوالن کي دور ڪرڻ جي ڪوشش ڪندي جتي ترجمو ٿيندڙ ڀاشا جي ڪنهن شبد يا ڌارڻا لاءِ ترجمي جي ڀاشا ۾

برابر جو لفظ موجود نہ آهي اتي لفظ ٺاهڻ يا ان جي سمجهاڻي ڏيڻ جهڙا طريقا استعمال ڪيا ويندا. ڪلاس روم جاچ هڪ ٻيو طريقو آهي جنهن جي دواران الٿو ڪيل ترجمي جو سمجهہ پريو ۽ استعمال ڪرڻ جوڳو هئڻ جي جاچ ڪري سگهجي.

گيان پستڪن جو مطلب ڇا آهي ؟

NTM جي خيال ڪان اوچ شڪشا لاءِ واسطيدار سموري تعليمي سامگري، گيان سامگري آهي. NTM جو مکيہ مقصد هن گيان سامگريءَ کي ڀارتي ٻولين ۾ ترجمو ڪرائي ميسر ڪرڻ آهي.

سڀيئي درسي ڪتاب، مددي ڪتاب ۽ ليک جيڪي ڪاليجن يا يونيورسٽين جي ڪنهن بہ وشيہ جي بنيادي ڄاڻ ڏيڻ لاءِ ضروري آهن اهي ترجمي ۾ شامل ڪيا وڃن ٿا. خاص ڏيان قدرتي وگيان (Natural Science) ۽ سماجڪ وگيانن (Social Sciences) جي گيان سامگريءَ ڏانهن ڏنو ويندو.

NTM اوچ شڪشا جي اهڙن ٧٠ وشين جي گيان پاٺن جو ترجمو ڪرائي ٿي جيڪي وشيہ يونيورسٽي گرانٽ ڪميشن ۽ آل انڊيا ڪائونسل فار ٽيڪنيڪل ايڊيوڪيشن پاران منظور ڪيا ويا آهن.

گيان پاٺن جي کيتر ۾ NTM جي ڪوششن جا ٿيندڙ فائدا

- الڳ الڳ کيترن ۾ گيان سامگريءَ جي موجودگيءَ جي ڪميءَ کي پورو ڪرڻ.
- تڪنيڪي شبدن ۽ ڏارٽائن جو معياريڪرڻ (standrization) خاص ڪري قدرتي وگيانن لاءِ جيئن هڪ ڀاشا مان ٻيءَ ڀاشا ۾ سمجهڻ جي وڌيڪ سهوليت ٿئي.
- NTM جي دواران تيار ڪيل سافٽ ويئر ساڌن (Tools) تڪنيڪي شبدن ۽ ڏارٽائن جي معياريڪرڻ ۾ مدد ڪن ٿا جيڪي ڪم آڻيندڙ لاءِ سولائيءَ سان موجود هوندا.
- مول سامگري ۽ ترجمي جي وچ ۾ پوندڙ وقت جي وٿيءَ کي گهٽائڻ.

NTM جي پاران ترجمي جي سکيا :

ترجمانن جي سکيا NTM جي مکيہ سرگرمي آهي، ان سان NTM جي مقصد پوري ڪرڻ ۾ گهڻن ئي تريقن سان مدد ملي ٿي. سڀ ڪان پهرين گيان جو ڦهلاءَ. جيڪي هنن پروگرامن ۾ شامل ٿين ٿا اهي زباني طرح ان جو پرچار ڪن ٿا. جدا جدا ڀاشائن ۽ وشين

جي، NTM دوران ڪرايل ترجمن جي ڪري ترجمي جي معيار جي گهٽتائيءَ کي دور ڪرڻ ۾ مدد ٿي ملي. هنن پروگرامن جي دوران نوان ترجمان ڳولهي سگهجن ٿا. NTM جي پاران ترجمانن جي سکيا لاءِ هينيان اپاءَ ورتا ويندا.

١. خاص قسم جا ٿور وقتا ٽريننگ پروگرام هلائڻ جيئن ترت زباني انواد (interpritation)، فلمن جا هينيان سرا (Sub title)، قانون، قدرتي وگيان، وهنوارڪ وگيان، سماج وگيان وغيره جن ۾ واسطيدار وشين جي ڄاڻو ۽ ماهرن جي ضرورت هجي.

٢. ترجمانن جي لاءِ اهڙا ننڍا ڪورس ٺاهڻ جيڪي ملڪ ۾ ڀاشا شڪشا جي پروگرامن ۾ شامل ڪري سگهجن يا جيڪي ڪورس وَيڪيشنس، ڪم جي وقت يا پڙهائيءَ جي وقت کان پوءِ هلائي سگهجن.

٣. يونيورسٽين ۽ ٻين سنسٿائن ۾ ترجمي جي ٽيڪنالاجيءَ سان واسطيدار خاص ڪورسن کي همٿائڻ، انهن لاءِ سهيوڳ ۽ مدد ڪرڻ.

٤. تعليمي مقصدن جي برٿوابيءَ لاءِ وديارٿين ۽ ٻين کي ڪوجناڪاريه لاءِ همٿائڻ، جن جو واسطو خاص طرح سان مقرر ڪيل سامگريءَ جا سٺا ترجما ميسر ڪرڻ هجي.

٥. ڀارتييه ڀاشائن ۾ ترجمي جي حوالي ۾ ودوانن جي مٿا سٺا لاءِ فيلوشپ پروگرام شروع ڪرڻ.

٦. اهڙا ورڪشاپ هلائڻ جتي ماهر ۽ سکيا وٺندڙ ڪنهن خاص پاٺ جي نموني بابت ويچارن جي ڏي وٺ ڪن ۽ گيان جي ڄاڻ، ٽرمنالاجي، سنسڪرتي ۽ ڀاشا جي حوالي ۾ پيدا ٿيندڙ سوال حل ڪن.

٧. ترجمن جي ملهه ڪٿ، سنپادن ۽ ڪاپي سنپادن لاءِ ورڪشاپ هلائڻ.

CIIL ۽ انوڪرتيءَ طرفان ڪيل اوائلي ڪوششون

- سينٽرل انسٽيٽيوٽ آف انڊين لينگوجس ميسور (CIIL) ’انوڪرتي‘ءَ نالي سان ترجمي جو پروجيڪٽ شروع ڪيو آهي. انوڪرتيءَ جي پاران هيٺ ڏنل هينيون حاصلاتون ڪيون ويون آهن.
- ترجمي جي سهوليت - انوڪرتيءَ جي پاران www.anukriti.net نالي سان ويب سائيٽ شروع ڪئي وئي آهي جنهن کي لڳاتار وڌايو پيو وڃي ۽ هر وقت گهربل ڄاڻ ميسر ڪئي پئي وڃي.

- آن لائين تي ترجمي جي مخزن 'ٽرانسليشن ٽوڊي' (Translation Today) نيم سان شايع ٿيندي ٿي رهي.
- ترجمي جو 'ڊيٽا بيس' ۽ ترجمانن جو قومي رجسٽر نيم سان رکيو ٿو وڃي.
- انگريزي ۽ ڪنڙ ڀاشائن جي شروعاتي آدرش مشين ٽرانسليشن اسڪيم هلائي پئي وڃي.
- مشهور پبلشرن وٽان پبلش ٿيل ترجمن جي لسٽ هٿ ڪري اها ويب سائيٽ تي وڌي وڃي ٿي.
- ڀارت ۾ ۽ ڀارت کان ٻاهر ترجمي جي ڪورسن جي وچور هٿ ڪرڻ ۽ اها ويب سائيٽ تي وجهڻ.
- پروفيشنل ترجمو ايجنسين سان واسطو قائم ڪيو ويو آهي.
- ترجمانن کي آن لائين ترجمي جي سافٽ ويئر کي خريد ڪرڻ جي سهوليت لاءِ آن لائين تي ترجمي جو سافٽ ويئر وڌو ويو آهي.
- ترجمي جي اڀياس سان واسطيدار وصفي (تڪنيڪي) لفظن جي ڊڪشنري ۽ ڪتابن جي پوري ڄاڻ ڏيندڙ لسٽ (Bibilography) تيار ٿيڻ جي ويجهو آهي.

LDC-IL

- LDC-IL قائم ڪيو ويو آهي جيئن ڀارتي ڀاشائن سان واسطيدار ڀاشا وگيان ۽ ڀاشا جو Corpus تيار ڪندڙن ڪوجنيڪن کي مدد ملي سگهي. ڀاشا ٽيڪنالاجيءَ لاءِ ڀاشا جي ڊيٽا تمام اهم جزو آهي. خاص ڪري ان جي ڪوجنا ۽ وڪاس لاءِ.LDC-IL هندي ۽ ٻين ڀاشائن کي مشين دواران پڙهڻ لائق ناهڻ ۾ مدد ڪري ٿي. ان سان واسطيدار سوال جيئن گڏ ڪرڻ، پروسيسنگ، تعداد جو فيصلو ڪرڻ لاءِ گهڻن ئي وشيہ ڪيترن جيئن ڀاشا وگيان، انگ شاستر (Statistics)، انجنيئرنگ وغيره کي جوڙڻ جي ضرورت آهي.
- ان سان گڏ ڀارتي ڀاشائن لاءِ ڀاشا وگيانڪ ڊيٽا بيس پاٺ سامگري شبد ڀنڊار وغيره ڀاشا وگيانڪ ساڌنن جي روپ ۾ سيني ڀارتي ڀاشائن لاءِ تيار ڪرڻ.
- اهڙو ڊيٽا بيس قائم ڪرڻ لاءِ الڳ الڳ سنسٿائن کي سهوليتون ڏيڻ.
- ڊيٽا گڏ ڪرڻ ۽ 'ڪارپورا' کي سنڀالي رکڻ لاءِ معيار مقرر ڪرڻ جيئن اهي ڪوجنا ۽ واڌاري جي سرگرمين لاءِ موجود هجن.

- ڊيٽا ڪليڪشن ۽ ان جي سار سنڀال لاءِ مدد ڏيڻ ۽ سهيوڳ ڪرڻ.
- ٽڪنيڪي ۽ پرڪريا سان واسطيدار سوالن تي سيمينار، ورڪشاپ وغيره جي دواران ٽريننگ جون سهولتيون ميسر ڪرائڻ.
- LDC-IL ويب سائيٽ تيار ڪندي ۽ ان جي سار سنڀال لهندي جيڪا ويب سائيٽ LDC-IL جي سڀني ساڌنن ڪي پهچڻ لاءِ مکيہ رستو ٿيندي.
- وڏي وستار ۾ استعمال ڪرڻ لاءِ گهربل ڀاشا ٽيڪنالاجي تيار ڪرائيندي ۽ ان کي حاصل ڪرڻ ۾ سهيوڳ ڏيندي.
- تعليمي سنسٿائون ۽ شخصي طرح ڪوجنا ڪاريہ ڪندڙن ۽ عام ماڻهن جي وچ ۾ ڳانڍاپو قائم ڪندي.
- مشيني ترجمو ڪرڻ جي کيتر ۾ ڪم ڪي سولو ڪرڻ واريون هي سرگرميون قومي ترجمو مشن لاءِ ڪارگر ثابت ٿينديون.
- هتي ڪلڪ (Click) ڪريو.
- LDC-IL جي پاران شروع ڪيل نئين ويب سائيٽ جي لاءِ هتي ڪلڪ (Click) ڪريو.
- CIIL جي ساڌا چار ڪروڙ داخلائن جي شبد ڀنڊار (Carpora) لاءِ هتي ڪلڪ (Click) ڪريو.
- يونيڪوڊ نموني جي CIIL-EMILE شبد ڀنڊار لاءِ هتي ڪلڪ (Click) ڪريو.

### ڪٿا پارتي

اڄ جي زماني ۾ سڀني ڀاشائن جو واڌارو ۽ وڪاس ٻاهرين ۽ اندرين جدا جدا قسمن جي دٻاون ۽ چڪتاڻ سبب ٿئي ٿو. اها چڪتاڻ هر هڪ ڀاشا سمدايہ جي سرجناتمڪ ساهتيہ ۾ ظاهر ٿئي ٿي. هڪ ٻئي کان ان کيتر ۾ سکڻ لاءِ گهڻو ڪڇ آهي، بشرطيڪ اهڙي سنسٿا هجي جيڪا جدا جدا ڀاشا گروپن جي وچ ۾ پل ٺاهڻ جو ڪم ڪري. ساهتيہ اڪادمي جيڪا هندستان جي قومي ساهتڪ سنسٿا آهي ۽ سينٽرل انسٽيٽيوٽ آف انڊين لينگوجس جيڪا سڀني ڀارتي ڀاشائن ۽ ڀاشا وگيان جي ڀارت سرڪار دواران قائم ڪيل مرڪزي سنسٿا آهي، اهي ٻئي سنسٿائون ترجمي ڏانهن صحيح نموني ڏيان چڪائي ڀاشائن جي وچ ۾ ۽ ٻاهرين دنيا سان سنبنڌ قائم ڪرڻ لاءِ چڱيون ڪوششون ڪري رهيون

آهن. ان مقصد کي خيال ۾ رکي CIIL، ساهتيه اڪادميءَ سان گڏجي 'ڪٿا ڀارتي' سٿاپنا ڪئي آهي جيئن مکيه ڀارتي ڀاشائن ۾ لکيل عاليٰ درجي جون رچنائون انترراشٽرييه ڪيتر تائين اول انگريزيءَ ۾ ۽ ٻين مکيه ڀاشائن ۾ پهچن.

ڪٿا ڀارتي مکيه X رتنا پروجيڪٽ آهي جيڪو سينٽرل انسٽيٽيوٽ آف انڊين لينگوجس ۽ ساهتيه اڪادمي هڪ ٻئي جي سهيوڳ سان شروع ڪيو آهي جيئن ١٠٠ ڪٿا ساهتيه جا شاهڪار (ناول، ڪهاڻيون) ڀارتي ڀاشائن مان مکيه طرح سان اول انگريزيءَ ۾ پوءِ آخر ٻين ڀاشائن، فرينچ، جرمن، اسپينش، اٽالين ۽ هندي ۾ ڪجهه وقت رکي (ٻئي دَور ۾) الڳ الڳ ڀارتي ڀاشائن ۾ پبلڪيشن ۽ وڪري لاءِ ترجمو ڪيا ويندا. ڪٿا ڀارتي پبلڪيشن جو سِرو رهندو : 'The Library of Indian Literary Classics'

ڪٿا ڀارتي جو پهريون پبلڪيشن 'يومي' جيڪو تيلگو ناول آهي ۽ جنهن جو اصلي ليک آهي عالم راجا ۽ جيڪو ايم سريڌر ۽ اَلادي اُما (M. Sridhar and Alladi Uma) انگريزيءَ ۾ ترجمو ڪيو آهي، اهو شايع ٿيو آهي.

هاڻي ٣٠ ڪتابن جي پبلش ڪرڻ لاءِ اجازت وٺڻ جي ڪوشش ٿي رهي آهي. ٦ ڪتاب شايع ٿيڻ لاءِ تيار آهن، ڇهن ڪتابن جي ترجمي جو رِويوُ ٿي رهيو آهي ۽ ١١ ڪتابن جو ترجمو ڪٿا ڀارتي اسڪيم جي ڀاران ٿي رهيو آهي.

وڌيڪ وچور جاڻڻ لاءِ هتي ڪلڪ (Click) ڪريو.

## ڀارت ۾ ترجمي جي پرمپرا :

هندستان ۾ ترجمي جو ڪافي پراچين اتهاس آهي. آڳاٽا ترجما، لڳي ٿو ته سنسڪرت، پراڪرت ۽ پاليءَ جي وچ ۾ ٿيا هوندا. ساڳئي وقت اُهي ڏيهي اُپرندڙ ٻولين ۽ عربي - فارسي ٻولين ۾ به ٿيا هوندا. هندستاني قصا ۽ گيان جون ڪٿائون جيئن ته رامايڻ، مهاڀارت ۽ ڀڳوت گيتا عربي ٻوليءَ ۾ ٨ کان ١٩ صديءَ تائين پئي ترجمو ٿيا. ان کان سواءِ فارسيءَ ۾ هندستاني ساهتيه جي پڻ ڪافي ڏي وٺ ٿي. سنسڪرت جا ڪتاب مکيه طور ڀڳوت گيتا ۽ اپنشد پڻ ڏيهي ٻولين ۾ ترجمو ڪيا ويا. ڀڳتي هلچل جي وقت سنت ڪوي گيانيشور گيتا جو انواد 'گيانيشوري' نالي سان مرهٽي ٻوليءَ ۾ ڪيو. رامايڻ ۽ مهاڀارت جهڙن مهاڪاوين جا ڪيترا ئي آزاد ترجما پڻ گهڻين ئي ٻولين ۾

ٿيا. مثال طور پمپا، ڪمبر، مولا، ازوتاچن، تلسيداس، پريمانند، ايڪناٿ، پلرامداس، ماڌو ڪندالي ۽ ڪرتيباس پاران ڪيل الٿا ڏسي سگهجن ٿا.

بينڪشاهيءَ جي وقت هندستاني ٻولين خاص ڪري سنسڪرت ۽ يوروپي ٻولين جي ترجمن ۾ ڪافي گهڻو واڌارو ٿيو. جيتوڻيڪ جرمن، فرينچ، اٽالين ۽ اسپينش ٻولين ۽ ڀارتي ٻولين ۾ به ترجما ٿيا پر انگريزيءَ جو وڏيڪ اثر رهيو ڇو ته اها حڪمرانن جي ٻولي هئي. انگريزي ٻوليءَ ۾ ترجمي جي حد وڃي وليم جونس دواران ڪاليداس جي ناٽڪ، ’ايگيانم شڪنتلا‘ سان ٿي. ’شڪنتلا‘ جهڙي رچنا، هندستانين جي فخر لائق سنسڪرتي ۽ ڀارتي چيتنا جي مکيه رچنا جو ڪم ڪري ٿي. اهو ٻڌائي ٿو ته ڇو اهو ڪتاب ١٩ صديءَ ۾ هندستان جي ڏهن ڪان به وڏيڪ ٻولين ۾ ترجمو ٿيو. انگريزن جو نظريو ترجمن بابت پراچين سنسڪرتيءَ جي آدرش کي سمجهڻ جو هئو. سندن ضرورت هئي ته نوان حڪمران ان آدرش کي سمجهن ۽ الڳ الڳ حوالن ۾ انهن کي جوڙين جيئن کين حڪومت ڪرڻ ۾ سهوليت ٿئي. انهن پنهنجي خيال ۽ سهوليت موجب هندستان بابت پنهنجو تصور پيش ڪيو، جڏهن ڪ هندستاني ترجمانن انگريزن جي ترجمن کي وڌايو، غلطيون سڌاريون، بدلايو ۽ سندن سمجهاڻيءَ کي غلط ثابت ڪيو پر اهو سڀ نئين ساهتيه جي بنسبت پراچين گرنٿن جي حوالي ۾ هئو. راجا رام موهن راءِ دواران ’شنڪر آچاريه‘ جي ’ويدانت‘ ۽ ’ڪين‘ ۽ ’ايسوسيه اُپنشد‘، جا ڪيل ترجما مغربي عالمن جي ترجمن کي رد قد ڏيڻ جي ڀارتي ودوانن دواران ڪيل پهرين ڪوشش هئي. ان بعد آر. سي. دت ’رگ ويد‘، ’اُپنشد‘، ’رامايڻ‘، ’مهاڀارت‘ ۽ ڪن ڪلاسيڪل سنسڪرت ناٽڪن جو ترجمو ڪيو. هنن ترجمن جو مقصد انگريزن دواران هندستانين کي عيش پرست، سک چاهيندڙ، خيالي، هيٺا ۽ آلسي سمجهڻ جي خيال کي غلط ثابت ڪرڻو هئو. ان ڪان پوءِ ٻين ڪيترن دواران گهڻا ئي ترجما ڪيا ويا ۽ جڻ ترجمن جي ٻوڏ اچي ويئي. ترجمو ڪندڙن ۾ مکيه هئا - دين بنڌومتر، اروندو ۽ رويندرناٿ ٽئگور. هندستاني ٻولين ۾ به ان ئي عرصي ۾ ساهتيه جي ترجمن جو سلسلو شروع ٿيو، البت محدود نموني ٿي.

حقيقت اها آهي ته ڀارت جي پڙهيل طبقي جو به انگريزيءَ جي مٿان اجا اهڙو

ضابطو ڪون آهي ۽ انهن جي صحيح طاقت ساهتڪ ۽ گيان سامگري جي پارتي پاشائن ۾ ترجمي سان ئي ممڪن آهي. هن ڏس ۾ گانڌيجيءَ جا ترجمي بابت ويچار واسطيدار آهن- ”مان انگريزيءَ کي انٽرنئشنل واپار ۽ ڊنڊي جي پاشا سمجهان ٿو ۽ ان ڪري اهو ضروري آهي تہ ڪي شخص اها ٻولي سکن ۽ جن کي ٻوليءَ تي ضابطو آهي، مان چاهيندس تہ اهو سندن فرض ٿيندو تہ اهي انگريزيءَ جا شاهڪار ڪتاب هندستاني ٻولين ۾ ترجمو ڪن“. گانڌيجيءَ جو اهو ويچار پڻ هو تہ تعليم جي انگريزي ماڊيم ڪري هندستاني ٻولين جي واڌاري ۾ رُڪاوٽ پوندي.

ايل. ايم. خوبچندانيءَ جو چوڻ آهي تہ انگريزن جي شروع ڪيل تعليمي سرشتي کان اول هندستان ۾ پانشالائون ۽ مڪتب هوندا هئا جن جو مقصد ٻارن ۾ شروعاتي سماجڪتا پيدا ڪرڻ ۽ پاشائي هُنُر کي سلسليوار وڌائي مڪاني ٻوليءَ جي ڄاڻ ڏيڻ کان وٺي اوچي درجي جي طبقي دواران استعمال ٿيندڙ ٻوليءَ جي سلسليوار ڄاڻ ڏيڻ هئي. اهڙيءَ ريت سکندڙ کي گهٽين ئي ڪم ايندڙ ٻولين ۽ لپين جي ڄاڻ حاصل ٿيندي هئي. انگريزن کي هندستان ۾ هلندڙ هيءُ ٻهو ٻولي سرشتو تڪليف ڏيندڙ لڳو ان ڪري انهن تعليم لاءِ هڪ پاشا جي سرشتي کي اڳرائي ڏيندي انگريزي ۽ ڏيهي پاشائن جي وچ ۾ وروڌ پيدا ڪيو. ميڪالي جو ’هندستاني تعليم جو سار‘ (١٨٣٥) ۽ ان کان اول لکيل انگريزن جي ليکن ۾ هندستاني ٻولين کي نظرانداز ڪيو ويو. انگريزن جي راڄ کان پوءِ جي وقت ۾ يونيسڪو دواران اها سفارش ڪئي وئي تہ ٻار منووگيانڪ، سماجڪ ۽ تعليمي روپ سان پنهنجيءَ ٻوليءَ ۾ جلدي ۽ چڱيءَ طرح سکي سگهندو آهي.

ان ڪري اسان کي پنهنجي اسڪولن سان گڏ پنهنجي پنهنجي سماج ۾ بہ انهن الڳ الڳ ٻولين جو استعمال ڪرڻ گهرجي جيڪي ٻوليون سماج ۾ استعمال ٿي رهيون آهن. اهو تڏهن ممڪن آهي جڏهن ماسترن ۽ ٻارن کي ساهتيہ ۽ گيان جا گهڻا ئي ترجما ميسر ڪرايا وڃن. اهو پڻ ضروري آهي تہ اهڙي خاص سامگري سيني هندستاني ٻولين ۾ رڳو اوچ ترجمي جي روپ ۾ ئي نہ بلڪ ساڌارڻ ترجمي جي روپ ۾ بہ ميسر ڪرائي وڃي.

اسان جو اهو پڪو وشواس آهي تہ اهو گيان سيني ماڻهن - (مڙدن توڙي عورتن)

جيڪي اهو گيان پراپت ڪرڻ لاءِ آتا آهن، انهن کي پنهنجي مادري ٻوليءَ ۾ اهو ميسر ڪرايو وڃي. هن مکيه خيال مان ئي 'قومي ترجمو مشن' NTM جو خيال اپريو آهي.

پارٽ ۾ ترجمي جا ڪورس ۽ اڀياس

يونيورسٽي جو نالو -

هلايا ويندڙ ڪورس

- ڪنڙ يونيورسٽي - همپي ڪرناٽڪ

ترجمي جي اڀياس ۾ Ph.D (ٿوري وقت ۽ پوري وقت لاءِ)

ترجمي جي اڀياس ۾ M.Phill (هڪ سال نيمت اڀياس)

- دور اڀياس ڪيندر ڪنڙ يونيورسٽي - همپي ڪرناٽڪ

ترجمي جي اڀياس ۾ پوسٽ گريجوئيٽ ڊپلوما (هڪ سال)

- انملائي يونيورسٽي

وهنوارڪ ڀاشا وگيان ۽ ترجمي ۾ M.A

ترجمي جي اڀياس ۾ M.A

ڀاشا وگيان ۾ Ph.D (ترجمي سان گڏ)

ترجمي جي اڀياس ۾ M.Phill

ترجمي جي اڀياس ۾ پوسٽ گريجوئيٽ ڊپلوما

- حيدراباد يونيورسٽي (CALTS)

ترجمي جي اڀياس ۾ Ph.D

ترجمي جي اڀياس ۾ M.Phill

- حيدراباد يونيورسٽي (هندي وڀاڳ)

ترجمي ۾ ڊپلوما

ڏيوسايڪ ترجمي ۾ ايڊوانسڊ ڊپلوما
ترجمي جي اڀياس ۾ پوسٽ گريجوئيٽ ڊپلوما

- حَيدرآباد يونيورسٽي (دور اڀياس ڪيندر)
ترجمي جي اڀياس ۾ پوسٽ گريجوئيٽ ڊپلوما (PGDTS)

- هماچل پرديش يونيورسٽي
ترجمي جي اڀياس ۾ M.Phill

- وشو ڀارتي يونيورسٽي
وهنوارڪ هندي ۾ M.A (ترجمو)

- جمو يونيورسٽي
عردو وهنوارڪ اڀياس ۾ پوسٽ M.A

- EFL يونيورسٽي (اول واري CIEFL) حَيدرآباد، ترجمو اڀياس ڪيندر)
ترجمي جي اڀياس ۾ پوسٽ گريجوئيٽ ڊپلوما

- ڪيرل يونيورسٽي
ترجمي ۾ پوسٽ گريجوئيٽ ڊگري

- مدرائي ڪامراج يونيورسٽي
ترجمي ۾ پوسٽ گريجوئٽ ڪورس

- پٽني يونيورسٽي
ترجمي ۾ سرٽيفڪيٽ ۽ ڊپلوما ڪورس

- تمل يونيورسٽي - ٿنجاور
ترجمي ۾ ڊپلوما ڪورس

- پنڊت روي شنڪر شڪلا يونيورسٽي
ترجمي ۾ سرٽيفڪيٽ ڪورس

- سوامي راماننڊ تيرٿ مراٺواڙا يونيورسٽي
ترجمي ۾ سرٽيفڪيٽ ڪورس

- آگرا يونيورسٽي، ڪي. ايم انسٽيٽيوٽ
ترجمي ۾ ڊپلوما ڪورس

گهڻو ڪري پڇيا ويندڙ سوال

۱. مان NTM جو ميمبر ڪيئن ٿي سگهندس ؟/ مان پاڻ کي NTM جي ترجمان جي روپ ۾ رجسٽر ڪرائڻ چاهيان ٿو، ان لاءِ مون کي ڇا ڪرڻو آهي ؟ / مان NTM ۾ انڊر گرئجوئيٽ جي روپ ۾ پاڻ کي داخل ڪرائڻ چاهيان ٿو ان لاءِ مان ڇا ڪريان ؟

جواب : توهين http://www.ntm.org.in/register-ntm.asp تي پنهنجي وچوروار سوچنا داخل ڪريو. توهان کي جلد ئي ان بابت جواب ملندو.

۲. مان NTM جي سايي هيٺ هڪ خاص ڪتاب جو ترجمو ڪرڻ ۽ شايع ڪرڻ ٿو چاهيان ان لاءِ مان ڇا ڪريان ؟

جواب : توهين پنهنجي پروجيڪٽ جي وستار سان رٿا ٺاهي ان سان گڏ پنهنجي ڪم جو ڪو نمونو شامل ڪري اسان کي موڪليو. اسان جي ٽيم ان جي ملهه ڪٿ ڪندي ۽ توهان کي پنهنجي ماهرن جي راءِ کان واقف ڪندي.

۳. NTM سان جڙڻ لاءِ ڪهڙيون ضروري لياقتون گهرجن ٿيون ؟

جواب : ترجمانن جي ضرورتن جي خيال کان NTM هڪ نرالي سنسٿا آهي. مول ڀاشا جي ۽ جنهن ڀاشا ۾ انواد ڪجي انهن جي مهارت ۽ وقت تي ڪم پوري ڪرڻ جي لياقت کان سواءِ NTM کي توهان وٽان ٻيو ڪجهه خاص نه گهرجي. عمر، تعليمي لياقت، رهڻ جو هنڌ وغيره جو NTM جو ترجمان بڻڻ لاءِ ڪنهن به قسم جو ٻنڌن ڪونهي.

٤. منهنجي مثان اِتي رهڻ جو ٻنڌن آهي ڇا ان ڪان سواءِ ٻہ مان NTM سان جڙي سگهان ٿو؟
جواب : NTM جي رچنا ترجمي ڪي وڌائڻ ۽ ترجمي جي خواهش رکندڙن کي اتساھ ڏيارڻ لاءِ آهي. ڪنهن خاص هنڌ تي رهڻ جو ٻنڌن هن پروجيڪٽ جي لاءِ رڪاوٽ نہ آهي. توهين دنيا جي ڪنهن ٻہ حصي ۾ رهندي هن پروجيڪٽ سان جڙي سگهو ٿا.

٥. ملٽي ميڊيا ترجمي سان ڪهڙو مطلب آهي ؟
جواب : عام طرح سان لکيل ۽ ڳالهايل دستاويزن جو ترجمو ڪيو ويندو آهي يا انهن جي سمجهاڻي ڏني ويندي آهي. ملٽي ميڊيا ترجمي ۾ مٿين ٻڌايل ٻن ترجمي جي ريتين کان سواءِ هر قسم جو ترجمو شامل آهي. مثال طور بيان ڪرڻ، پنيان آواز ڏيڻ جي سيوا، فلمن وغيره جا هيٺيان سرا ڏيڻ، ويب سائيٽ جو انواد ۽ گهڻ ڀاشائي ڊيسڪ ٽاپ پبلڪيشن، ملٽي ميڊيا ترجمي جي حدن ۾ اچن ٿا.

٦. پنيان آواز ڏيڻ ۽ بيان ڪرڻ (narration) ڇا ترجمي جي پروجيڪٽ جو حصو آهن ؟
جواب : CIIL جي طرفان اهڙيون گهڻيو ئي رٿائون ٺاهيون ويون آهن جنهن ۾ پنيان آواز ڏيڻ ۽ بيان ڪرڻ، وغيره تي ڪم ڪيو ويو آهي. ان قسم جي ڪم کي سولو ۽ اثرائتو بڻائڻ لاءِ سنسٿان جي اندر ئي هڪڙو ويوسايڪ اسٽوڊيو قائم آهي. جيڪڏهن ڪنهن پروگرام لاءِ ان خاص ساڌن جي ضرورت هوندي تہ NTM ان جو استعمال ضرور ڪندي.

٧. ڇا توهين ترجمي جي لاءِ ڪنهن ساڌن جو استعمال ڪندا ؟
جواب : اوچي درجي جا ساڌن جيئن ڊڪشنريون، ترجمي لاءِ آڌار سافٽ ويئر، ورڊنيٽ وغيره NTM جي ڪجھ مقصدن مان آهن. اهي ساڌن انهن ماڻهن جي لاءِ ميسر ٿي سگهندا جيڪي هن جو فائدو وٺڻ چاهيندا.

٨. مان ڪنهن پاٺ جو ترجمو ڪرڻ لاءِ ڪهڙي قسم جي ڍانچي جو استعمال ڪريان ؟
جواب :
٩. مان ڪنهن ترجمي بابت انومانُ ڪيئن حاصل ڪيان ؟
جواب :

۱۰. ڇا ترجمانن جي چونڊ ڪرڻ لاءِ ڪوئي اهڙو ڪورس يا ڄاڻ جو طريقو (orientation) موجود آهي ؟

جواب : NTM جو هڪ مکيه اديش ترجمانن کي خاص قسم جي تعليمي سکيا ڏيڻ آهي جيڪا هن سرگرميءَ لاءِ ضروري آهي. NTM ثور وقتا سکيا جا ڪورس هلائي ترجمو ڪرڻ لاءِ ڪورس، ملهه ڪٿ جا پاٺيڪرم جي وڪاس ۾ سهيوڳ ۽ سهايتا دوارا پريوجنا جي پروتساهن دوارا فيلوشپ جا ڪاريڪرم شروع ڪرڻ دوارا خواهشمند ترجمانن جي مدد ڪندو ۽ ترجمانن جي ترجمي جي ملهه ڪٿ، انهن جو سنپادن ۽ ڪاپي سنپادن ڪرڻ جي لاءِ ٻين قسمن جون ڪوشش به ڪندو.

۱۱. ڇا مان پنهنجي پسند جو ڪو به ڪتاب ترجمو ڪري سگهان ٿو يا NTM مون کي پنهنجي پسند جو ترجمي وارو ڪتاب ڏيندي ؟

جواب : NTM جي گيان سامگريءَ جو ڊيٽا بيس ترجمو ڪرڻ جي سامگريءَ جو آڌار ٿيندو.

NTM جي غير واسطيداري :

NTM پنهنجي ويب سائيٽ تي جدا جدا قسم جي رپورٽ ڏئي ٿي جيئن يونيورسٽي، انسٽيٽيوشنس ۽ ٻين سنسٿائن جي ڄاڻ جيڪا Download ڪيل هوندي آهي يا ئي-ميل جي دوارا موڪليل هوندي آهي. ان قسم جي سامگريءَ جي ڄاڻNTM پنهنجي ويب سائيٽ www.ntm.org تي عام ماڻهن جي ڄاڻ لاءِ هڪ قسم جي سيوا جي روپ ۾ ميسر ڪندي آهي.

هن ڄاڻ ۾ ٿي سگهي ٿو گهٽ وڌائي هجي، ٽائپنگ جون ڪي غلطيون هجن، بنا سوچنا جي ڄاڻ ۾ تبديل ڪئي هجي ان لاءِ ويب سائيٽ ڪنهن به قسم جي آڇ يا ٺاهه جي ڳالهه نٿي ڪري.

سيوا جي خيال کان اسين ٻين ويب سائيٽ جي ڳانڍاپي (links) جي ڄاڻ به اهو سوچي ڏيون ٿا ته اسين محسوس ڪيون ٿا ته واسطيدار وشيه بابت وڌيڪ ڄاڻ هوندي پر انهن ويب سائيٽ بابت جن سان توهان واسطو قائم ڪيو هجي، اسين ڪنهن به قسم جي جوابداري نه ٿا کڻون. جڏهن توهين ntm.org.in ويب سائيٽ کانسواءِ ٻي ڪنهن

ويب سائيٽ سان واسطو قائم ٿا ڪيو تڏهن توهان کي سمجھڻ گهرجي تہ اها ويب سائيٽ NTM جي ويب سائيٽ کان الڳ، آزاد ويب سائيٽ آهي جنهن جي مٿان اسان جو ڪو بہ ضابطو ڪونهي ۽ تنهن کان سواءِ NTM جي ويب سائيٽ کان سواءِ اسان جي ٻڌايل ڳانڍاپي جو اهو مطلب نہ آهي تہ اسين انهن جي دوران پيش ڪيل سامگري، ساڌن ۽ سيوائن جي موجودگيءَ بابت ڪا بہ جوابداري کڻون ٿا.

www.ntm.org.in ڪنهن بہ حوالي ۾ سڌي يا اڻ سڌي نموني، خاص يا نتيجي طور ٿيل نقصان بابت، يا هن ويب سائيٽ جي دوران ڏنل سوچنا يا سامگري ميسر ڪرڻ يا ڪا بہ سوچنا يا چاڻ يا رپورٽ ميل ذريعي يا download ڪرڻ سبب يا ڪنهن ٻيءَ ويب سائيٽ جي ڳانڍاپي ڏيڻ سبب جنهن ۾ بيحد ٿيل فائدي جو نقصان پوڻ، ڏنڏي ۾ نقصان جي ٿيڻ جي سنڀاونا کان ساوڌان ڪيو هجي NTM جي ڪا بہ جوابداري نہ رهندي. ‘As-Is’ بنا ڪنهن ضمانت يا ڪنهن خاطريءَ جي چاهي ڪليل نموني يا انومان موجب، جنهن ۾ سڀ شامل هجي پر جنهن جي ڪا سيما (limit) نہ هجي. انومان موجب ڏنڏي جي ضمانت جنهن ۾ ڪنهن خاص مقصد جي برابري يا دخل اندازي بہ شامل آهي، جي لاءِ سائيٽ www.ntm.org جوابدار نہ آهي.

# قومي ترجمو مشن

## رٿا جو تفصيلوار بيان

## سنڌي ترجمو

## (عربي لپيءَ ۾)

●

ترجمو

اِنڊين انسٽيٽيوٽ آف سنڌالاجي

آديپور ڪڇ - ٣٧٠٢٠٥

## قومي ترجمو مشن
## رٿا جو تفصيلوار بيان


- ديباچو ۲
۱. حوالو ۵
۲. مسئلن ڏانهن ڌيان ڏيڻ ۱۰
- تڪنيڪي ۽ وگيانڪ لفظن جي گهرج ۱۰
- ترجمانن جي سکيا ۱۰
- چاڻ جو ڦهلاءُ ۱۱
- مشهوري ۽ مالي طورِ جيئڻ جوڳو ۱۲
- ترجمي جو پرچار ۱۳
۳. رٿا جو مقصد ۱۵
۴. فائدو وٺندڙن جي نشان ڏهي ۱۶
۵. رٿا پوري ڪرڻ جا اپاءَ ۱۹
۶. قانوني رچنا ۲۴
۷. لڳاتار هلندڙ ڪوششون ۲۷
- شروعاتي پروجيڪٽ - انوڪرتي ۲۷
- NCERT جي پاران ڪيل ڪاريہ ۲۸
- پارت ۾ شايع ٿيل ترجما ۲۸
- ڪورس ۳۰
۸. تڪنيڪي سوال ۳۶
۹. ڪاروباري بندوبست ۳۸
- رٿا سلاحڪار ڪاميٽي ۳۸
- NTM سوسائٽيءَ جي ميمبرشپ ۳۹
- عملي جي پورائي ۴۰
- اسٿان ۴۱
۱۰ مالي ذريعا ۽ رٿا جي شروعات ۴۳
- مالي ذريعا ۴۳
- خرچ جو تخمينو ۴۳
- ڪمن تي خرچ ۴۴
- شروعاتي قدم ۴۸
۱۱ نچوڙ ۵۱
ضميمو ۱ : ترجمي جي اديوگ ڪي وڌائڻ ۵۳
ضميمو ۲ : قومي ترجمو مشن لاءِ رٿا ۵۷

## قومي ترجمو مشن

## رٿا جو تفصيلوار بيان

ديباچو :

هندستان ۾ ترجمي جو ڪافي پراچين اتهاس آهي. آڳاٽا ترجما، لڳي ٿو ته سنسڪرت، پراڪرت ۽ پاليءَ جي وچ ۾ ٿيا هوندا. ساڳئي وقت اُهي ڏيهي اُپرندڙ ٻولين ۽ عربي - فارسي ٻولين ۾ به ٿيا هوندا. هندستاني قصا ۽ گيان جون ڪٿائون جيئن ته رامايڻ، مهاڀارت ۽ ڀڳوت گيتا عربي ٻوليءَ ۾ ٨ کان ١٩ صديءَ تائين پئي ترجمو ٿيا. ان کان سواءِ فارسيءَ ۾ هندستاني ساهتيه جي پڻ ڪافي ڏي وٺ ٿي. سنسڪرت جا ڪتاب مکيه طور ڀڳوت گيتا ۽ اپنشد پڻ ڏيهي ٻولين ۾ ترجمو ڪيا ويا. ڀڳتي هلچل جي وقت سنت ڪوي گيانيشور گيتا جو انواد ’گيانيشوري‘ نالي سان مرهٽي ٻوليءَ ۾ ڪيو. رامايڻ ۽ مهاڀارت جهڙن مهاڪاوين جا ڪيترا ئي آزاد ترجما پڻ گهڻين ئي ٻولين ۾ ٿيا. مثال طور پمپا، ڪمبر، مولا، ازوٿاچن، تلسيداس، پريمانند، ايڪناٿ، ٻلرامداس، ماڌو ڪنڊالي ۽ ڪرتيباس پاران ڪيل الٿا ڏسي سگهجن ٿا.

بينڪشاهيءَ جي وقت هندستاني ٻولين خاص ڪري سنسڪرت ۽ يوروپي ٻولين جي ترجمن ۾ ڪافي گهڻو واڌارو ٿيو. جيتوڻيڪ جرمن، فرينچ، اٽالين ۽ اسپينش ٻولين ۽ ٻيون ٻولين ۾ به ترجما ٿيا پر انگريزيءَ جو وڏيڪ اثر رهيو ڇو ته اها حڪمرانن جي ٻولي هئي. انگريزي ٻوليءَ ۾ ترجمي جي حد وڃي وليم جونس دواران ڪاليداس جي ناٽڪ، ’ايگيانم شڪنتلا‘ سان ٿي. ’شڪنتلا‘ جهڙي رچنا، هندستانين جي فخر لائق سنسڪرتي ۽ ڀارتي چيتنا جي مکيه رچنا جو ڪم ڪري ٿي. اهو ٻڌائي ٿو ته ڇو اهو ڪتاب ١٩ صديءَ ۾ هندستان جي ڏهن کان به وڏيڪ ٻولين ۾ ترجمو ٿيو. انگريزن جو نظريو ترجمن بابت پراچين سنسڪرتيءَ جي آدرش کي سمجهڻ جو هئو. سندن ضرورت هئي ته نوان حڪمران ان آدرش کي سمجهن ۽ الڳ الڳ حوالن ۾ انهن کي جوڙين جيئن کين حڪومت ڪرڻ ۾ سهوليت ٿئي. انهن پنهنجي خيال ۽ سهوليت موجب هندستان بابت پنهنجو تصور پيش ڪيو، جڏهن ڪ هندستاني ترجمانن انگريزن جي ترجمن کي وڌايو، غلطيون سڌاريون، بدلايو ۽ سندن سمجهاڻيءَ کي غلط ثابت ڪيو

پر اهو سڀ نئين ساهتيہ جي بنسبت پراچين گرنٿن جي حوالي ۾ هئو. راجا رام موهن راءِ دوارا ’شنڪر آچاريہ‘ جي ’ويدانت‘ ۽ ’ڪين‘ ۽ ’ايسوسيہ اُپنشد‘، جا ڪيل ترجما مغربي عالمن جي ترجمن کي رد قد ڏيڻ جي ڀارتي ودوانن دوارا ڪيل پهرين ڪوشش هئي. ان بعد آر. سي. دت ’رگ ويد‘، ’اُپنشد‘، ’رامايڻ‘، ’مهاڀارت‘ ۽ ڪن ڪلاسيڪل سنسڪرت ناٽڪن جو ترجمو ڪيو. هنن ترجمن جو مقصد انگريزن دوارا هندستانين کي عيش پرست، سک چاهيندڙ، خيالي، هيٺا ۽ آلسي سمجهڻ جي خيال کي غلط ثابت ڪرڻو هئو. ان کان پوءِ ٻين ڪيترن دوارا گهڻا ئي ترجما ڪيا ويا ۽ چڱن ترجمن جي ٻوڏ اچي ويئي. ترجمو ڪندڙن ۾ مکيہ هئا - دين بنڌومتر، اروندو ۽ رويندرناٿ ٽئگور. هندستاني ٻولين ۾ بہ ان ئي عرصي ۾ ساهتيہ جي ترجمن جو سلسلو شروع ٿيو، البت محدود نموني ٿي.

حقيقت اها آهي تہ ڀارت جي پڙهيل طبقي جو بہ انگريزيءَ جي مٿان اجا اهڙو ضابطو ڪون آهي ۽ انهن جي صحيح طاقت ساهتڪ ۽ گيان سامگري جي ڀارتي ڀاشائن ۾ ترجمي سان ئي ممڪن آهي. هن ڏس ۾ گانڌيجيءَ جا ترجمي بابت ويچار واسطيدار آهن- ”مان انگريزيءَ کي انٽرنئشنل واپار ۽ ڏنڏي جي ڀاشا سمجهان ٿو ۽ ان ڪري اهو ضروري آهي تہ ڪي شخص اها ٻولي سکن ۽ جن کي ٻوليءَ تي ضابطو آهي، مان چاهيندس تہ اهو سندن فرض ٿيندو تہ اهي انگريزيءَ جا شاهڪار ڪتاب هندستاني ٻولين ۾ ترجمو ڪن“. گانڌيجيءَ جو اهو ويچار پڻ هو تہ تعليم جي انگريزي ماڌيم ڪري هندستاني ٻولين جي واڌاري ۾ رُڪاوٽ پوندي.

ايل. ايم. خوبچنداڻيءَ جو چوڻ آهي تہ انگريزن جي شروع ڪيل تعليمي سرشتي کان اول هندستان ۾ پاٺشالائون ۽ مڪتب هوندا هئا جن جو مقصد ٻارن ۾ شروعاتي سماجڪتا پيدا ڪرڻ ۽ ڀاشائي هُنر کي سلسليوار وڌائي مڪاني ٻوليءَ جي ڄاڻ ڏيڻ کان وٺي اوچي درجي جي طبقي دوارا استعمال ٿيندڙ ٻوليءَ جي سلسليوار ڄاڻ ڏيڻ هئي. اهڙيءَ ريت سکندڙ کي گهٽين ئي ڪم ايندڙ ٻولين ۽ لپين جي ڄاڻ حاصل ٿيندي هئي. انگريزن کي هندستان ۾ هلندڙ هيءُ ٻهو ٻولي سرشتو تڪليف ڏيندڙ لڳو ان ڪري انهن تعليم لاءِ هڪ ڀاشا جي سرشتي کي اڳرائي ڏيندي انگريزي ۽ ڏيهي ڀاشائن جي

وچ ۾ وروڌ پيدا ڪيو. ميڪالي جو 'هندستاني تعليم جو سار' (١٨٣٥) ۾ ان ڪان اول لکيل انگريزن جي ليکن ۾ هندستاني ٻولين کي نظرانداز ڪيو ويو. انگريزن جي راڄ ڪان پوءِ جي وقت ۾ يونيسڪو دواران اها سفارش ڪئي وئي تہ ٻار منوو گيانڪ، سماجڪ ۽ تعليمي روپ سان پنهنجيءَ ٻوليءَ ۾ جلدي ۽ چڱيءَ طرح سکي سگهندو آهي.

ان ڪري اسان کي پنهنجي اسڪولن سان گڏ پنهنجي پنهنجي سماج ۾ بہ انهن الڳ الڳ ٻولين جو استعمال ڪرڻ گهرجي جيڪي ٻوليون سماج ۾ استعمال ٿي رهيون آهن. اهو تڏهن ممڪن آهي جڏهن ماسترن ۽ ٻارن کي ساهتيہ ۽ گيان جا گهڻا ٿي ترجما ميسر ڪرايا وڃن. اهو پڻ ضروري آهي تہ اهڙي خاص سامگري سيني هندستاني ٻولين ۾ رڳو اوچ ترجمي جي روپ ۾ ئي نہ بلک ساڌارڻ ترجمي جي روپ ۾ بہ ميسر ڪرائي وڃي.

اسان جو اهو پڪو وشواس آهي تہ اهو گيان سيني ماڻهن - (مڙدن توڙي عورتن) جيڪي اهو گيان پراپت ڪرڻ لاءِ آتا آهن، انهن کي پنهنجي مادري ٻوليءَ ۾ اهو ميسر ڪرايو وڃي. هن مکيہ خيال مان ئي 'قومي ترجمو مشن' NTM جو خيال اپريو آهي.

## ڀاڱو - ١
## پرڌان منتريءَ جو بيان

اصل ۾ ’قومي ترجمو مشن‘ جو خيال ڀارت جي پرڌان منتريءَ جي ڀاران ڪوٺايل ’قومي گيان ڪميشن‘ جي پهرين ميٽنگ ۾ ظاهر ٿيو جنهن ۾ پرڌان منتريءَ چيو ته ترجمي دوران گيان جي ڪيترن اهم ڪيترن سان واسطيداري قائم ڪري سگهجي ٿي. ماڻهن جي تعليم ۾ حصيداريءَ جي سلسلي ۾ ڪشادو ۽ مضبوط ڪيو وڃي. شري سَيم پترودا جي پرڌانپڻي هيٺ هلندڙ ڪميشن کي لڳو ته جلد ئي ترجمي جي ڪم کي اڳيان وڌائڻ لاءِ ترجمي جي الڳ سنسٿا يا مشن جي ضرورت آهي.

حوالو

اهو سچ آهي ته ترجمو هڪ لڳاتار هلندڙ سرگرمي آهي. هن ڪاريه ۾ ماڻهن جي سرجناتمڪ حصيداريءَ جي ضرورت آهي جيڪا مڪيه طرح سان ڏاڍي گهٽ وڌ نموني ۽ دست اندازيءَ واري پئي رهي آهي. اِها گهٽ وڌائي گهٽڻ ئي خيالن کان ڏسجي ٿي، جيئن ترجمي سان واسطيدار گيان جي شاخائن ۽ ڀاشائن دوران ۽ ترجمي جي سنائي، ان جي ورهاست ۽ حاصلات جي حوالي ۾. ڪيترن ئي ڪيترن جيئن ساهتيه، نچ سائنس، وهنوارڪ سائنس، سماجڪ سائنس، قانون، طبابت، مينيجمينٽ، ٽيڪنالاجي وغيره ڪيترن ۾ ترجمي جي غَير دستوري ضرورت موجود آهي.

ان کان سواءِ ترجمي بابت موجود ڄاڻ اڻپوري ۽ غَير سلسليوار آهي. ترجمي بابت ڄاڻ به اسنتوشجنڪ آهي جو ان جو استعمال ڪندڙ جدا جدا قسمن جا آهن جن بابت مارڪيٽ ۾ ترجمن جي موجودگيءَ بابت ڪابه باقائدي ڄاڻ حاصل نه ڪئي وئي آهي. رڳو معياري ترجمن جو ڦهلاءُ ئي ترجمن بابت اهميت محسوس ڪرائيندو ۽ ترجمن جي لاءِ پريرڻا جو ڪم ڪندو. ان حوالي ۾ ئي عام ماڻهن جي حصيداريءَ جي ضرورت آهي جيئن اهڙا قدم کنيا وڃن جيئن ترجمي جي سرگرميءَ کي تيزيءَ سان وڌائڻ جي ڪوشش ٿي سگهي ۽ جدا جدا وشين ۾ معياري ۽ عاليِ ترجما خانگي سنسٿائن جي دوران سڌي يا اڻسڌي نموني سان روزگار جا وسيلا پَيدا ٿي سگهندا جن جي دوران پڙهيل بيروزگارن کي روزگار مُيسر ٿي سگهندو.

هن سوچ مان ئي قومي گيان ڪميشن يعني NKC هڪ ورڪنگ گروپ ٺاهڻ جو فيصلو ڪيو جيڪو پروفيسر جَيَتي گهوش جي اڳوانيءَ هيٺ ٺاهيو ويو. هن گروپ جو ڪم ترجمي جو پرڪاشن ۽ ڦهلاءُ ڪندڙ جدا جدا سنسٿائن ۽ ماهرن جيئن تہ سرڪاري ۽ سرڪاري مدد تي هلندڙ سنسٿائون، تعليمدان، ڀاشا وگياني، ترجمان، شڪشا شاستري، پرڪاشڪ ۽ ٻيا ترجمي بابت ڪم ڪندڙن کي شامل ڪرڻ آهي. هنن گروپن جي ميٽنگ دهليءَ ۾ فبروري ٢٠٠٦ ۾ شروع ٿي. پروفيسر اُديہ نارايڻ سنگهہ ۽ پروفيسر جَيَتي گهوش (جيڪو NTM ڪاميٽيءَ جو ڪنوينر آهي)، انهن پلاننگ ڪميشن جي وائيس چيرمَين کي NKC جون سفارشون ۽ ڪميشن کي وري تيار ڪيل رٽا موڪلي. ان کان پوءِ انهن جدا جدا گروپن جون گڏجاڻيون ٿينديون رهنديون. ١٢-١٣ اپريل ٢٠٠٧ تي هڪ وڏي پيماني تي ٻن ڏينهن جي ورڪشاپ CIIL ميسور ۾ رکي وئي. ١٩ اپريل، ٢٠٠٦ تي پلاننگ ڪميشن جي پاران وري جاچي تيار ڪيل سجهاءُ موڪليو ويو جنهن جو نمبر هو /4/2005-EDN P.11060 ان سجهاءُ ۾ پنجن سوالن جا جواب ڏنا ويا. ان وچ ۾ ڪيترين سماجڪ گيان سان واسطيدار سنسٿائون خاص ڪري (ICHR) Indian Cuoncil & Historical Research and(CSDC) Centre for the Studies of Developing Societies وٽان صلاحون آيون، جن ۾ ڪيترن ئي مسئلن جو ذڪر ڪيو ويو هو ۽ ڪيتريون ئي ڪارگر صلاحون ڏنيون هيون جن مان ڪجهہ صلاحون هن رپورٽ ۾ شامل ڪيون ويون آهن، ٢١ جون ۽ ٣ جولاءِ ٢٠٠٦ تي ڪيترن پرڪاشڪن وٽان، جيڪي ترجمي سان واسطيدار آهن سجهاءُ حاصل ٿيا. ان کان پوءِ ٣١ آگسٽ ٢٠٠٦ تي HRD منسٽريءَ جي ڀاشائن ۽ پرڪاشن سان واسطيدار گروپ هن ويچار جو سمرٿن ڪندي ڪيترين صلاحن سان گڏ ١١ رٽا جي لاءِ پلاننگ ڪميشن کي لکيو. پوءِ سپٽمبر ١، ٢٠٠٦ تي شري سَيم پترودا جيڪو NKC جو چيرمَين آهي، ان NTM رٽا بابت وستار سان پرڌان منتريءَ کي لکيو جنهن کان پوءِ منسٽري آف HRD پاران هڪڙو وچوروار سجهاءُ تيار ڪيو ويو.

هتي ٧٠ وشين جي وچور ڏيڻ جي ڪوشش ڪئي وئي آهي:

NTM لاءِ هيٺ ڄاڻايل وشيہ مکيہ ٿيندا:-

(١) بالغ لڳاتار هلندڙ سکيا (۽ غير دستوري سکيا)

(٢) جيو وديا (مادي)

(٣) جيو وديا (سماجڪ)

(٤) عرب سڀيتا ۽ اسلامي اڀياس

(٥) پراچين وستو وديا (مُدرا اڀياس سميت)

(٦) معماري

(٧) آسماني طبعي وديا

(٨) جيو طبعي وديا

(٩) جيو ڪيميائي وديا

(١٠) جيو تڪنيڪ

(١١) علم نباتات (عام)

(١٢) علم ڪيميا (عام)

(١٣) وڻج واپار

(١٤) تلناتمڪ ساهتيہ يا پيٽا پيٽي ادب

(١٥) ڪامپيوٽر وگيان ۽ ان جو استعمال (جنهن ۾ آرٽيفيشئل انٽيليجنس ۽ روبوٽڪس بہ شامل آهن)

(١٦) فوجداري ۽ قانوني وگيان

(١٨) خلائي تڪنيڪ

(١٩) نرتيہ

(٢٠) بچاءُ ۽ يُڌ نيتيءَ جو اڀياس

(٢١) اقتصاديت (ارٿ شاستر)

(٢٢) تعليم

(٢٣) هوائي جهازي انجينئرنگ (۽ اليڪٽرونڪ رچنا)

(٢٤) علم ڪيميا انجينئرنگ (سرامڪ ۽ پرماڻو تڪنيڪ سميت)

(٢٥) سِول انجينئرنگ

(٢٦) اليڪٽريڪل انجينئرنگ

(٢٧) اليڪٽرونڪس انجينئرنگ (ٽيلي ڪميونڪيشن سان گڏ)

(٢٨) مڪينيڪل انجينئرنگ (اوزار، مشينري ۽ آٽوموبائيل سميت)

(٢٩) وايو مندل وگيان (وايو مندل انجينئرنگ سميت)

(٣٠) قبيلن جو اڀياس

(٣١) فلمي اڀياس

(٣٢) لوڪ ورثو (لوڪ ساهت ۽ قبائلي ساهت)

(٣٣) اُتپتي وگيان-سنتان اُتپتي اڀياس، اُتپتي انجنيئرنگ

(٣٤) جاگرافي

(٣٥) پو وگيان

(٣٦) تاريخ (عام)

(٣٧) گهرو سائنس (وگيان)

(٣٧) انساني حق ۽ فرض

(٣٩) گيان مرڪز (لائبرري ۽ سوچنا وگيان)

(٤٠) انترراشٽريه رشتا ۽ علائقائي اڀياس

(٤١) اخبار نويسي/ ماڌيم اڀياس / عام سنچار

(٤٢) مزورن جي ڀلائي/ انساني ساڌنن جي مينيجمينٽ/ هنري رشتا

(٤٣) قائدو

(٤٤) ڀاشا وگيان

(٤٥) مينيجمينٽ

(٤٦) دستخط وگيان

(٤٧) حسابي وگيان

(٤٨) علم طب (MBBS جي سطح تي)

(٤٩) سوڪيم جيوڙا وگيان

(٥٠) عجائب گهر وگيان (شين جي جاچ ۽ سنڀال سميت)

(٥١) سنگيت وگيان

(٥٢) شانتي ۽ گانڌيواد جو اڀياس

(٥٣) رنگمنچ ڪلائون (ناٽڪ، نرتيه، ڳائڻ وڄائڻ)

(٥٤) فلاسافي

(٥٥) سرير سکيا

(٥٦) طبعي وگيان

(۵۷) علم عروض-چند وگيان (ڪاويہ شاستر)

(۵۸) راڄنيتي وگيان

(۵۹) آدمشماري اڀياس

(٦٠) منو وگيان

(٦١) عام ڪاروبار

(٦٢) ڌرمي اڀياس ۽ ڌرمن جو تلناتمڪ اڀياس (پيٿا پيٿي اڀياس)

(٦٣) سماجڪ ۽ پنگتي صحت

(٦۴) سماجي ڪارج

(٦۵) سماج وگيان

(٦٦) سَير، سفر، ان جو ڪاروبار ۽ مَينيجمينٽ

(٦٧) ترجمو اڀياس

(٦٨) درشيہ ڪلائون (ڊرائنگ ۽ پينٽنگ، مورتي ڪلا، گرافڪس ۽ وهنوار ڪلائون ۽ ڪلا جي تاريخ)

(٦٩) ناري اڀياس

(٧٠) علم حَيوانيت

## ڀاڱو - ٢
## مسئلن ڏانهن ڌيان ڏيڻ

هن ڪم لاءِ ڪيترن ئي ادارن ۽ سنسٿائن سان لهه وچڙ ۾ اچڻ ۽ ٻانڌاپو قائم ڪرڻ جي ضرورت آهي جيئن ڪم جو ٻيهراءُ ۽ دخل اندازي نه ٿئي. مکيه طور اهي سنسٿائون آهن- ڪميشن فار سائنٽفڪ اينڊ ٽيڪنيڪل ٽرمنالاجي (CSTT)، نئشنل بوڪ ٽرسٽ (NBT)، يونيورسٽي گرانٽس ڪميشن (UGC)، ساهتيه اڪادمي، سينٽرل انسٽيٽيوٽ آف انڊين لئنگوجز (CIIL)، مَيسور، گرنٽ اڪادميون، عام لائبررين وغيره. ساڳيءَ طرح پرڪاشن، اخبارن ۽ ٻين سوچنائن جي ذريعن، واپاري گهراڻن ۽ بڪ سيلرن سان پڻ رشتا قائم ڪرڻا پوندا؛ مطلب ته موجوده سڀئي اهڙيون سنسٿائون جيڪي هن ڏس ۾ ڪم ڪري رهيون آهن، انهن ۾ سنبنڌ قائم ڪيو وڃي.

قومي ترجمو مشن جي سامهون هيٺيان مسئلا مکيه آهن:-

(الف) تڪنيڪي ۽ وگيانڪ لفظن جي گهرج

هندستان گهڻين ٻولين جو ملڪ هئڻ ڪري، هڪ ٻوليءَ مان ٻيءَ ٻوليءَ ۾ ترجمو ڪرڻ ۾ ڪافي ميدان موجود آهي، هنن ۾ ڪا به ٻولي ننڍي يا وڏي هئڻ جو سوال نٿو ٿئي، بشرطيڪ اسين اهڙا وسيلا ڳولهيون جيئن هيءُ سرشتو سولائيءَ سان هلي سگهي.

گيان جي ڪتابن جي ترجمي لاءِ تڪنيڪي ۽ وگيانڪ لفظن جي ضرورت پوندي ۽ ٻوليءَ ۾ غير معياري ۽ ڪنهن خاص هنڌ جا مخصوص لفظ ڪم آڻڻ کان پرهيز ۽ ان سان گڏ ذهني سطح تي لفظن جي مفهوم جي چٽائيءَ جي ضرورت پوندي، جيئن هڪ ٻوليءَ مان ٻيءَ ٻوليءَ ۾ ترجمو سولو ٿي سگهي. اهو هن سنسٿا جي سامهون هڪ مکيه مسئلو آهي.

(ب) ترجمانن جي سکيا

ترجمو هڪ مهارت جو ڪم آهي ۽ جنهن ۾ وڌيڪ مهارت حاصل ڪرڻ جي هميشه ضرورت آهي، خاص ڪري ان حالت ۾ جڏهن ترجمو ڪن خاص وشين جي ڪتابن جو ڪرڻو هجي. مشن ترجمانن جي وڌيڪ خاص سکيا لاءِ هيٺيان قدم کڻي سگهي ٿي:-

(١) ترجمانن لاءِ ٿوري وقت جا ڪورس هلائڻ جيڪي ڪنهن خاص مقصد لاءِ هجن جيئن تہ تُرت ترجمو، هينئيان سِرا ڏيڻ، قانون، مول وگيان، لاڳو وگيان، سماج شاستر وگيان وغيره وشين جي ترجمي بابت جنهن ۾ انهن وشين جي ماهرن کي پڻ شامل ڪيو وڃي.

(٢) ترجمانن جي سهوليت لاءِ سکيا جا ننڍا ڪورس ۽ پاٺ تيار ڪيا وڃن جيڪي ٻولي سيکارڻ جي پانيہ ڪرم جو حصا ڪيا وڃن ۽ جيڪي پانيہ ڪرم سڄي ملڪ ۾ هلي رهيا آهن يا روزمره جي سکيا بعد يا موڪلن ۾انهن جا ڪلاس هلايا وڃن.

(٣) ترجمي جي خاص واڌاري لاءِ يونِورسٽين ۽ سنسٿائن کي همٿائي ۽ مدد ڪري اهڙي سکيا جو بندوبست ڪرڻ.

(۴) ڪوجنا جي ڪارين کي اُتساهت ڪرڻ جنهن ۾ شاگردن ۾ ڪوجناڪاريہ لاءِ چاه پيدا ڪرڻ جو اسم پڻ شامل هجي جيئن ڪتابن جو سنو ترجمو ڪري ۽ سکيا جي مقصد جي پوئواري لاءِ جوڳو مواد ميسر ڪري سگهجي.

(۵) فيلوشپ جو سرشتو قائم ڪرڻ جنهن سان عالمن ۽ ادارن جي وچ ۾ لہ وچڙ جو رشتو جڙي جنهن مان هندستاني ٻولين جي وچ ۾ ترجمن کي هٿي ملي.

(٦) ڪن خاص مثالي ڪتابن کي ڪٺي ڪاريہ شالائون هلائڻ جتي عالم ۽ شاگرد گڏ ٿين ۽ ڪتابن جي مخصوص پهلن، جيئن تہ چاڻ جو حصو ، وصفي لفظن جو اپياس ۽ سپيتڪ ۽ ٻوليوار پهلن تي غور ڪن ۽ خاطر خواه نتيجا حاصل ڪري سگهن.

(٧) ساڳيءَ طور ترجمن جي نظرثاني، سنپادن ۽ دستاويزن جي سمپادن جي هنر بابت ڪاريہ شالائون هلائڻ.

(ب) چاڻ جو ڦهلاءُ

ملڪ ۾ ترجمانن کي اٽپورو گيان حاصل آهي، چاڪاڻ جو ڪو هڪ مرڪز نہ آهي جتان اهو گيان حاصل ڪري سگهجي. ٻين ٻولين جي ترجمانن جي ڀيٽ ۾ انگريزي ٻوليءَ جي ترجمانن جو گيان چڱيرو آهي چاڪاڻ جو اهو سموري ملڪ کي ڌيان ۾ رکي ڪن ٿا.

هن مشڪلات کي منهن ڏيڻ لاءِ مشن ترجمو ٿيل ڪتاب حاصل ڪري ۽ ترجمانن بابت چاڻ حاصل ڪري هينئيان قدم کڻي سگهي ٿي.

(۱) ترجمانن جا تفصيل ۽ ترجمانن جو پنڊار تيار ڪرڻ، جنهن ۾ جدا جدا وشين جي ٻولين جي ماهرن جي ڄاڻ ڏنل هجي.
(۲) ڪامپيوٽر تي موجود ترجمن جي، الڳ الڳ وشين موجب هندستان جي جدا جدا ٻولين ۾ ڪتابن جي ياداشت تيار ڪرڻ، جنهن ۾ انگريزيءَ سان گڏ ٻيون ٻوليون پڻ شامل هجن. هن ڪامپيوٽر پروگرام ۾ اها سهوليت پڻ هئڻ گهرجي ته جي ڪڏهن ڪو ڄاڻ ۾ اضافو ڪرڻ چاهي ته ڪري سگهي.

هنن ٻنهي مٿين ڪمن کي لڳاتار نتُ نئون رکڻ گهرجي، جنهن لاءِ يونيورسٽين، پرڪاشن، قومي لائبررين، اڪادمين، نئشنل بوڪ ٽرسٽ، ڪميشن فارسائنٽفڪ اَينڊ ٽيڪنيڪل ٽرمنالاجي وغيره سان ڪامپيوٽر تي لاڳاپو قائم ڪجي.

ساهتيه اڪادمي ساهتڪ ترجمن جو پنڊار ٺاهيو آهي جو ’انوڪرتي‘ ويب سائٽ تي موجود آهي. ساهتيه اڪادمي ترجمانن جي ياداشِت جو ڪتاب پڻ ڇپائي آهي CIIL جنهن ۾ هندستاني ٻولين جي مختلف ٻولين جي ترجمانن جا تفصيل آهن، پر انهن کي تازو رکڻ ۽ وڌائڻ ۾ تسليم ٿيل ٻولين کي پڻ شامل ڪيو وڃي؛ جيئن ته هيءُ فهرست صرف ساهتيه سان وابسته ترجمانن جي آهي، تنهن ڪري قومي ترجمو مشن کي سڀني جدا جدا وشين جي لسٽ تيار ڪرڻ لاءِ هندستان جي جدا جدا ڀاڱن مان سنپادڪن سان رابطو قائم ڪري هن لسٽ کي مُڪمل بڻائڻ گهرجي.

(پ) مشهوري ۽ مالي طور جيئڻ جوڳو

ترجما ۽ ترجمان وڏيڪ عوام جي نظرن ۾ اچڻ کپن. ترجمان کي سندس ڪم لاءِ ڪيترو لوازمو ٿو ملي، اهو پڻ هڪ پهلو آهي جنهن تي نئين سر نظرثاني ڪرڻ ضروري آهي. هاڻي اسان ترجمي کي هڪ پيشو ڪري مڃيون ۽ اڳتي هلي هيءُ هڪ اديوگ جو درجو حاصل ڪندو. اسان کي اهڙيون حالتون پيدا ڪرڻيون آهن جن ۾ ترجمان هڪ آبرودار زندگي گهاري سگهي پلي اهو ڪيتر کهڙو به هجي.

اهو پڻ ممڪن آهي ته جدا جدا ايراضين جا ترجما NTM ۾ رجسٽر ٿين جيئن ڪنهن طرح جو معيار ۽ ماپا مقرر ڪري سگهجن ۽ سٺي ڪم جي قدرشناسي ٿي سگهي.

وشين سان واسطيدار ماهرن ۽ شامل ڪيل ٻولين جي اصولوڪن ماهرن ۽ سڃاڻ پاڻڪن جون ڪاميٽيون تيار ڪيون وڃن جي ترجمي جي معيار بابت فيصلو ڪن تہ ترجمان قومي سطح تي ترجمانن جي گروپ جو حصو ٿي سگهڻ جي لائق آهن ۽ جيڪي لائق ميمبر هجن تن کي سرٽيفڪيٽ ڏنا وڃن ۽ اختياريءَ پاران تعليم ڏني وڃي ۽ سندن نالا NTM جي ڪامپيوٽر ويب سائٽ تي ڏنا وڃن.

(پ) ترجمي جو پرچار ۽ حاصلات جا وسيلا پختا ڪرڻ

ترجمن بابت عوام کي ڄاڻ ڏيڻ ۽ انهن تائين پهچائڻ لاءِ کي تجويزون هن ريت آهن.

(۱) ترجمن جي ڪتابن جو مهورت اُتسو ڪيو وڃي.

(۲) ترجمن لاءِ انعام ۽ ترجمانن لاءِ يونيورسٽيءَ ۾ فيلوشپ جو بندوبست ڪيو وڃي.

(۳) جدا جدا هنڌن تي انواد ميلا ڪيا وڃن، بحث ڪيا وڃن پردرشنيون ڪيون وڃن.

(۴) لائبررين سان ڳانڍاپو قائم ڪيو وڃي جيڪا معياري ترجمن لاءِ شروعاتي وڪري جو موقعو ميسر ڪري.

(۵) سرڪاري اِمداد هيٺ، پرڪاشڪن، ليکڪن ۽ ترجمانن کان عرضيون گهرائي خريديءَ جي حساب موجب ڪين جوڳي مدد ڪرڻ.

(٦) ترجمانن ۽ پرڪاشڪن کي قومي ترجمو اختياريءَ پاران سرڪاري مدد ڏئي اُتساهت ڪرڻ.

(۷) ويب سائٽ تي ترجمو، خاص ڪري تعليمي مواد، بنان ڪنهن قيمت جي اُتاري سگهڻ يا ان لاءِ پرڪاشڪن کي نالي ماتر قيمت ڏيڻ.

(۸) ترجمانن، يونيورسٽيءَ جي ڊپارٽمينٽن جن ۾ ترجمي ڪرڻ لاءِ خاص ڪورس رکن ٿا ۽ اهي پرڪاشڪ جيڪي گهٽا ترجما شايع ڪرڻ لاءِ خواهن آهن، ترجمي جي خريدارن ۽ ڪم آڻيدڙن کي هڪ هنڌ گڏ ڪرڻ ۽ لہ وچڙ ۾ اچڻ جو وسيلو جوڙڻ.

(۹) انگريزي توڙي هندستاني ٻولين ۾ ترجمو ڪرڻ لائق ڪتابن يا انهن مخزنن کي جيڪي ڪامپيوٽر تان مواد جو ترجمو ڇاپن ۽ مکيہ مخزنن کي جيڪي مخزنون الڳ الڳ وشين تي هندستاني ٻولين ۾ سلسليوار مواد ڇاپن، تن سيني کي سرڪاري مدد ڏيڻ.

(۱۰) قومي ۽ راجيہ جي سطح تي اپياسي سرشتي ۾ ترجمو ٿيل مواد کي جوڳي جاءِ ڏيڻ لاءِ ڪين آماده ڪرڻ ۽ اُتساهت ڪرڻ14

(۱۱) تعليمي ادارن ۾ ترجمو ٿيل ڪتابن لاءِ خاص مرڪز برپا ڪرڻ ۽ لائبررين ۾ مخصوص جاءِ رکڻ جي ڪوشش ڪرڻ.

(۱۲) گهٽين ٻولين جي ڄاڻ جي اهميت کي ظاهر ڪرڻ لاءِ ڪٿي اُهو هنرمنديءَ وارو آهي ۽ ڪمائتو آهي اُها ڄاڻ پکيڙڻ ۽ عام امتحانن، نوَڪريءَ لاءِ امتحانن ۾ انهن جي ضرورت جي اهميت ظاهر ڪرڻ.

(۱۳) هندستان جي ننڍن شهرن ۽ ڳوٺن ۾ سماجي سنسٿائن سان لاڳاپو پيدا ڪرڻ، جيئن ترجمو ٿيل ڪتاب ڪين مُيسر ٿي سگهن.

## ڀاڱو - ٣

## رٿا جا مقصد

قومي ترجمو مشن NTM ۾ هينيان ڪاريہ مکيہ ٿيندا:-

١. هندستان جي جوڙجڪ (سنوڌان) جي اٺين شيڊيول ۾ ڏنل ٢٢ ٻولين ۾ وگيانڪ ۽ ٽيڪنيڪل ٽرمنالاجي جي لفظن جو ڀنڊار مهيا ڪرڻ

٢. ترجمانن جي تعليم

- ٿوڙي وقت جا ترجمي جا پروگرام
- ترجمانن لاءِ ڪورس تيار ڪرڻ ۽ ان کي ٻوليءَ جو حصو بڻائڻ.
- سکيا جو پروگرام
- ترجمي جي ڪم لاءِ خاص مهارت جا، جدا جدا کيترن لاءِ، ڪورس تيار ڪرڻ.
- فيلوشپ جا پروگرام ڪرڻ
- ڪوجنا جي ڪمن ۾ اتساهت ڪرڻ

٣. گيان جو ڦهلاءُ ڪرڻ

٤. سني معيار جي ترجمن کي همٿائڻ ۽ انهن جو ڦهلاءُ ڪرڻ

٥. مشيني ترجمي ۽ مشين سان واسطيدار ترجمن کي مدد ڪرڻ

- انگريزي ۽ ٻين هندستاني ٻولين ۾
- هڪ هندستاني ٻوليءَ مان ٻين هندستاني ٻولين ۾
- هندستاني ٻولين ۽ دنيا جي ٻين مکيہ ٻولين ۾

٦. سني ۽ عاليٰ درجي جي ترجمي لاءِ ساڌن تيار ڪرڻ جيئن تہ ڊڪشنريون، هم معنيٰ شبد ڪوش، لفظ ڳولهيندڙ ڪامپيوٽر تي ڀانڊاپو قائم ڪرڻ. آن لائين تي شبدن جي موجودگي، ترجمي لاءِ سافٽ ويئر ، ورڊ نيٽ وغيره ۽ ان کان سواءِ اها ڪوشش ڪرڻ تہ ڇا آن لائين تي شبد ڳولهڻ جون سهوليت وڏيڪ وسيع نموني موبائيل ٽيڪنالاجيءَ تي بہ ميسر ڪري سگهجن ٿيون.

## باب - ۴
## فائدو وٺندڙن جي نشان ڏهي

هن مشن جي ڪاريه سان گهٽن ئي طبقن کي فائدو رسڻ جي اُميد آهي پر هن ڪاريه جو مکيه فائدو وٺندڙن ۾ مکيه طور اهو طبقو آهي جو ڪمزور ۾ ڪمزور آهي. اهي شاگرد جي سماج ۾ حاشيي تي آهن جي پنهنجي حالت ۽ پس منظر ڪري، خاص ڪري ڳوٺن ۽ ننڍين شهرن ۾ هئڻ ڪري، سماجي طور ۽ ذات پات جي آڌار تي فائدن کان وانجهيل آهن، جن وٽ تعليم جو ۽ وگيانڪ گيان جي پهچ جو وسيلو نه جهڙو آهي؛ ڇاڪاڻ ته اها سڀ ڄاڻ انگريزي ٻوليءَ ۾ آهي ۽ سندن انگريزي ٻوليءَ جو گيان نه برابر يا محدود آهي. مشن جو مقصد تڏهن پورو ٿيندو جڏهن جدا جدا وشين جا ترجمو ٿيل ڄاڻ ۽ گيان جا ڪتاب اهڙن حاشيي تي رهيل شاگردن لاءِ موجود ٿي سگهندا.

جيتوڻيڪ هن مشن جو مکيه مقصد پنتي پيل لوڪن کي فائدو پهچائڻ آهي پر هن ڪارج مان ٻين ڪيترن شخصن ۽ ڪيترين جماعتن کي به فائدو پهچندو جيئن:-

(١) عوام کي، جيڪو پنهنجيءَ ٻوليءَ ۾ ساهتڪ ۽ گيان جا ڪتاب پڙهڻ چاهيندو.

(٢) ترجمان، جن کي آبرودار پيشو ملندو ۽ کين ڇڱو لوازمو پڻ ملندو

(٣) اهي پرڪاشڪ، جيڪي نئين طريقي سان نون وشين تي ڪتاب ڇپائڻ چاهين ٿا.

(۴) ڪاليجي ۽ اسڪولي اُستادن کي

(۵) غير رسمي سکيا ۾ رڌل ڪم ڪندڙن کي

(٦) جيڪي نيم سرڪاري سنستائون، عام صحت، نگرواسين جي حقن، ماحول کي صاف رکڻ جي هلچل ۾ ڀرو وٺڻ وارا ۽ سائنس کي عوام تائين پهچائڻ وارا شخص ۽ سنستائون

(٧) ٻهو ڀاشي ڪاريه ۾ لڳل سنستائن کي

(٨) سَير سفر ڪرڻ وارن جي لاءِ گهربل ترجمانن کي

(٩) فلم ساز، جن کي پنهنجين فلمن جي ڊَبنگ (dubbing)لاءِ هينين سرن جي ضرورت پوندي

(١٠) ريڊيو ۽ ٽي. وي. اختياريون جيڪي پنهنجا پروگرام ٻين ٻولين ۾ ترجمو ڪرڻ چاهينديون.

(١١) ترجمي جي ڪم لاءِ شاگرد

(۱۲) يونِورسٽين ۾ ٻين ادارن جي ترجمي جي وياپڪ لاءِ
(۱۳) جدا جدا وشين تي، ترجمن تي ڏيندڙ کوجنا ڪاريہ ڪندڙن لاءِ
(۱۴) ڪامپيوٽر تي ترجمي سان وابستہ سافٽ ويئر تيار ڪندڙن کي
(۱۵) تلناتمڪ ساهت جي ماهرن کي

هن ڪم جي شروعات ڪرڻ لاءِ رٿيو ويو آهي تہ ’انوڪرتي‘ جي ويب سائيٽ ۾ ساهتيہ اڪادمي پاران تيار ڪيل ترجمانن جي قومي رجسٽر ۾ سڌارو واڌارو ڪري، اڄ سوڌي مڪمل ڄاڻ شامل ڪجي. ساڳئي وقت ملڪ ۾ موجود (جي ڪافي انداز ۾ موجود آهن) ترجمانن جي سنسٿائن ۾ پرڪاشڪن جو هڪ گروپ ٺاهجي. هن سڄي ڪم کي پيشيور نموني هلائڻ لاءِ ضروري آهي تہ سرڪار ۾ ٻين اختياري وارن کي، جن کي ڪنهن مخصوص وقت اندر ترجمن جي گهرج آهي، اهو ميسر ڪرايو وڃي. ان کان سواءِ ننڍن شهرن ۾ ترجمي بابت ڄاڻ ۾ ٻوجهہ پکيڙڻ لاءِ انواد ميلن جو سلسلو رٿيو وڃي. ترجمي لاءِ ٽريننگ پروگرام ڪري هن ڪم لاءِ ڪارگر ۾ موزون ڪم ڪندڙ پيدا ڪرڻ. اسان کي اُميد آهي تہ هنن قدمن کڻڻ سان ترجمي جو هڪ وڏو هنر يا انڊسٽري پيدا ٿيندي.

عوام کي گهٽي ۾ گهٽ فائدو پوي ۾ترجمو ڪيل ڪتاب تعليمي ۾ کوجنا جي مرڪزن ۾ ڪم آڻيا وڃن، ان خيال کان ڪتابن جي قيمت واجبي رکڻ گهرجي جو هر هڪ ان جو فائدو وٺي سگهي. ڪامپيوٽر تي اهي سڀ ڪتاب مفت ۾ مهيا ڪرايا ويندا ۽ اهو ڪم الڳ الڳ ويب سائيٽن جي ڀانڊاپي سان ڪيو ويندو. اهو ڪارج قومي ترجمو مشن (NTM) جي انتظام هيٺ ٿيندو جنهن لاءِ CIILسرور ڪتب آندو ويندو. ان لاءِ صرف ڪم آڻيندڙن جو رجسٽر رکيو ويندو، جو ان جو فائدو وٺندڙن جي آخرين ڪڙيءَ بابت ڄاڻ حاصل ڪري سگهي. هن مان اسان کي اڳتي پروگرام رٿڻ لاءِ پڻ ڪافي ڄاڻ حاصل ٿيندي. آخر ترجمي لاءِ تيار ڪيل مواد، جيئن تہ ڊڪشنريون (شبد ڪوش) هم معنيٰ شبداوليون (thesaurus) لفظ ڳولهڻ جا طريقا ۾ ساڌن وغيره پڻ ڪامپيوٽر تي هر ڪنهن جي ڪم لاءِ ميسر ڪيا ويندا.

قومي ترجمو مشن Digital Dictionaries ۽ Machine aided Software جي جدا جدا ٻولين ۾ جوڙڻ کي اڳرائي ڏيندي- پر اها حقيقت آهي تہ IIT ۽ يونيورسٽين TIFR ۽ IISC ۽ ٻين ڪيترين ڪامپيوٽر جي وڏين ڪمپنين گذريل سالن کان سافٽ ويئر ٺاهڻ جي ڪوشش ڪئي آهي، پر اهي چوڪن ۽ ڪوتاهين کان آجا نہ آهن تنهن ڪري هن ڏس ۾ قدم کڻي ڳڻ ڳوت بعد ئي ڪٽڻ جي ضرورت محسوس ٿي رهي آهي. هنن سفارش جي ڪن حصن جي پوئواري جلد ئي ڪئي ويندي؛ جيئن تہ Digital Dictionaries، ڊڪشنريون جوڙڻ ۽ هم معنيٰ شبد ڪوش وغيره تيار ڪرڻ، ٻين ڪمن ۾ ڪجھ وقت لڳندو.

## ڀاڱو - ۵
## رٿا پوري ڪرڻ جا اُپاءَ

مشن جي سڄي ڪم کي ننڍن حصن ۾ ورهايو ويندو ۽ انهن کي پورو ڪرڻ لاءِ هيٺيان اپاءَ اختيار ڪيا ويندا:

- وگيانڪ ۽ ٽيڪنيڪي شبداولي ڪميشن Commission for Scientific and Technical Terminology (CSTT) کي وگيانڪ ۽ ٽيڪنيڪي شبداولي تيار ڪرڻ ۾ صلاحون ۽ مدد ڏيڻ
- هن ڏس ۾ CSTTقدم کڻندي. CSTTجو لازمي ڪم هندي ۽ سڀني هندستاني ٻولين ۾ وگيانڪ ۽ ٽيڪنيڪي شبد ڀنڊار تيار ڪرڻ آهي، ۽ هن ڏس ۾ اُن کي اهم ۽ مکيہ رول ادا ڪرڻو آهي. سندن ڪم جي نتيجن جو اثر قومي ترجمو مشن (NTMجي ڪم تي ظاهر ٿيندو. ساڳئي وقت قومي ترجمو مشنCSTT کي سنوڌان جي ۲۲ ٻولين ۾ ٻہ وگيانڪ ۽ ٽيڪنيڪي شبدن جي ڏس ۾ مدد جو هٿ ڊگهيريندو جيئن گيان جا ڪتاب جلد ترجمو ٿي نڪري سگهن. قومي ترجمو مشن (NTM) کي سڀني سنسٿائن جيئن تہ C-DAC ۽ CIIL سان گڏجي ڪم ڪرڻو پوندو تہ اها شبداولي سڀني ۲۲ ٻولين ۾ انٽرنيٽ تي موجود ٿئي.
- اها سامگري جيڪا انٽرنيٽ تي اچي (جهڙو ڪ شبد ڪوش ۽ هم معنيٰ شبد ڀنڊار) پنهنجو پاڻ تيار ڪرڻ يا ٻين ٻاهرن سنسٿائن ۽ ماهرن کان تيار ڪرائڻ.
- انهن سڀني وشين بابت گيان جي بنيادي ڪتابن جو پرڪاشن جيڪي جدا جدا ٻولين ۾، ڪاليج ۽ يونورسٽيون ۾ پڙهيا وڃن پيا، هن وقت هندستان ۾ 1760 يونورسٽيون ۽ اٽڪل 65 کان 70 وشيہ شامل آهن(شروعات ۾ هنن مان ۴۲ وشين تي زور ڏنو ويندو) ۽ ٻارهين يوجنا ۾ اهڙا ۲۰۰ ڪتاب ڇپايا ويندا (هتي اهو بيان ڪرڻ ضروري آهي تہ هن وقت NCERT پاران اسڪوليڪتاب ٻارهين درجي تائين سنوڌان ۾ شامل صرف ٻن ٻولين-هندي ۽ اُردوءَ ۾ ميسر آهن). ايندڙ سالن ۾ ترجمي ۽ ڇپائيءَ جي تعداد ۾ واڌارو ڪيو ويندو ۽ جيئن ئي سڄو ڍانچو نهي تيار ٿيندو تہ رٿا جي وقت اندر 8800ڪتابن جي تيار ڪرائڻ ۽ ڇپائڻ جي حد تي پهچڻ جي اُميد آهي.
- ترجمي سان وابستہ مخزنن ۽ تنقيدي ڪتاب هندستاني ٻولين ۾ ڇپجن تن کي مالي مدد ڪرڻ.

- ليڪن ترجمانن کي سندن حقن ۽ واسطن لاءِ مالي مدد ڪرڻ.
- جدا جدا سٿن تي ترجمانن جي شامل ٿيڻ لاءِ مالي مدد ڪرڻ.
- سپاويڪ ٻولي جي ترتيب يا Natural Language Processing (NLP) جي ترجمي سان وابسته رٿائن کي مالي مدد ڪرڻ.
- يونورسٽين کي ترجمي لاءِ ڊگري ۽ ڊپلوما ڪورس هلائڻ لاءِ ۽ کي خاص رٿائون عمل ۾ آڻڻ لاءِ (جيئن ٻن واسطيدار ٻولين جا ترجما ڪرڻ) مدد ڪرڻ.

حاصل مطلب تہ اهي سڀ ممڪن آهن، جيڪڏهن رٿيل قومي ترجمو مشن (NTM) هينين مقصدن کي سرانجام ڏيڻ ۾ ڪامياب ٿئي.

ترجمانن جي جدا جدا تفصيلن، الڳ الڳ ٻولين ۽ وشين ۾ سندن قابليت جي آڌار تي تفصيلي حاصلات لاءِ مرڪزي فهرست ٺاهڻ. اهو پڻ ممڪن هئڻ گهرجي تہ ڪامپيوٽر ذريعي NTM پنهنجين مخصوص ضرورتن لاءِ،ساڻن رابطو قائم ڪري سگهي.

- الڳ الڳ ٻولين ۾ موجود ترجمن جي، جدا جدا وشين جي ورهاست ڪري لسٽون ٺاهڻ، نيٺِن لسٽن کي ٺاهڻ لاءِ ۽ باقائدي هلندڙ سکيا جي مرڪزن ، لائبررين کي مدد ڪرڻ.
- ترجمانن لاءِ ٿوري وقت جي سکيا جو بندوبست ڪرڻ.
- ترجمن جي پرچار ۽ ڦهلاو کي هٿي ڏيڻ.
- مشيني ترجمن کي هٿي ڏيڻ.

جيڪي مخزنون هن ڏس ۾ ڪم ڪري رهيون آهن، ۽ مدد حاصل ڪرڻ لائق آهن، تن کي مدد ڪرڻ ۽ عارضي طور ڪن وشين بابت ڪي نالا ڏنا وڃن، جن تي اڳتي هلي، قبوليت بعد تفصيل سان بحث ڪيو وڃي.

ترجمي لاءِ مخزنون
(اُهي مخزنون جيڪي NTM پاران مدد لائق آهن)
آسامي
(۱) ڳارييااسي (سنپادڪ : هري ڪرِشن ڊيڪا)
(۲) پرانتِڪ (سنپادڪ : پي. جي. بروها)
(۳) انوراڌ پرمپر (سنپادڪ : پي. ٺاڪر)

بنگالي

(۴) انوباد پتريڪا

(۵) پاشانگر (هاڻي ڪڏهن ڪڏهن نڪرندي آهي)

(٦) پاشابنڌن

(۷) ايبانگ مُشاعرا (هن ۾ گيان سان واسطيدار مکيه ڳالهيون ڏنيون ويندیون آهن)

(۸) بگياپن پرواه (هن ۾ ڪلا ۽ تنقيدي مضمون ڏنا ويندا آهن).

(۹) انترجاتڪ انگيڪ (هن ۾ جدا جدا هندستاني ۽ انترراشٽري ٻولين مان ترجما ڏنا ويندا آهن.

(۱۰) پريانتر (گهڻو ڪري هندستاني ٻولين مان ڪنهن خاص ليکڪ کي يا ڪتاب کي کڻي ترجما ڏنا ويندا آهن).

بوڊو

(۱۱) بوڊو ساهتيه سڀا پتريڪا

انگريزي

(۱۲) انڊين لٽريچر (ساهتيه اڪادمي)

(۱۳) ٽرانسليشن ٽوڊي ( CIILجي ترجمي بابت مخزن)

(۱۴) ياترا (آسامي ۽ مان ترجما)

(۱۵) انيڪيتنا (ڪنڙ مان ترجما)

(۱٦) مليالم لٽرري سروي (مليالم مان ترجما)

(۱۷) اُردو الائيو ( اُردو مان ترجما)

(۱۸) ڪوتا رِويو (ٻه پاشي بنگالي -اَنگريزي)

(۱۹) انٽرنيشنل جرنل ان ٽرانسليشن (باهري پبليڪيشن)

گجراتي

(۲۰) وي (ڪافي ترجما هوندا آهن)

(۲۱) گديه پرواه

هندي

(۲۲) تناو (ڏيهي ۽ پرڏيهي ٻولين مان ترجما)

(۲۳) انُواد (ٻن ٻولين مان ترجما ۽ ترجمي بابت مضمون)

(۲۴) پهل (رڳو ترجما نہ آهن، پر ڪافي ترجما آهن)

(۲۵) سمڪالين ڀارتيہ ساهتيہ (ساهتيہ اڪادمي)

(۲٦) واڳارت

(۲۷) نيا ڳيانوديہ

(۲۸) ڀارتيہ انُواد پريشد پتريڪا

ڪنڙ

(۲۹) انيڪيتنا (ٻين هندستاني ٻولين مان ترجما - انگريزي انيڪيتنا جي نقش قدمن تي)

(۳۰) ديس ڪلا (ڳهڻا ئي ترجما)

(۳۱) سنڪرمانا (ڳهڻا ترجما)

(۳۲) سمواد (ڪافي ترجما)

(۳۳) سنڪلانا (ترجما پڻ ڇپيندي آهي)

ڪشميري

(۳۴) شيرازا ڪشميري (ڊپارٽمينٽ آف ڪلچر، ڪشميري سرڪار)

(۳۵)آلو (ڊپارٽمينٽ آف انفرميشن ٽيڪنالاجي، ڪشميري سرڪار)

ڪونڪڻي

(۳٦) جاڳ (گهڻن ترجمن سان ماهواري پتريڪا)

مليالم

(۳۷) ڪيرلا ڪوتا (ترجما خاص ڪري ساهتڪ)

(۳۸) ماتريومي (ترجمي جا خاص پرچا)

(۳۹) ڪلا ڪومودي

(۴۰) ماڌيمم

مرهٽي

(۴۱) ڪيلياڻي ڀاشانتر

(۴۲) ڀاشا اڻي جيون

(۴۳) پرتشٺان (گهڻو ڪري ترجما)

(۴۴) پنڇ ڌارا (هندي، اُردو، تيليگو ۽ ڪنڙ مان ترجما،اصلوڪيون مرهٽي رچنائون)

(۴۵) ساڪشات (ترجمي جا خاص انڪ)

مئٿلي

(٤٦) مئٿلي اڪادمي پتريڪا (گيان جون بنيادي رچنائون ڇپيندي آهي)

(٤٧) گهر باهر (ترجما ڇپيندي آهي)

اُڙيا

(٤٨) سپت اپيڪشا

پنجابي

(٤٩) سر درشي (پنجابي اڪادمي، دهلي ڪڏهن ڪڏهن ترجما ڇپيندي آهي)

(٥٠) اکر (مکيه طرح سان رچناتمڪ ۽ وشليشڻاتمڪ ترجما ڇپيندي آهي)

سنٿالي

(٥١) سر سگن

(٥٢) لوهانتي پتريڪا

تامل

(٥٣) دِسائڪال ايتوم (هندستاني ٻولين مان ترجما)

تيليگو

(٥٤) وپلا (گهڻو ڪري سڀني ٻولين مان ترجما)

(٥٥) وگيانڪ پتريڪا (تيلگوُ اڪادمي)

## ڀاڱو ٦

## قانوني رچنا

’قومي ترجمو مشن‘ ڪاروباري فرمان جي دوران وجود ۾ ايندي جنهن جو مکيه مرڪز سينٽرل انسٽيٽيوٽ آف انڊين لئنگويجز (CIIL) ٿيندو. CIILجي مکيه آفيس ميسور ۾ آهي پر واسطو رکندڙ آفيس دهليءَ ۾ پڻ آهي. هن طرح ڪم ڪرڻ سان ڪيترائي فائدا ٿيندا. موجوده پنج سالي يوجنا بعد جڏهن قومي ترجمو مشن پنهنجن پيرن تي پختو بيهڻ شروع ڪندي تڏهن هن کي CIIL کان الڳ ڪري هڪ خودمختيار سنسٿا جو درجو ڏنو ويندو، جنهن کي سوسائٽيز رجسٽريشن ائڪٽ 1860 هيٺ برپا ڪيو ويندو.

قومي ترجمو مشن جو انتظامي سرشتو ننڍو ۽ لچڪدار بڻايو ويو آهي، جنهن ۾ گهٽ ۾ گهٽ ٻاهرين ساڌنن جي ضرورت پوي. شروع ۾ هن سڄي سرشتي ۾ ٽي سطح رکڻ جي مراد آهي.

(١) صلاحڪار ڪاميٽي، جنهن جو اڳوان Human Resource Ministry (HRM) جو مانوارو منتري ٿيندو.

(٢) انتظامي بورڊ، جنهن جو اڳوان HRD منسٽري پاران ڪو ناميارو ودوان ٿاڦيو ويندو ۽ اهو وقت به وقت بورڊ ۽ هن اسڪيم جي ڪم تي نظرثاني ڪندو رهندو.

(٣) عام ڪائونسل، جنهن ۾ هڪ سو هڪ (١٠١) ميمبر هوندا، جيڪا قومي ترجمو مشن جي نمائندي ڪندڙ سنسٿائن ۽ شخصن جي تهيل هوندي، جيڪا قومي ترجمو مشن جو حصو هوندا.

گهڻي سوچ ويچار کان پوءِ اهو طي ڪيو ويو آهي ته فقط صلاحڪار ڪاميٽي (PAC-NTM)ناهي ويندي، جا ٢٥ ميمبرن جي هوندي، جنهن جو ڪم رٿا جي رهنمائي ڪرڻ ۽ نظرثاني ڪرڻ هوندو. CIIL جو ڊائريڪٽر قومي ترجمو مشن ۽ صلاحڪار ڪاميٽي جي وچ ۾ ڳانڍاپي جو ڪم ڪندو ۽ جيستائين قومي ترجمو مشن جي رٿا لاءِ ڊائريڪٽر مقرر نه ڪيو ويو آهي، تيستائين هو ڪم کي بنا روڪ هلائڻ لاءِ CIILجو تعليمي سيڪريٽري، قومي ترجمو مشن ۽ صلاحڪار ڪاميٽيءَ جو سيڪريٽري پڻ رهندو. هن ڪاميٽيءَ ۾

ڀارت سرڪار جي عاليٰ تعليم جو ڊائريڪٽر MHRD يا عاليٰ تعليم جو نمائندو JS & FA يا IFD (HRD) ۽ ڪميشن فار سائينٽفڪ اينڊ ٽيڪنيڪل ٽرمنالاجي يعني CSTT، نئين دهليءَ جو صدر پڻ نمائندي طور رهندا.

مٿين پنجن ميمبرن بعد ٻيا ويهه ميمبر واري وٽيءَ سان ٿاڦيا ويندا. (a) ٻه عيوضي انهن يونيورسٽين مان ڪنيا ويندا جن ۾ ترجمو سيکارڻ جو بندوبست آهي. (b) ٻه عيوضي انهن راڄين ڀاران جتي ترجمو سيکارڻ جو بندوبست آهي. (c) ڪنهن ٻوليءَ جي يونيورسٽيءَ جو وائيس چانسلر. (d) ٽي Book sellers & publishers جا عيوضي. (e) ساهتيه اڪادمي جو سيڪريٽري. (f) ڊائريڪٽر نَيشنل بوڪ ٽرسٽ (g)ٻه عيوضي NITs/IITs انهن سنستائن ۽ اديوڳن ڀاران جيڪي ترجمي جي واڌاري لاءِ نوان طريقا ۽ ساڌن تيار ڪرڻ ۾ رڌل آهن. (h) پنج ڀارتي ٻولين ۽ انگريزي ٻوليءَ ۾ ترجمي جا ماهر. (i) ٻه مختلف وشين جا ماهر. (j) هڪ عيوضي خانگي سنستا، واپاري سنستا يا ڪو شخص جنهن کي ترجمي جي ڪم ۾ دلچسپي هجي.

ان کان سواءِ قومي ترجمو مشن کي صلاحڪار ڪاميٽيون ۽ ڪم ڪندڙ گروپ پڻ ٺاهيندي جن ۾ کي صلاحڪار ۽ ڪنهن وشيه جا ماهر شامل هوندا. (جيئن وگيانڪ ترجما، تڪنيڪي ترجما، ترت ترجما، ٻهو ڀاشي ۽ ڪامپيوٽر ترجما وغيره).

فُٽ نوٽ

(١) اڳ ۾ ائين سوچيو ويو هو ته قومي ترجمو مشن جي لاءِ هڪ صلاحڪار ڪاميٽي ٺيندي جنهن جا ٢٥ ميمبر ٿيندا جيڪي HRDمنسٽريءَ ڀاران چونڊيا ويندا. هيءَ ڪاميٽي NTM بابت فيصلا ڪندڙ ڪاميٽي ٿيندي.

(٢) رٿا موجب ڪاروباري ڪائونسل (گورننگ ڪائونسل) جا ميمبر جدا جدا يونيورسٽين، سنستائن، ترجمو وشيه پاڙهيندڙ، ترجمي سان واسطيدار سرگرميءَ سان جڙيل پرڪاشن، سنستائون ۽ سرڪاري طرح سان ترجمي سان واسطيدار شخص ٿيندا. اها صلاح ڏني وئي هئي ته گورننگ بورڊ جا ٻه ميمبر انهن يونيورسٽين مان ڪنيا وڃن جن ۾ ترجمو سيکارڻ جا ڊپارٽمينٽ آهن، ٻه ميمبر واري سان انهن پرانتن جي اڪادمين ۽ سنستائن جا عيوضي ڪنيا وڃن جيڪي ترجمي جي اڀياس سان جڙيل آهن. ٽي ميمبر بوڪ سيلرن ۽ پبلشرس جي ڱلڊ ڀاران ٿاڦيا ويندا، ٻه ميمبر انهن IITs، NITsانڊسٽريز وغيره مان ڪنيا ويندا جيڪي ترجمي ۽ ڀاشا جي واڌاري سان جڙيل سرگرمين سان واسطيدار هوندا، ٻه عيوضيNBT، NCERT ۽ ساهتيه اڪادمين جهڙين سنستائن جي ترجمي جي سرگرميءَ

سان جڙيل هوندا. اهڙين سوچيو ويو تہ هن طرح سان سرڪاري ۽ غير سرڪاري سنسٿائن جي هڪ گڏيل سنسٿا ٺهندي جهڙي سنسٿا جي حمايت گيان (Knowledge) ڪميشن ۽ پلئننگ ڪميشن پئي ڪئي آهي. اهڙين رٿيو ويو تہ ميمبرشپ جو مُدو ٻہ سال ٿيندو. ان کان سواءِ ڪجهہ Ex-officioميمبر ٿيندا (جيئن تہ HRD منسٽريءَ جو جائنٽ سيڪريٽري (ڀاشائون)، فائنينشل ائڊوائزر ۽ CSTTجو چيرمين). اهڙين سوچيو ويو تہ هر ٻن سالن کان پوءِ HRD منسٽريءَ دوارا گورننگ بورڊ کي وري ٺاهيو ويندو.

٣. اهڙين صلاح ڏني وئي تہ گورننگ ڪائونسل ۾ شروعات ۾ ١٠١ ميمبر رکي سگهجن ٿا. ٽن سطحن واري هن ڍانچي لاءِ اهڙين سوچيو ويو تہ گورننگ بورڊ کي گورننگ ڪائونسل پنهنجيون صلاحون موڪليندي. سوسائٽيءَ جي گورننگ ڪائونسل جا ميمبر اهي ٿيندا جيڪي ترجمي جي سرگرميءَ سان جڙيل هوندا جيئن ترجمو سنسٿائون، ليکڪ، لُغت نويسَ ۽ ترجمان جيڪي جدا جدا ڀاشائن جا عيوضي هوندا. SCTTجو چيرپرسن، National Book Trust (NBT) جو ڊائريڪٽر، ساهتيہ اڪادمي (ICSSR)، ICPRوغيره جا سيڪريٽري، مشهور تعليمدان ۽ يونيورسٽيون جيڪي ٻين وشين (هندي، انگريزي ۽ تلناتمڪ ساهتيہ) يا M.A/M.Phil ترجمي جي اڀياس ۾PG Diploma Programmes جا ڪورس هلائن ٿيون. گيان جي جدا جدا کيترن (قانون، ميڊسن، پوتڪ وگيان، ساهتيہ ڪلا وغيره) سان واسطيدار ماهرن کان سواءِ سرڪار جي جدا جدا کاتن ۾ ڀاشا ۽ ترجمي سان واسطو رکندڙ HRDمنسٽري، ڪلچر منسٽري، هوم اَفيئرس منسٽري (آفيشل لئنگوج ڊپارٽمينٽ پڻ) انفرميشن ۽ براڊڪاسٽنگ، ڪميونڪيشن ۽ انفرميشن ٽيڪنالاجي ۽ External affairs منسٽري وغيره جا عيوضي بہ قومي ترجمو مشن جي جنرل ڪائونسل ۾ شامل ٿي سگهن ٿا.

## ڀاڱو - ٧
## لڳاتار هلندڙ ڪوششون

### 7.1شروعاتي پروجيڪٽ :- ’انوڪرتي‘

پلئننگ ڪميشن اول ئي سينٽرل انسٽيٽيوٽ آف انڊين لئنگوجز CIIL، مَيسور کي ’انوڪرتي‘ نالي سان ترجمي جو هڪ وڏو پروجيڪٽ منظور ڪيو آهي. ’انوڪرتي‘ ٽرانسليشن نالي ويب سائيٽ تيار ڪئي وئي آهي جنهن جي مراد ڀارت جي سڀني ٻولين لاءِ ترجمي جي سيوا ۽ ٻي سوچنا ڏيڻ آهي. اها ويب سائيٽ شروع ڪرڻ جي رٿا ترجمي سان واسطيدار ٽن سنسٿائن جي آهي : سينٽرل انسٽيٽيوٽ آف انڊين لينگوجز (MHRD)، مَيسور، ساهتيہ اڪادمي ۽ نَيشنل بوڪ ٽرسٽ، دهلي.

ڏهين يوجنا جي اندر هن پروجيڪٽ لاءِ ڪُل59.64 لک روپيا منظور ڪيا ويا هئا. ’انوڪرتي‘ پروجيڪٽ جي دوران، جيئن سوچيو ويو هو، ان موجب هيٺيون حاصلاتون ٿيون.

- www.anukriti.net نالي‌سان ترجمي جي سهوليت سان واسطيدار ويب سائيٽ قائم ڪئي وئي ۽ ان تي لڳاتار سوچنا ميسر ڪئي ٿي وڃي.
- ’ٽرانسليشن ٽوڊي‘ (Translation today) نالي سان ترجمي جو پرچو آن لائين تي وڌو ويو.
- Transaltion Database ۽ ترجمانن جو رجسٽر نيم سان اپ ڊيٽ (update)ڪيو ٿو وڃي.
  - انگريزي-ڪَنڙ ڀاشا جي مشين جي دوران ڪيل شروعاتي ترجمي جو ڪم بہ ويب سائيٽ تي موجود آهي.
  - جدا جدا پبلشرن وٽان ۽ مکيہ ترجمي جي سنسٿائن وٽان حاصل ڪيل ترجمن جو ڪيٽلاگ ويب سائيٽ تي آهي.
  - هندستان ۽ هندستان کان ٻاهر ترجمي سان واسطيدار ڪورسن جي چاڻ موجود ڪئي وئي آهي.

- ترجمي جو ڪم پروفيشنل نموني ڪرڻ واريون سنسٿائن ۾ ٻانڌاپو قائم ڪيو ويو آهي.
- ترجمي سان واسطيدار سافٽ ويئر خريد ڪرڻ لاءِ آن لائين تي وڌو ويو آهي جيئن ترجمانن کي آن لائين سافٽ ويئر خريد ڪرڻ ۾ سهوليت ٿئي.
- ترجمي سان واسطيدار وصفي(terms) لفظن جي ڊڪشنري ۽ ڪتابن جي ياداشت ويب سائيٽ تي موجود آهي.

## 7.2 NCERT جي پاران ڪيل ڪاريہ

NCERT جي پاران ٻارهين درجي تائين سيئي درسي ڪتاب هندي ۽ اُردو ڀاشا ۾ ترجمو ڪيا ويا آهن. هاڻي پهريون دفعو NCERTجي پاران ڪريڪيُلم فريم ورڪ (NCF)، VIII شيڊيول جي ٢٢ ڀاشائن ۾ ترجمو ڪيو ويو آهي. NTM جي پاران انهن کي سڀني ڀارتي ڀاشائن ۾ ترجمو ڪرڻ لاءِ مدد ڏئي سگهجي ٿي.

## 7.3 ڀارت ۾ شايع ٿيل ترجما

ساهتيہ اڪادمي ١٩٥۴ ۾ قائم ڪئي وئي ۽ ١٩٥٧ ۾NBT برپا ٿي. انهن ٻنهين سنسٿائن جو اهو مقصد هو تہ ترجمي جي دوران جدا جدا ڀاشائن، پرانتن ۽ جاتين جي وچ ۾ ٻانڌاپو قائم ڪجي.

شروع کان ساهتيہ اڪادميءَ پاران جدا جدا ڀارتي ڀاشائن مان انگريزيءَ ۾ ۽ انگريزي ڀاشا مان ڀارتي ڀاشائن ۾ ترجما ٿيندا رهيا آهن. ساهتيہ اڪادمي هڪ ڀارتي ڀاشا مان ٻيءَ ڀارتي ڀاشا ۾ ترجمي جو ڪاريہ ڪندي رهي آهي. هيل تائين ٢٢ ڀاشائن ۾ لڳ ڀڳ ٧٠٠٠سرورق(titles) ساهتيہ اڪادمي پاران ڇپايا ويا آهن. شروعات ۾ اڪادميءَ جي پاران رڳو VIIIشيڊيول ۾ لکيل ڀاشائن جا ئي ترجما ٿيندا هئا پر قبائلي (ٽرائبل) ساهتيہ جي پروجيڪٽن ڪري، جن مان پهريون بڙودا ۽ ٻيو شلانگ ۾ قائم ٿيڻ سبب هاڻي اڪادمي پاران قبائلي ڀاشائن ۽ اُپ ڀاشائن، جيئن-ڳڙهوالي، ڀيِلي، ڪوئي، ڳارو، ڳامت ميِزو، ليپچا، پهاڙِي، مَنداري، گونڊي وغير ڀاشائن ۾ بہ ترجمي جو ڪاريہ شروع ڪيو ويو آهي. ساهتيہ اڪادمي جو هن ڪيتر ۾ وڏي ۾ وڌو يوڳدان، هڪ ڀاشا مان ٻيءَ ڀاشا ۾ ترجمو ڪرڻ جو رهيو آهي.

’نَيشنل بوڪ ٽرسٽ‘ جي پاران هڪ ’آدان-پردان‘ سيريز شروع ڪئي وئي آهي جنهن ۾ VIIIشيڊيول ۾ آيل ڀاشائن جي شاهڪار ڪتابن جا انگريزي ۽ ٻين ڀارتي ٻولين ۾ ترجما ڪيا ويا آهن. ٽرسٽ جي ترجمي جي سرگرمي رڳو ساهتيہ تائين محدود ڪانهي. هن جدا جدا وشين جيئن انساني حق، تندرستي، وايو منڊل، ڪلا، عمارت سازي(architecture) راڄنيتي وگيان ۽ تاريخ تي ڪيترا ئي ڪتاب شايع ڪيا آهن. ان کان سواءِ ٽرسٽ جي پاران جدا جدا شخصيتن جون جيونيون بہ شايع ڪيون ويون آهن.

اتين ڏهاڪي ۾ ڀارتي آرٿڪ ويوَستا کي وڏيڪ کليل ڪرڻ سبب ڪيترا ودیشي پبلشر بہ هندستان جي طرف آڪرشت ٿيا آهن ۽ انهن هندستان ۾ ڪتاب ڇپڻ ۽ شايع ڪرڻ شروع ڪيا آهن. جيتوڻيڪ هندستان ۾ انگريزيءَ ۾ ڇپجندڙ ڪتابن جو ٨٠ سيڪڙو تعليمي ڪتاب آهن. ڪتاب ڇپڻ جي اها انڊسٽري وڏيڪ ۾ وڏيڪ پروفيشنل ٿي رهي آهي. ڪتابن جي ايڊيٽنگ جو معيار اوچو ڪرڻ کان سواءِ ڪتابن جي مارڪيٽنگ کي بہ ڌيان ۾ رکيو ٿو وڃي. پيئرسن ايڊيوڪيشن (Pearson Education)، رينڊم هائوس (House Random)، سيج (Sage)، ميڪ گرا هل (McGraw Hill)وغيره گهڻي ڀاڱي تعليمي کيتر تي ڌيان ڏئي رهيا آهن؛ پر اوريئينٽ (orient)، لونگ مين (Longman) (دشا سيريز)، مئڪ ملن (Mac millan)، پينگون انڊيا (Penguin India) (انگريزي ترجمو سيريز ۾ آڏنِڪ ناول) Oxford University Press، روپا اينڊ ڪمپني ، هارپر ڪولنس (Harper-Collins) وغيره پبلشنگ هائوسن ترجمي کي وڏيڪ اهميت ڏيڻ شروع ڪئي آهي. هڪ نئين سرگرمي بہ شروع ٿي آهي جنهن ۾ پبلشر رڳو ترجمي تي ئي ڌيان ڏين ٿا؛ جيئن ’ڪٿا‘. ننڍا پبلشر جيئن’استري‘، ’زبان‘، ’رولي‘ ۽ ‘Women Unlimited’وغيره بہ ترجمي ۾ ڪافي گهڻي دلچسپي وٺي رهيا آهن.

جيتوڻيڪ انگريزي لٽريچر جو ٻين ڀاشائن ۾ ترجمو ڪافي اتساهہ ڏيندڙ آهي پر هيٺين حاصلاتن ۾ ترجمي جي تصوير گهڻي روشن ڪانهي جيئن -

(١) گيان جي ٻين شاخائن جا انگريزيءَ ۾ ترجما

(٢) انگريزي ۽ ڀارتي ڀاشائن جا ڀارتي ڀاشائن ۾ ترجما

(٣) ڀارتي ڀاشائن ۾ نابرابر ترجما. مثال طور بنگاليءَ مان ٢٦٠ ڪتاب ملايم ۾ ترجمو

ٿيل موجود آهن جڏهن ته ملايم جا رڳو ١٢ ڪتاب بنگاليءَ ۾ ترجمو ٿيل ملن ٿا. نه برابر ترجمي جو هڪڙو ڪارڻ ته ڀاشائن جو ڪليل يا بند هئڻ جو سڀاو آهي؛ پر هڪڙو وڏو ڪارڻ آهي هڪ ڀاشا مان ٻيءَ ڀاشا ۾ ترجمو ڪندڙن جي کوٽ. ائين ته سڀني ڀارتي ڀاشائن ۾ اهڙا ماهر موجود آهن جيڪي پنهنجيءَ ڀاشا مان هنديءَ ۽ ٻين هاڻوڪين ڀاشائن ۾ ترجمو ڪري سگهن ٿا پر اهڙا ترجمان لڳ ڀڳ موجود ڪونهن جيڪي ڀارتي ڀاشائن جي وچ ۾ ترجمو ڪري سگهن؛ جيئن تامل ۽ مراٺي، مليالم ۽ گجراتي وغيره ۾ ترجمو ڪرڻ وارا مشڪل سان ملن ٿا.

## 7.4 ڪورس

ترجمي جا باقائتي ڪورس تمام ٿورين يونيورسٽيون ۾ هلندڙ آهن. هن وقت هينيان ڪورس موجود آهن :

١. اناملائي يونيورسٽي :
- پوسٽ گريجوئيشن ان ٽرانسليشن اسٽڊيز
- M.A اپلائيڊ لنگوسٽڪس اَينڊ ٽرانسليشن
- Ph.D ان لنگوسٽڪس (ترجمي سان گڏ)
- M.Phill ان ٽرانسليشن اسٽڊيز

٢. آگرا يونيورسٽي، ڪي.ايم. انسٽيٽيوٽ : ترجمي ۾ ڊپلوما ڪورس
٣. هماچل پرديش يونيورسٽي : ترجمي جي سکيا ۾ M.Phill studies
٤. پنڊت روي شنڪر شُڪلا يونيوسرٽي : ترجمي ۾ سرٽيفڪيٽ ڪورس
٥. سوامي رامانند تيرٿ مراٺواڙا يونيورسٽي : ترجمي ۾ سرٽيفڪيٽ ڪورس
٦. پونا يونيورسٽي : ترجمي ۾ سرٽيفڪيٽ ۽ ڊپلوما جا ڪورس
٧. حيدراباد يونيورسٽي (سينٽر فار ڊسٽينس ايڊيوڪيشن) :
پوسٽ گريجوئيٽ ان ٽرانسليشن اسٽڊيز (PGDTS)
٨. حيدراباد يونيورسٽي (هندي ڊپارٽمينٽ)
- ڊپارٽمينٽ ان ٽرانسليشن

- ايڊوانسڊ ڊپلوما ان ٽرانسليشن اسٽڊيز
- پوسٽ گريجوئيٽ ڊپلوما ان ٽرانسليشن اسٽڊيز
٩. حيدراباد يونيورسٽي (CALTS)
ايم. فل ۽ پي.ايچ. ڊي ترجمي جي اڀياس ۾
١٠. CIEFL (هاڻي TEFUL، حيدراباد) دَ سينٽر فار ٽرانسليشن اسٽڊيز
(CTS)گريجوئيشن بعد ترجمي جي سکيا ۾ ڊپلوما
١١. ڪيرالا يونيورسٽي : گريجوئشن بعد ترجمي ۾ ڊگري
١٢. مدوراءِ ڪامراج يونيورسٽي : گريجوئشن بعد ترجمي جي سکيا
١٣. تامل يونيورسٽي، تانجاوور : ترجمي جي سکيا ۾ ڊپلوما
١٤. وشو ڀارتي يونيورسٽي : (وهنوارڪ هندي ترجمن ۾ M.A)

مٿين سنسٿائن کان سواءِ ڪيترين ئي يونيورسٽين ۾ ڀارتي ڀاشائن جي ساهت جي اڀياس لاءِ سهوليتون موجود آهن (جيئن تہ ڪلڪتي جي جادَوپُر يونيورسٽي، ڏکڻ گجرات ۾ سورت ۾ وير نرمد يونيورسٽي) اهي پڻ ترجمي جي اڀياس جون سهوليتون ڏينديون آهن. ڪي خانگي سنسٿائون پڻ ترجمي ۾ ڊپلوما ڏينديون آهن، جيئن تہ انسٽيٽيوٽ آف ٽرانسليشن اسٽڊيز (رجسٽرڊ)، بينگلور. ان کان سواءِ هاڻي اهڙا ڪيترا ئي ڪورس موجود آهن.

7.5 هندستاني ٻولين جي تفصيلن جي گيان ڀنڊار جي رچنا (Construction) -: LDC-IL

LDC-IL ٻوليءَ جي انهن کي ڪوجنيڪن ۽ ماهرن کي مدد ڪرڻ لاءِ جوڙيو ويو آهي جيڪي ڪوجنيڪ يا ماهر هندستاني ٻولين جي تڪنيڪي پهلوءَ تي ڪم ڪري رهيا آهن. ٻوليءَ جو تفصيلوار ڀنڊار، ٻوليءَ جي تڪنيڪي پهلوءَ تي ڪوجنا ڪرڻ لاءِ اهم جزو آهي. LDC-IL، ڪامپيوٽر تي هندي ۽ ٻين ٻولين جي اُپيوگ کي هٿي ڏيڻ لاءِ آهي. ان لاءِ ٻوليءَ سان وابستہ مواد گڏ ڪرڻ؛ سوڌڻ ۽ معنيٰ ڏيڻ جنهن ۾ ٻولين جو ڪافي ڀنڊار اچي ٿو وڃي، انهن کي ٻين وشين سان جوڙڻ جيئن تہ ڀاشا وگيان، انگ اکر (statistics) انجنيرنگ وغيره.

هندستاني ٻولين جي مٿين مقصدن کي سرانجام ڏيڻ سان گڏو گڏ اها سنسٿا هيٺ ڏنل ڪاريہ پڻ ڪندي رهندي.

- هندستان جي سڀني ٻولين لاءِ هڪ سرچشمو (repository) پيدا ڪرڻ جيڪو ڪتابن، ٻولي، شبد گرنٿن وغيره جو گڏيل مرڪز ٿي ڪم اچي.
- جدا جدا سنسٿائن کي اهڙا تفصيلي پندار ناهڻ لاءِ مدد ڪرڻ.
- جدا جدا ڪوجنا جي ڪيترن ۾ اپياس، جيئن تہ تفصيل گڏ ڪرڻ، سهيڙي رکڻ ۽ ٻولين جي گڏيل مرڪز لاءِ مواد هٿ ڪرڻ لاءِ معيار مقرر ڪرڻ.
- تفصيل گڏ ڪرڻ جي ساڌنن ۽ انهن جي استعمال لاءِ مدد مُهيا ڪرڻ.
- تڪنيڪي ترجمي سان وابستہ وشين جي سيمينارن، ڪاريہ شالائن لاءِ مدد ڪرڻ.
- ڪامپيوٽر تي LDC-IL ويب سائيٽ تيار ڪري حاصل ڪيل تفصيل پيش ڪرڻ.
- عام ماڻهن لاءِ واجب ٻوليءَ سان لاڳو ٽيڪنالاجي تيار ڪرڻ، جنهن جو عام واهپو ٿي سگهي.
- ڪوجنيڪن يا ڪوجنا سنسٿائن ۽ عام ماڻهن جي وچ ۾ هڪ ڳانداپي جو ذريعو پيدا ڪرڻ.

اهي سڀ ڪم 'قومي ترجمو' مشن جي آدرشن جي برٿوابيءَ لاءِ، خاص ڪري ڪامپيوٽر ڪيتر لاءِ ڪارائتا ثابت ٿيندا.

## 7.6 C-DAC ۽ TDIL معرفت ڪيل ڪم :

اُهي شخص، جن کي هندستاني ٻولين جي ڪامپيوٽر دواران مشيني ترجمي جي ڪوجنا بابت ڪافي شڪ شبها هئا، تن کي اهو ڄاڻي حيرت ٿيندي تہ دنيا ۾ هاڻي گهڻا ئي اهڙا سرشتا موجود آهن. مثلن ناميارو سرشتو 'سئستران' (systran) آهي جو الٽاوسٽا (Alta Vista) ڳولها جي انجڻ (Search Engine) ۾ ڪم ايندو آهي ۽ METEO (جيڪو ڪئناڊائي آبهوا ڄاڻ مرڪز ۾ انواد جي ڪم ايندو آهي. هيءُ سرشتو 45000 لفظن لاءِ، 1977کان وٺي جدا جدا ٻولين جي آبهوا جي ڄاڻ جي بليٽن ۾ ڪم پئي آندو ويو آهي.) هندستان ۾ اهو سرشتو C-DACپاران وابستہ مواد گڏ ڪرڻ؛ سوڌڻ ۽ معنيٰ ڏيڻ، جنهن ۾ ٻولين جو ڪافي پندار اچي ٿو وڃي، انهن کي ٻين وشين جيئن تہ ڀاشا وگيان انگ اکر (statistics) انجنيرنگ وغيره سان جوڙڻ شروع ڪيو ويو. جڏهن (نيچرل لينگوج پروسيسنگ)

NLP تي ڪم شروع ڪيو ويو تہ ان ۾ اُهو اوزار جوڙيو ويو جنهن معرفت، سنسڪرت، گجراتي، انگريزي ۽ جرمن ٻولين ۾ وچور ملي سگهي. اها ٽڪنيڪ تيار ڪندي ڪمپنيءَ اُن جي وهنوارڪ پهلن تي زور ڏنو ۽ ڪيترين ئي سنسٿائن کي هن جي لاءِ سفارش ڪئي. اهڙي ڪاريہ جي اهميت کي سمجهندي هند سرڪار جي سرڪاري ٻولي کاتي هن رٿا کي تجرباتي طور مالي مدد ڪئي - منسٽري آف ڪميونڪيشن اينڊ انفارميشن ٽيڪنالاجي (MC& IT)، هينين وشين جي ترجمي ڏانهن ڌيان ڏنو آهي.

- سرڪار جا دستوري ۽ انتظامي طريقا (Formats)
- لوڪ سڀا ۾ سوال-جواب، دوائن بابت چاڻ
- قانوني لفظ ۽ فتوائون

سال 91-1990 ۾ هندستاني ٻولين جي ٽڪنيڪي واڌاري لاءِ الڳ کاتو برپا ڪيو ويو TDIL(ٽيڪنالاجي فار ڊيولپمينٽ آف انڊين لينگوجز). هن سال ۾ ڪامپيوٽر ذريعي هندستاني ٻولين کي مدد ۽ ڪوجنا لاءِ جوڳي مالي مدد ڏني وئي. هندستان ۾ ٢٢ الڳ الڳ ٻوليون آهن جن جو ترجمو هڪ وڏي للڪار جو ڪم آهي جنهن ۾ هندي ۽ انگريزي ڳانديوُ آهن جن ۾ گهڻو سرڪاري ڪاروبار هلي ٿو ان ڪري MT پاران انهن ٻولين کي اهميت ڏني وئي.

ان خيال کان ڪوجنا ڪاريہ جا بہ ڪيتر ڳولهيا ويا آهن. هڪ هندستاني ٻوليءَ جو هڪ ٻيءَ هندستاني ٻوليءَ ۾ ترجمو ۽ ٻيو هندي ۽ انگريزي ٻولين جي وچ ۾ ترجمو. هيل تائين ٽن سنسٿائن - C-DAC (پونا) NCST(جنهن کي هاڻيC-DAC ممبئي بہ چيو ويندو آهي). IIT حيدراباد ۽ IIT ڪانپور، هن ڏس ۾ تڪڙا ۽ بنيادي قدم کنيان آهن.

ڊپارٽمينٽ آف اليڪٽرانڪس (DOE) پاران چاڻ جي بنياد تي ڪامپيوٽر سرشتو تيار ڪيو آهي ۽ C-DACجي پاران هڪ ’وياڪرتا‘ (Vyakarata) نالي سرشتو تيار ڪيو ويو آهي جنهن موجب، انگريزي، هندي، گجراتي ۽ سنسڪرت ٻولين جي وچم ترجمو ممڪن آهي. ساڳيءَ طرز تي MANTRA تيار ڪيو ويو آهي (جنهن موجب سرڪاري آفيسن ۾ ڪم اينڊڙ ٻوليءَ جا جملا انگريزيءَ مان هنديءَ ۾ ترجمو ٿي سگهن.) سرڪاري

ٻولين جي ويا ڪَ، جنهن هن لاءِ مالي مدد مهيا ڪرائي هئي، ان لاءِ هن پروگرام جو نمونو پڻ پيش ڪيو ويو. هن پروجيڪٽ جو مقصد ڪاتي جي عملي لاءِ اهو سرشتو تيار ڪرڻ هو. هاڻي اهو سرشتو نوڪري ملڻ جا خط، بدلين جا خط ۽ سوچنائن وغيره لاءِ ڪم اچي رهيو آهي ۽ مقرر ڪيل درجي جي ڪامپيوٽر جي DTP ۽ ورڊ پروسيسنگ پيڪيج مان تفصيل پڻ حاصل ڪري سگهي ٿو.

ڪامياب انگريزي- هندي ترجمي جي سرشتي بعد C-DAC ٻين هندستاني ٻولين جي هڪ ٻئي جي وچ ۾ گهڻ ٻولي ترجمي جو سرشتو تيار ڪرڻ ۾ رُڌل آهي. اهو سرشتو پڻ ڪن ٻـ ٻن ٻولين جي وچ ۾ ترجمو ممڪن ڪري سگهندو.

ٻي سنسٿا جيڪا مشيني ترجمي (MT) جي ڪاريـ ۾ رُڌل آهي، اُها آهي ممبئي جي C-DAC اول جنهن کي NCSTچئبو هو، جنهن هندستان ۾ ڪامپيوٽر ذريعي ترجمي جي شروعاتي ڪوشش ڪئي. اَسيءَ جي ڏهاڪي ۾ انهن سڪرين ٽاڪ(Screen Talk) جو ماڊل تيار ڪيو. جنهن موجب PTI پاران ڪن خاص خبرن جي پرسار لاءِ لپيءَ جي بنياد تي سرشتو قائم ڪيو ويو. ان بعد ان هڪ ٻيو سافٽ ويئر شروع ڪيو جنهن کي ’ماترا‘ (MaTra) ڪوٺيو ويو؛ جنهن موجب انگريزي ۽ هندستاني ٻولين ۾ ترجمي جو سلسلو شروع ڪيو ويو. اها شروعات هندي ٻوليءَ سان ڪئي وئي. ’ماترا‘ کي ٻن طريقن سان واپرائي سگهبو آهي. آٽوميٽڪ طريقي سان؛ هن مان سُنو ترجمو ملي سگهي ٿو. بعد ۾ جنهن کي گهرج موجب ايڊٽ ڪري سگهجي ٿو ۽ ٻيو هٿ سان ترجمي (Manual) جي طريقي ڪم آڻڻ- ان کي پنهنجي موجب ڪم آڻي ترجمو ڪري سگهجي ٿو.

هن چٽاپيٽيءَ جي ماحول ۾ IIT ممبئي ۽ IIT ڪانپور پڻ هن ڏس ۾ ڪي رٿائون هٿ ۾ کنيون. جيئن تہ ’اَنوسارِڪا‘، ’اَنگل پارتي‘ ۽ ’اَنوُپارتي‘ وغيره. هاڻي هن مسئلي کي منهن ڏيڻ لاءِ IIT ممبئيءَ پاران ’يونيورسل نيٽورڪنگ لينگويج‘ (UNL) تي گرم جوشيءَ سان ڪم ملي رهيو آهي. چيو وڃي ٿو تہ ڪامپيوٽر ترجمي جو سرشتو ’انگل پارتي‘ هڪ انقلابي ڪم ثابت ٿيندو. اهو سرشتو ڪامپيوٽر ذريعي انگريزيءَ مان هنديءَ ۾ ترجمو ممڪن ڪري عام صحت جي پرچار لاءِ فائديمند ثابت ٿيندو.

جيتوڻيڪ هنن رٿائن مان گهڻين ۾ انگريزيءَ مان هندي ترجمي  جو بندوبست آهي، پر هن سرشتي کي ٻين هندستاني ٻولين جي ڪيتر ۾ آڻڻ هڪ وڏو للڪار پريو ڪارنامو ثابت ٿيندو. ’انوسارڪا‘ تجويز جاIIT ڪانپور ۾ شروع ڪئي وئي؛ اها اڳتي هلي IIT حيدراباد ۽ حيدراباد جي CALTS يونيورسٽي دوران آخري انجام تي پهچڻ جي ڪوشش آهي، جنهن موجب هڪ هندستاني ٻوليءَ مان ٻيءَ هندستاني ٻوليءَ ۾ ترجمو ٿي سگهي. ’انوسارڪا‘ ۾ هڪ ٻوليءَ مان ٻيءَ ٻوليءَ ۾ پاڻن جي ترجمي جو سافٽ ويئر تيار ڪيو ويو آهي. اهو ترجمو پڙهندڙ سمجهي ته ويندو پر وياڪرڻ جي لحاظ کان ٺُڪ نه هوندو. مثلن، بنگالي ٻوليءَ مان هندي ٻوليءَ ۾ ترجمو ته ٿي ويندو جيڪو ’ڪام چلائو‘ هوندو پر وياڪرڻ جي لحاظ کان صحيح نه هوندو. ’انوسارڪا‘ سائيٽ تي وڃڻ سان جنهن کي اها ٻولي نٿي اچي، اُهو اُها ٻولي پڙهي سگهندو. اهڙيءَ ريت ’انوسارڪا‘ سافٽ ويئر تيلگو، ڪنڙ، بنگالي، مرهٽي ۽ پنجابي ٻولين مان هندي ٻوليءَ ۾ ترجمي لاءِ تيار ڪيو ويو آهي.  اهو سافٽ ويئر هر ڪنهن کي ملي سگهي ٿو.  IIT حيدراباد هاڻي هڪ نئين سرشتي ’شڪتيءَ‘ کي ترجمي جي مدد لاءِ تيار ڪيو آهي.

ظاهر آهي ته هن ڏس ۾ گهڻو ڪم ڪرڻ باقي آهي جنهن ۾ ڪوجنيڪ، يونيورسٽيون، IITs ۽ سافٽ ويئر انڊسٽريون گنڀيرتا سان رُڌل آهن، جن کي قومي ترجمو مشن جي مدد جي ضرورت آهي.

## پاڱ - ۸
## تڪنيڪي سوال

هندستاني ٻولين جي ڪمپيوٽر ذريعي ترجمي جا قدم اڃا اوائلي صورت ۾ آهن. هن ۾ ڪيترائي ذريعا - (اوزار) ڪم آڻڻا پوندا جيئن تہ ورڊ پروسيسر (Word Processors) ، شبد ڪوش، ويوستا جا تريقا، لفظن جو هڪ هنڌ گڏ ٿيل ذخيرو (Word Bank)، ڪمپيوٽر تي انٽرنيٽ ذريعي شبد ڀنڊار، هم معنيٰ شبد ڀنڊار، ترجمي ۾ يادداشت جو سافٽ ويئر، اي-ترجمو سيکارڻ جو سافٽ ويئر، جوڙ، وياڪرڻي ڀاڱيداپا، انٽرنيٽ تي سانسڪرتڪ لفظن جو تفصيلوار ذڪر ۽ ڪمپيوٽر تي ميسر ٻيون سهوليتون. مشيني ترجمي کان سواءِ اِهي سڀ ترجمي سان سڌي نموني لاڳو نہ هوندي پڻ ترجمان جي سهوليت لاءِ ضروري آهن.

NTM مشن ٽرانسليشن دواران ترجمو ڪرڻ لاءِ سکيا ۽ ترتيب جا ذريعا ڳولهي سگهي ٿي ۽ ڪن ڪمن لاءِ ڪن سنسٿائن سان سنٻنڌ جوڙي ڪين مدد ڏئي سگهي ٿي. NTM هينين ڳالهين ۾ C-DACۦ ٽيڪنالاجي ڊيولپمينٽ فار انڊين لينگوجز وغيره سان سهڪار ڪري هينيان قدم کڻي سگهي ٿي.

(ا) ضروري سرشتو(infrastructure) قايم ڪرڻ، خاص ڪري ڊجٽل ٽولس (Digital tools) جيئن لفظن جا گهڻ معنيٰ وارا ڪتاب (thesaurus)، ٻن ٻولين ۾ شبد ڪوش، ترجمي جي يادداشت لاءِ سافٽ ويئر، جن جو ترجمي جي ڪم تي ڪافي اثر پوندو.

(ب) لفظن جو ڀنڊار تيار ڪرڻ جيئن تہ اي - ڊڪشنريون، وردنيٽس، ٻوليءَ جي ڇيد ۽ جوڙڻ جا ذريعا، ڀاڱيداپي جا ذريعا ۽ ان جو وهنوار؛ جيڪي جدا جدا سنسٿائن سان ملي دوردرشتيءَ جي خيال کان ڪم ڪرڻ جو، هڪ گڏيل محاذ ٺاهي ڪم ڪري سگهي ٿي جنهن لاءِ ڪا گڏجاڻي ڪوٺائڻ ۽ انٽرنيٽ تي بحث ڪرڻ هڪ جزو ٿي سگهي ٿو.

(پ) اصلوڪن ڪتابن جي حقن واسطن جي سوال جو ڪمپيوٽر تي ڊجٽل (digital) ترجمي جي حوالي ۾ خاطر خواه حل ڳولهڻ. NTM هن ڳالهہ جو خاطر خواه بندوبست ڪري سگهي تہ اهو سڀ ذخيرو صحيح طريقي سان XML ۽ DTDs ذريعي محفوظ رکي سگهجي ٿو.

(پ) LDC-IL جي برابر اعليٰ معيار جو شبد ڀنڊار تيار ڪرڻ ۽ ان سان واسطيدار جوڳيون سوچنائون شامل ڪرڻ. اهو شبد ڀنڊار ۽ سوچنائون مشيني ٽرانسليشن جي تڪنيڪ جي روپ ۾ ڪم آڻي مشيني ٽرانسليشن (MT) ڪري سگهجي ٿو.

(ڀ) هڪ ٻئي سان ڳانڍيوُ ٻولين (interlingual) جا بنيادي رُخ اپنائڻ جن جي آڌار تي ’يونِورسل نيٽورڪنگ لينگويج‘ (UNL) لاءِ متحد قومن جي زير سايي ١٩٩٦ ۾ ١٥ ملڪن لاءِ ڪم شروع ڪيو ويو. ممبئي IIT ڪيترائي اهڙا سرشتا ٽولس (tools) ايجاد ڪيا آهن جن جي دواران انگريزي ۽ ٻين ٻولين جي وچ ۾ ڪامپيوٽر ذريعي هڪ جهڙا ترجما ڪري سگهجن.

## ڀاڱو - ٩

## ڪاروباري بندوبست

### 9.1 بندوبست

CIIL هڪ ڳنڍيندڙ سنسٿا طور، قومي ترجمو مشن برپا ڪندي ۽ ان جو ڪاروبار هلائڻ جو بندوبست ڪندي. CIILجو ڊائريڪٽر هن رٿا جي سرانجاميءَ لاءِ هڪ ڳنڍاپي جو ڪم ڪندو. قومي ترجمو مشن جو ڊائريڪٽر هن رٿا جي صلاحڪار ڪاميٽيءَ جو ميمبر سيڪريٽر ٿي رهندو. (NTM-PAC)

9.2 رٿا صلاحڪار ڪاميٽي (NTM-PAC Prject advisory committee)

هن رٿا صلاحڪار ڪاميٽيءَ جو بنيادي بندوبست هيٺين نموني ٿيندو

| | | |
|---|---|---|
| ١ | ڊائريڪٽر، سينٽرل انسٽيٽيوٽ آف انڊين لئنگوجز، مئسور | چيرمين |
| ٢ | جائنٽ سيڪريٽري (لئنگوجز) جو نمائندو يا ڊائريڪٽر (لينگوجز)، ڊپارٽمينٽ آف هائر ايڊيوڪيشن، MHRD ڀارت سرڪار | ميمبر |
| ٣ | JS & FA يا IFD (HRD) جو نمائندو | ميمبر |
| ٤ | چيرمين، ڪميشن فار سائنٽيفڪ اَينڊ ٽيڪنيڪل ٽرمنالاجي (CSTT)، نيو دهلي | ميمبر |
| ٥<br>٦ | ترجمو سيکاريندڙ الڳ الڳ يونيورسٽين جي ڊپارٽمينٽن جا ٻه عيوضي | ميمبر |
| ٧<br>٨ | واري وٽيءَ سان راڄيہ سرڪارين جا ٻه عيوضي، جيڪي راڄيہ ۾ هلندڙ ترجمي ۽ ڀاشا جي سرگرمين سان وابستہ سنسٿائن، ۽ اَڪاڊمين جا هجن. | ميمبر |
| ٩ | ڪنهن ٻہ ڀاشا يونيورسٽيءَ جو واري وٽيءَ سان وائيس چانسلر | ميمبر |
| ١٠ - ١٢ | بوڪ سيلرن ۽ پبلشرن جا ٽي عيوضي | ميمبر |
| ١٣ | ساهتيہ اڪادمي جو سيڪريٽري | ميمبر |
| ١٤ | NBT جو ڊائريڪٽر | |

| | | |
|---|---|---|
| ١٥-<br>١٦ | الڳ الڳ IITs ۽ NITs انڊسٽريز جيڪي ترجمي جي ڪوجنا ڪاريہ سان جڙيل آهن، انهن جا ٻہ عيوضي | ميمبر |
| ١٧-<br>٢٤ | اٺ ماهر، جيڪي ترجمي‌جا /خانگي سنسٿائن/ڪارپوريشن/عام شخصن جا عيوضي هجن (ٻن سالن جي واري وٺيءَ سان) | ميمبر |
| ٢٥ | NTM جو پروجيڪٽ ڊائريڪٽر يا ان جي غير حاضريءَ ۾ CIIL اڪيڊمڪ سيڪريٽري | ميمبر سيڪريٽري |

9.3 NTM سوسائٽيءَ جي ميمبرشپ

NTM سوسائٽيءَ جي ميمبرشپ عام طرح سان انهن سڀني پروفيشنلس، سيڪراٽن ترجمانن، سنسٿائن ۽ عام شخصن لاءِ کليل هئڻ گهرجي جن جو ترجمي جي سرگرميءَ ۾ چاهہ آهي. NTM جي ميمبرشپ جي لاءِ وچور ويب سائيٽ تي الڳ ڏسي سگهجي ٿي.

9.4 پروجيڪٽ ڊائريڪٽر

قومي ترجمو مشن جي پروجيڪٽ ڊائريڪٽر جي مقرري هڪ ڪاميٽيءَ پاران ڪئي ويندي جنهن جا ميمبر هوندا، جائنٽ سيڪريٽري (ڀاشائون)- چيرپرسن طور ۽ ڊائريڪٽر CIIL جو ميمبر سيڪريٽري هوندو ۽ ٽي ماهر، ٻہ NTM جي PAC پاران، هڪ ٻاهريون عيوضي جيڪو سيڪريٽري HE پاران ٽافيو ويندو. پروجيڪٽ ڊائريڪٽر جي عهدي لاءِ گهربل ۽ ٻيون لياقتون هن ريت هونديون :

(١) قومي ترجمو مشن جي ڊائريڪٽر جي مقرريءَ جو مدو پنج سال ٿيندو.

(٢) پروجيڪٽ ڊائريڪٽر سٺ سالن جي عمر کان گهٽ هجي تہ بهتر.

(٣) هن عهدي جي لياقت لاءِ، ماهر ترجمي ۾ ڪنهن بہ ڀاشا ۽ ساهتيہ جي کيتر ۾ (تلناتمڪ ساهتيہ سوڌو) ڊاڪٽريٽ جي ڊگري حاصل ڪيل هجن، يا/ ۽ ڀاشا وگيان ۽ ترجمي جي کيتر ۾ غير معمولي مهارت رکندڙ هجن.

(٤) پڙهائڻ جو ۽ ڪوجنا جو گهٽ ۾ گهٽ ١٥ سالن جو تجربو هئڻ ضروري آهي.

(٥) ترجمي جي اڀياس ۽ شبد اڀياس تي ڇپايل ڪتاب.

(٦) ڪيل ترجمي جي ڪم جي پبليڪيشن جو ثبوت.

NTM پروجيڪٽ ڊائريڪٽر، CIIL جي ڊائريڪٽر جي اختياريءَ هيٺ رهندو جيڪو مشن جو ڳنڊيندڙ آفيسر تي رهندو، جنهن کي ڳهربل دستاويزن گڏ ڪرڻ ۽ اڳتي ڪم وڌائڻ بابت ڪم ڏيڻ لاءِ فرض شامل رهندا. البت هنن سيني ڪمن لاءِ شروعاتي ڪم ۽ لک پڙهه پروجيڪٽ ڊائريڪٽر دواران ٿيندي. NTM جي پروجيڪٽ ڊائريڪٽر جون هيٺئين نموني جون جوابداريون رهنديون.

(a) سيني دفترن، پبليڪيشن يا ڪامپيوٽر معرفت پبليڪيشن ۽ ٻيون سڀ شيون جيڪي ڪميشن ڪيس سپرد ڪري، انهن جي جوابداري ۽ سنڀال.
(b) سنسٿا پاران جدا جدا اختيارين ۽ سنسٿائن سان لک پڙهه ڪرڻ.
(c) PAC جي چيرپرسن جي هدايتن موجب، NTM-PAC، ڪم ڪندڙ گروپن ۽ ٻين ڪاميٽين جون ميٽنگون ڪوٺائڻ.
(d) هنن ڪاميٽين جي ميٽنگن جا منٽس رکڻ.
(e) NTM جو حساب ڪتاب رکڻ.
(f) PAC پاران NTM کي ڏنل اختياريءَ موجب نظرداري ڪرڻ ته پيسا جن ڪمن لاءِ مهيا ڪيا ويا آهن اهي انهن ڪمن جي برثوابيءَ لاءِ خرچ ٿين.
(g) هر سال جي شروعات ۾ مشن جي خرچ جو تخمينو تيار ڪري CIIL جي معرفت منسٽريءَ کي ويچار ۽ بحاليءَ لاءِ موڪلڻ.
(h) گورننگ بورڊ پاران ڏنل اختيارين موجب انتظامي ۽ مالي مدد ڪرڻ.
(i) مٿي چيل ڳالهين جي باوجود، مقرر ڪيل پروجيڪٽ ڊائريڪٽر کي غلط وهنوار سبب برخواست ڪرڻ جو حق پارت سرڪار کي رهندو.

## 9.5 عملي جي پورائي

قومي ترجمو مشن ۾ کي به دائمي جڳهيون نه ٿينديون. ضرورت پوڻ تي ئي عملي جي جاءِ پري ويندي ۽ اهو پڻ ٿوري وقت جي ٺيڪي (contract) جي بنياد تي. گهڻو ڪم ٻاهرين سنسٿائن کي ڏئي ڪرايو ويندو. البت 65 ماڻهن جو مکيه عملو رهندو جنهن مان ٽيون حصو دهليءَ جي آفيس ۾ رهندو ۽ ٻيا مَيسور ۾ رهندا. ان کان سواءِ ڪن خاص ڪمن لاءِ صلاحڪار ۽ هندستان جي الڳ الڳ ٻولين جا ماهر پڻ جڙيل رهندا.

65 NTMجي core عملي جي مکيہ ماڻھن جا عارضي تفصيل ھيٺ ڏجن ٿا.

| نمبر | ڪاتو |
|---|---|
| ا | ڪل عملو 65 |
| (a) | ھڪ پروجيڪٽ ڊائريڪٽر. اُجورو رپيا 40,000 ڪان مٿي |
| (b) | چار نائب ڊائريڪٽر يا پروفيسر - ھڪ سائنس، ھڪ ٽيڪنالاجي، ھڪ سماجڪ وگيا Humanity. اُجورو رپيا 35,000 ڪان 38,000تائين |
| (c) | ٻارھن ريسرچ آفيسر يا ريڊر - اُتر، ڏکڻ، اوڀر ۽ اولھہ ھندستان لاءِ اُجورو رپيا 29,000 ڪان 32,000 تائين |
| (d) | ٻارھن جونيئر رسرچ آفيسر يا سينير ليڪچرر، چئن ڀاڱن لاءِ ۽ اُتر - اوڀر لاءِ. اُجورو روپيا 20,000 ڪان 26,000 تائين. |
| (e) | پنج ڪوجنا ائسوسئيٽس. اُجورو روپيا 15,500ڪان 18,000تائين. |
| (f) | پنج سينير ايڊيٽر / ويب ايڊيٽر (ڇاپي لاءِ) ھر ڀاڱي لاءِ ھڪ ۽ اُتر اوڀر لاءِ ھڪ. اُجورو روپيا 24,000 ڪان 26,000تائين. |
| (g) | پنج سب ايڊيٽر - پرنٽنگ ۽ ويب. اُجورو روپيا 20,000 ڪان 22,000 تائين |
| (h) | ھڪ ائڊمنسٽريٽو آفيسر (اڪائونٽس)، اُجورو روپيا 22,000 |
| (i) | ٻہ آفيس سُپرنٽينڊينٽ |
| (j) | چار سينير پروجيڪٽ ٽيڪنيشنس. اُجورو روپيا 24,000ڪان 26,000 تائين. |
| (k) | ڏھہ جونيئر پروجيڪٽ ٽيڪنيشنس. اُجورو روپيا 20,000 ڪان 22,000تائين. |
| (l) | ٻہ ڊيٽا اينٽري آپريٽر - انگريزي ۽ ٻين ٻولين ۾ |
| (m) | آفيس عملو (ٻہ) اڪائونٽس ڪاتي لاءِ |

يارھين پلان (يوجنا) جي دَوران خرچ جو تخمينو روپيا 4,26,53,012 (لڳ ڀڳ)

9.6 اِستان

EFC (۽ PAMDپڻ)، ان راءِ تي پھتي آھي تہ قومي ترجمو مشن ھڪ ئي جڳھہ ۾ ھجي جتي سندس جدا جدا ڪاتا ساڳيءَ ڇت ھيٺ ھجن جيئن خرچ گھٽ ٿي سگھي. ساڳئي وقت اھو بہ فيصلو ڪيو ويو تہ ھن سنسٿا لاءِ پنھنجي جاءِ ٺھرائڻ ڪان پرھيز ڪجي. تنھن ڪري اھو فيصلو ڪيو ويو تہ ھيءَ سنسٿا مَيسور جي CIILجي جاءِ ۾ ئي

پنهنجو ڪم شروع ڪري. CIIL، ميسور ۾ گهربل سهوليتون ميسر آهن ۽ وٽن ضروري مهارت پڻ موجود آهي، جنهن ذريعي هن سنسٿا جا ڪم هڪ ٻئي سان جوڙي سگهبا ۽ شروعات ڪرڻ ۾ پڻ سهوليت ٿيندي. ميسور ۾ هن ڪاريه لاءِ هڪ مڪان مسواڙ تي وٺي سگهجي ٿو.

چاڪاڻ ته قومي ترجمو مشن کي هميشهه، سرڪاري کاتن، سنسٿائن، واپاري گهراڻن، ڪامپيوٽر سافٽ ويئر جي ماهرن، پبلشرن، خود مختيار ڪلچرل سنسٿائن، هندستاني ۽ پرڏيهي ٻولين جي ماهرن سان له وچڙ ۾ رهڻو پوندو، تنهن ڪري هڪ ڳانڍاپو رکندڙ (Liason) آفيس، دهليءَ ۾ پڻ هئڻ ضروري آهي؛ چاڪاڻ جو گهڻا پرڪاشڪ دهليءَ ۾ ئي موجود آهن. جدا جدا ڀاشائن جا ڪامپيوٽر ماهر پڻ دهليءَ ۾ ئي آهن. في الحال اها آفيس دهليءَ ۾ مسواڙيءَ جاءِ مان ڪم هلائيندي.

9.7 مُدو

هن قومي ترجمو مشن جي ضرورت تيستائين رهندي، جيستائين هندستان جون جدا جدا ڀاشائن ۾ ساهتيه ۽ چاڻ جي ڪتابن جي ترجمي جي ضرورت محسوس ڪئي ويندي. چاڻ جا روز نوان نوان ڪتاب نڪرن پيا ۽ ساهتيه جو سرجڻ پڻ هڪ هلندڙ ڪاريه آهي تنهن ڪري ويجهي ايندڙ وقت ۾ هن سنسٿا کي سميٽڻ جو سوال پيدا ٿي نٿو سگهي.

# ڀاڱ - ١٠

# مالي ذريعا ۽ رٿا جي شروعات

## 10.1 مالي ذريعا

NTM ترجمي جي کيتر ۾ بنيادي سنسٿا طور ڀارت سرڪار پاران برپا ڪئي ويندي ۽ ان جي مدد جو ذريعو پڻ مکيہ طور ڀارت سرڪار ٿيندي. NTM مرڪزي سرڪار جي رٿا تي رهندي. *البت اها اُميد ڪئي ٿي وڃي تہ ٻارهين پنج سال يوجنا دوران هيءَ* سنسٿا خود ئي ڪجهہ مالي ذريعا پيدا ڪرڻ جي شروعات ڪري سگهندي. *ان بعد* هوءَ پنهنجي ڪم *لاءِ* ڪتب ايندڙ ڊڪشنرين جو ترجمو ، گهڻَ لفظي ڊڪشنريُن جو ترجمو، ترجمن جو سافٽ ويئر (ڪامپيوٽر سرشتو) ۽ ڪِن ڪتابن جو ترجمو پڻ تيار ڪري وڪري *لاءِ* ميسر ڪري سگهندي جي ڪيترن *اِدارن* پاران وڪري *لاءِ* مارڪيٽ ۾ موجود رهندا. هنن ڪتابن جي قيمت *اهڙي* رکي ويندي جو *اها* عام جي پهچ جي *اندر* هجي. پرڪاشن جي سنسٿاڻُن کي انهن *ڪمن لاءِ آمادهہ* ڪرڻو پوندو جيئن *اُهي* پرڪاشڪ سهڪار ڏين، کين مالي مدد وغيره ڏيڻ جو خاطرِ خُواهہ بندوبست *اجا* NTM-PAC کي طَي ڪرڻو آهي.

## 10.2 خرچ جو تخمينو

جيتوڻيڪ NKC ۽ MHRD جو شروعاتي تخمينو رپيا ٢٥٠ ڪروڙ هو پر پوءِ رٿيو ويو تہ شروعاتي دور ۾ هن جي خرچ جو تخمينو ١٠٠ ڪروڙ رپين جي *اندر* ئي رکيو وڃي. *ان* ريت مارچ 2008 ۾ EFC جو ڊرافٽ وري نئين سر تيار ڪيو ويو ۽ 98.97 ڪروڙ رپين جو تخمينو پيش ڪيو ويو. *ان بعد* NTM-EFC اهو طَي ڪيو ويو تہ CSTT جي *ڪاتي* ۾ ڏيکاريل (رپيا ويهہ ڪروڙ) ۽ NCERT جي *ڪاتي* ۾ ڏيکاريل (رپيا ٥ ڪروڙ) *ان* تخميني مان هٽايا وڃن. (ڏسو NTM-EFC جا *مِنِٽس، آئٽم* 11 (4,5)، صفو ٦ ۽ PAMD جا رايا *پيرا-٣*، پنو نمبر ٢ تي ڏنل *آهن* ۽ *پيرا* ١٠ جنهن ۾ هن *آئٽم* تي حوالن جي هڪ جهڙائي ظاهر ڪئي وئي *آهي*).

*آخر* ۾ EFC جي ميٽنگ ۾ NTM جو تخمينو 73.97 ڪروڙ منظور ڪيو ويو. (ڏسو NTM-EFC نمبر F 25-4/2008-IFD تاريخ 22 May, 2008 ڏسو NTM منٽس، *آئٽم* ١١ (i) پنو نمبر ٦)

سالن موجب تخميني جا تفصيل هِنَ ريت آهن:

| | 2008-09 | 2009-10 | 2010-11 | 20011-12 | TOTAL |
|---|---|---|---|---|---|
| **Recurring** | **1519.712** | **2026.305** | **1800.731** | **2050.682** | **7397.43** |
| 1. Human Res | 99.312 | 100.305 | 108.831 | 118.082 | 426.53 |
| 2. Publ+Other tasks | 1181.00 | 1901.60 | 1661.00 | 1901.60 | 6645.20 |
| 3. General Maint. | 14.40 | 14.40 | 14.40 | 14.40 | 57.60 |
| 4. Equip./ Softw | 220.00 | 220.00 | 00.00 | 00.00 | 220.00 |
| 5. Equip. Maint. | 00.00 | 5.00 | 11.50 | 11.50 | 28.00 |
| 6. Travel | 5.00 | 5.00 | 5.00 | 5.00 | 20.00 |

ٽيبل - ا : NTM جو سالن موجب قبول ڪيل ڪُل تخمينو.

تفصيلِ وار ڪمن تي خرچ (آئٽم نمبر ٢ ۾ ڏيڪاريل) پڻ هيٺ ڏنل طريقي سان طَي ڪيا ويا آهن (CSTT۽ NCERTجي خرچ ڪي گهٽائڻ بعد)

ڪمن تي خرچ (لکن رپين ۾)

| | | |
|---|---|---|
| a | **Publication** & translation of 1760 reference books+200 text books | 4520.00 |
| b | **G. I. A** subsidies for journals on translation | 200.00 |
| c | **G. I. A** grats to authors/translators for copyright Fee | 35.20 |
| d | **G. I. A** grants for translator trainig | 100.00 |
| e | **Task+G. I. A** Electronic Dictionaries/Thesauri (Rs390cr+Rs600cr) | 990.00 |
| f | **G. I. A** grants for NLP Research | 400.00 |
| g | **G. I. A.** Grants for University Departments conducting Degree/diploma courses on translation | 200.00 |
| h | **Web-Maintenance** (National Register/Bulletin/E-zine/Search/Tools | 200.00 |
| | **Total (in lakhs): Rs** | **6645.20** |

ڪم، صلاح مصلحت ڀاهران ڪم ڪرائڻ ۽ G.I.A. جو NTM لاءِ قبول ڪيَلُ ڪُل تخمينو.

EFC جي منٽس ۾ اهو پڻ ذِڪرُ ڪيو ويو ته هاڻي 'انوڪرتي' رڳا جيڪا CIILجي ماتحت هلي رهي آهي اُها اڳتي NTM جي ماتحت هلندي ۽ ڪمن جو دهراو نه ٿيڻ کپي.

جيتري قَدُرُ NTM ۾ G.I.A.جو واسطو آهي، آئٽم 'e' ڪي ڇڏي 'b' ۽ 'g' ڪي ڳڏ ڪرڻو پوندو، اهڙيءَ ريت يونيورسٽين، ترجمي جي سنسٿائن، ماهرن ۽ شخصن کي مالي مدد ڪُل 1532.20 لک ٿيندي. اهو ظاهر آهي ته هن ڪم لاءِ سڄي ملڪ جي ڪنڊ ڪڙڇ مان تجويزون گهرايون ويندون جن کي 'b'، 'd' ۽ 'f' اسم موجب مالي مدد ڏني ويندي. البت اسم 'c' ڪتابن جي سيٽاپ جي چونڊ ئي ٿي سگهندي. اسم 'g' جي ماتحت يونيورسٽين جا ڪاتا جيڪي ترجمي جي سکيا ڏين ٿا انهن جي مدد جو مقدار پڻ جدا طريقي سان ڪرڻو پوندو. G.I.A. جو ڪم NTM جي صلاحڪار ڪاميٽيءَ جي شروعاتي فيصلن بعد ئي شروع ٿيندو.

NTM جي مڪمل رٿا آخر ۾ مانواري HRD منسٽري 18جون 2008 تي منظور ڪئي. هتي اهو ذڪر ڪرڻ ضروري آهي ته اڳوات ئي شروعاتي 90 لک روپيه سال 2007۾ NTM لاءِ منظور هئا ۽ خرچ لاءِ ڪاتا ۽ اپ ڪاتا تيار ڪيا ويا هئا، پر جنهن صورت ۾ EFC نهڻ ۾ دير ٿي تنهن ڪري مٿين رقم مان ڪجهه به خرچ نه ٿي سگهيو. سال 09-2008 ۾ وري 100 لک NTM لاءِ BG ۾ قائم رکيا ويا جنهن جا تفصيل هن ريت آهن:-

| | 2008-09 B. G. | | |
|---|---|---|---|
| **Salary, incl Consultancy/ Tr. Fee/Honor** | 50.00 | **Office Ex** | 13.00 |
| **O. T. A.** | 00.00 | **O. A. C** | 05.00 |
| **Medical** | 00.50 | **O. C.** | 05.00 |
| **Travel Exp** | 10.00 | **G. I. A.** | 16.50 |
| | | **TOTAL** | **100.00** |

ٽيبل-٣:- NTM لاءِ شروعاتي سال 2008کان 2009لاءِ قبول ڪيل بجيٽ

سنسڻا PAO کي پهريون ٻه ٽي ماهي قسطن ڏيڻ لاءِ لکيو جنهن شروعاتي بجيٽ مان رڳو 41.75 لک موڪليا. (خط NTM(F1-1/2008-09/Accts/BUDGET/(NTM) ۽ G.I.A. جا گڏيل کاتا سرڪاري نيمن موجب شروع ڪرڻ لاءِ ڪيا ويا آهن. هن ريت NTM جي بجيٽ سال 09-2008 لاءِ (اپريل جو تخميني موجب) روپيه 1419.712رهندي چاڪاڻ جو هاڻي گهڻو وقت گذري چڪو آهي ۽ خرچ جا طور طريقا پڻ طَي ڪرڻا آهن جن ۾ پڻ گهڻو وقت لڳندو تنهن ڪري هن سال جي هن بجيٽ کي وري بدلائي واجبي طور گهٽ ڪرڻو پوندو. سال وار گهڻيل بجيٽ جا انگ اکر هيٺ ڏنل آهن. هن ۾ اڳين ٻن تفصيلن جا ڪم جدا ڪيا ويا آهن جي ٻين کي ٺيڪي تي ڏنا ويندا (outsourcing) ۽ جي ڪن ماهرن جي حوالي ڪيا ويندا.

NTM بجيٽ (لکن روپين ۾)

| | 2008-09 Released | 2008-09 Addl to be asked for | 2009-10 | 2010-11 | 20011-12 | Total |
|---|---|---|---|---|---|---|
| **Salary, incl** | 50.00 | 49.312 | 100.305 | 108.831 | 118.082 | |
| **Consultancy/** | | 100.688 | 110.757 | 121.833 | 134.016 | |
| **Tr. Fee/ Honor** | | 124.950* | 183.260* | 331.079# | 364.187 | |
| | | | 58.310 | | | |
| | | **274.950** | **452.632** | **561.743** | **616.285** | **1955.61** |

| | 2008-09 Released | 2008-09 Addl to be asked for | 2009-10 | 2010-11 | 20011-12 | Total |
|---|---|---|---|---|---|---|
| O. T. A. | 00.00 | 00.000 | 00.000 | 00.000 | 00.000 | **00.000** |
| Medical | 00.50 | 00.000 | 00.550 | 00.600 | 00.65 | **002.30** |
| Travel Ex | 10.00 | 05.000 | 30.000 | 35.000 | 45.00 | **125.00** |
| Office Ex | 13.00 | 112.000 | 45.000 | 50.000 | 00.000 | **220.00** |
| O. A. C. | 05.00 | 09.400 | 14.400 | 14.400 | 14.400 | **057.60** |
| O. C. | 05.00 | 390.050 | 1099.923 | 1169.720 | 837.027 | **3501.72** |
| G. I. A. | 16.50 | 175.400 | 383.800 | 422.18 | 537.320 | **1535.20** |
| **Total** | **100.00** | **966.800** | | | | |
| **Grand Total** | | **1066.800** | **2026.30** | **2253.643** | **2050.682** | **7397.43** |

نوٽ: 300 ڪتابن جي ترجمي جي في 440 ڪتابن جي ترجمي جي في ۽ اول جي ڪرايل 140 ڪمن جي رهيل رقم 58.31جي ادائگي ۽ ان کان سواءِ 580 ڪتابن ۽ ويب لاءِ ڪرايل سامگريءَ جو ترجمو 0.90 لک.

(ٽيبل-٤ NTM جو سالن موجب قبول ڪيل تخمينو)

اهو ڌيان رکڻ گهرجي تہ 2008-09 ۾ پروجيڪٽ لاءِ تمام ٿوري رقم گهري وئي آهي جو پروجيڪٽ اڃا شروعاتي اوسٿا ۾ آهي. هاڻي 1519.712 لکن جي بدران 1166.88 لک گهريا ويا آهن جيڪا منظور ڪيل رقم آهي ۽ (NTM جي منٽس ۽ DPR موجب) جيئن ٽيبل-١ ۾ ڏيکاريل آهن. ٻين سالن ۾ خرچ جا انگ اکر ساڳيا آهن سواءِ ان جي تہ 2008-09 ۾ ڏيکاريل بجيٽ سال 2010-11 ۾ ڪنئين وئي آهي. اهو انومان ڪندي تہ پهرين سال ۾ 440 ڪتابن (هر هڪ ڪتاب لڳ ڀڳ 250 صفعا) جو ترجمو ڪرڻ جو ڪم ڪرائڻ جي آڇ ڪئي ويندي ۽ 68کان 70 سيڪڙو ڪتاب، 300 ڪتابن کان وڌيڪ تہ پورو ڪري ڏيندا. 'ڪٿا ڀارتي' اسڪيم جيڪا ڏهين يوجنا ۾ منظور ڪئي هئي ان موجب ترجمي جو ملهہ ١٠٠٠ لفظن لاءِ ٣٠٠ رپيا هئو (لڳ ڀڳ ٽن ڇپيل پيجن لاءِ) جي ڪڏهن NTM PAC 1000لفظن جي لاءِ 500 روپيا ڏيڻ منظور ڪري؛ چاڪاڻ تہ هيءُ

بلڪل ٽيڪنيڪي ترجمو آهي تہ هر هڪ ترجمان کي 14665روپيا ڏيڻا پوندا، جيئن تہ خرچ جو ڪل تخمينو 1960سيپيئي ترجما، اُلٿو (adaption)، مُلھ ڪٿ (evaluation)، پريس ڪاپي تيار ڪرڻ وغيره جو خرچ 4520.00 لک (ٻيون نمبر ٽيبل ڏسو) جنھن ۾ پبلڪيشن ۽ پرنٽنگ جي قيمت بہ مدد ۾ شامل آهي. اسين هاڻي انومان لڳايون ٿا تہ 2008-09 ۾ رڳو 440 ڪتاب ترجمي لاءِ ڏنا ويندا جن مان لڳ ڀڳ 300ڪتاب (هر هڪ ڪتاب سراسر 250 صفحا) ترجمو ٿي ملندا ۽ انھن جي مُلھ ڪٿ ۽ ايڊٽنگ ڪاپي تيار ڪئي ويندي. اسين 4520.00 لکن مان رڳو 520.00 لک هن ڪم لاءِ گهرون ٿا (جنھن جو ڪجھ حصو صلاح ۽ OC جي مدد ۾ شامل آهي.)

واڌاري جي لاءِ (ٽيبل - ٢ آئٽم A) واجبي ڪارَڻ. روپيا 520 لک

| | | |
|---|---|---|
| 1. | Translators' remuneration | 124.95 lakhs (Rs. 41650 x 300) |
| 2. | Evaluation | 15.00 |
| 3. | Copy-editing | 75.00 |
| 4. | Data-input/ Publ software | 30.00 |
| 5. | Printing (adv/paper, etc) | 200.05 |
| 6. | IPR/Copyright paym | 75.00 |
| | | Rs. 520.00 |

جيستائين ساڌنن ۽ مشين جي خرچ لاءِ 220 لکن جو سوال آهي، پهرين سال ۾ رڳو 125 لک خاص ڪري دهلي آفيس ۾ ضروري مشينون (ڪامپيوٽر وغيره) ۽ فرنيچر لاءِ کپندا. اسين TE مان وڌيڪ رقم (پنجن لکن جي بدران پندرهن لک) گهرون ٿا ڇاڪاڻ جو پهريون سال هئڻ سبب گهٽيئي ميٽنگون ٿينديون. 'General Maintainance' کاتي ۾ ڏيکاريل رقم ساڳي رهندي جيڪا ٽيبل - ١ .OAC يعني 14.20 لک.

هاڻي NTM-GIA جي رقم 1535.20 لک (ٽيبل - ٢) ڇَئنِ سالن لاءِ منظور ڪيل آهي جنھن موجب سال 2008-09 ۾ ان جو حصو 383.80 لک ٿيندو اهو سوچي تہ هاڻي باقي خرچ ڪرڻ لاءِ رڳو ست مهينا وڃي بچيل آهن، واڌو خرچن لاءِ رڳو 191.20لک گهريا ويا.

## 10.3 شروعاتي قدم

بنيادي ڍانچو کڙو ڪرڻ لاءِ ۽ سوچيل ويچار کي وهنوار جو روپ ڏيڻ لاءِ اهو سوچيو ويو تہ هيٺيان قدم کنيا وڃن.

(١) NTM بابت ضروري خبر چار انسٽيٽيوٽ جي مکيہ ويب سائيٽ تي ڏني وڃي چو تہ اهڙا گهٽيئي ماڻهو هوندا جن کي مشن جي سرگرمين ۾ چاهہ آهي.
(٢) اهو فيصلو تہ ترجمي ۽ ڊڪشنرين سان واسطيدار سپيئي پروجيڪٽ گڏ ڪري NTM جي سايہ هيٺ پورا ڪيا وڃن (ڏسو NTM منٽس، آئٽم - ١١؛ (vi) صفعو-٦؛ ۽ پيرا - ٨ FA جي جانچنا) هن ڪم جي لاءِ اڳ ۾ ئي مقرر ڪيل ماڻهو (سنسٽائون جيئن 'انوڪرتي' وغيره) عارضي طور هاڻي صلاحڪار مقرر ڪيا ويندا
(٣) هڪ ڊرافٽ NTM Website /Domain لاءِ رجسٽرڊ ڪرائي وئي آهي ۽ ورڪنگ گروپس ٺاهيا ويا آهن (ڏسو NTM منٽس آئٽم ١١ (vii)، صفعو-٦) جيئن ڊرافٽ سموري وچور سان ويب سائيٽ کي ٢٢ ٻولين ۾ تيار ڪن
(٤) متي ٻڌايل سپيئي ڪم، صلاحڪارن جي مدد سان ٻاهرين ساڌنن (outsourcing) دواران ڪرايا وڃن ٿا. (ڏسو NTM منٽس آئٽم - ١١، (vii)، پيج-٦ ۽ HEسيڪريٽريءَ جي جانچنا پيرا-٧ '' هن ڪم جي لاءِ ٻاهرين ساڌنن جو سرشتو قائم ڪرڻ گهرجي)''. هڪ دفعو هيءُ ڪم پورو ٿي وڃي تہ پوءِ اهو سمورو ڪم شروع ڪرڻ لاءِ PAC جي منظوريءَ لاءِ يا منسٽريءَ جي منظوريءَ لاءِ رکي سگهبو.
(٥) بنيادي پرنٽيڊ ڊڪشنريون گهٽ ۾ گهٽ ڇهن مکيہ ڀاشائن ۾ Long Man Group (in PPP mode) سان گڏجي پوري ڪرڻ جو خيال آهي جيئن تہ ترجمي جي لاءِ اهو بنيادي ساڌن آهي. (جيئن منٽس جي پهرين پيج جي ٻئين پيرا ۾ چيل آهي) اهو ڪم ساڳين ئي صلاحڪارن جي مدد سان E-Dictionaries ٺاهڻ لاءِ شروع ڪيو ويندو.
(٦) خاص خاص وڏين يونيورسٽين UGC ۽ UPSC جا سليبس گڏ ڪيا ٿا وڃن جيئن انهن مان text books ۽ reference books جو Data base تيار ڪري سگهجي جن مان PAC ترجمي لاءِ سامگري چونڊي سگهي.
(٧) جيڪو مول DPR آهي ان کي وڊايو ويو آهي جيئن NTM جي ويب سائيٽ، جيڪا تيار ٿي رهي آهي اها وڌيڪ مشهور ٿي سگهي.
(٨) ASP جي لکت ۽My SQL جي مدد سان هڪڙو نئشنل ترجمو رجسٽر تيار ڪيو ويو آهي جيڪو شروعاتي Data base جو ڪم ڏئي سگهندو.
(٩) ٢٢ ڀاشائن ۾ اشتهار ۽ ٻي واڌاري جي سامگري ميڊيا جي ساڌنن ۾ استعمال ڪرڻ لاءِ جلدي ئي قدم کنيا وڃن ٿا.

(۱۰) ’انوڪرتي‘ ويب سائيٽ (جيڪا في الحال CIIL، ساهتيه اڪادمي ۽ NBT جي پاران هلائي وڃي ٿي؛ ڏسو www.anukriti.net) کي هن نئين NTM ويب سائيٽ سان (جيئن NTM منٽس ، پيرا-۲، پيج-۲ تنهن ۾ چيل آهي ته ’اول انوڪرتيءَ جي هلندڙ ويب تي آڌار رکندڙ ترجمي جون سرگرميون جيڪي انوڪرتي پروجيڪٽ جي پلائننگ ڪميشن دواران منظور ڪيل ۽ هلندڙ آهن. انهن کي NTM جي سرگرمين سان گڏيو ويندو‘)، جوڙڻ لاءِ قدم کنيا وڃن ته جيئن انهن کي جدا ڪري ان جي سامگريءَ کي وڌائي پورو ڪري سگهجي.

(۱۱) عام ماڻهن جي گهر موجب جيتري قدر ٿي سگهي ڪليل آڌار وارو ۽ ڪامپيوٽر تي سولائيءَ سان استعمال ٿي سگهڻ جهڙو سافٽ ويئر NTM جي سائيٽ تي استعمال ٿئي جيئن اهو سيني پارتي ٻولين جي لاءِ سولائيءَ سان حاصل ٿي سگهي. (ڏسو NTM منٽس پيرا-۳، پيج-۲ ۾ صلاح ڏنل آهي).

(۱۲) انسٽيٽيوٽ جي پاران انٽرنئشنل پبلشنگ هائوس سان انهن شرطن بابت ڳالهه ٻولهه هلي رهي آهي جيڪي هو NTM کي آڇن، جيئن PAC جي سطح تي ان بابت ويچار ڪري فيصلو ڪري سگهجي.

# باب - ١١

## نِچوڙ

هندستان، هڪ ملڪ جي روپ ۾ هڪڙي ٻُحران مان گذري رهيو آهي جنهن جو واسطو لوڪشاهيءَ جي واڌاري ۽ مضبوطيءَ سان جڙيل آهي. اڄ جڏهن ملڪ پنهنجي خيال جي آزاديءَ کي قائم رکڻ لاءِ پنهنجي سماجڪ مشڪلن کي دور ڪرڻ لاءِ سماجڪ سڌار ڏانهن وڌي رهيو آهي جيئن عام ماڻهن جو سهه-جيون ۾ وشواس پيدا ٿئي؛ جيڪي ماڻهو جدا جدا ويچارن، وهنوارن ۽ عقيدن جا آهن، اهي محسوس ڪن ته سندن آئينده گڏيل آهي، سندن منزِل هڪ آهي. ڀاشائون اسان جي جيون ريت آهن. ڀارتي ڀاشائن جي واڌاري کي ملڪ جي دوران ائين ڏسڻ گهرجي ته ڀاشائي واڌارو ان پرڪريا کي گهٽي ۾ گهٽو وڌائيندو جنهن ۾ ماڻهن جي لوڪشاهي سرشتي ۾ حصيداري وڌندي ۽ اهو اسان جي عاليٰ ملڪ جي زنده رهڻ لاءِ مول منتر آهي يا ان جي چابي آهي. اسان جي سنسڪرتيءَ ۾ ڀاشا جي اهميت کي هميشه سمجهيو ويو آهي، خود ويدن جي زماني ۾ به گيان جي ڇهن شاخائن مان ڇئن شاخائن جي ڀاشا سان واسطيداري آهي جيئن ته 'شِڪشا' (ان لفظ جو مطلب آهي 'ڏوَني وگيان' پر اڄ ڪلهه اهو لفظ ايڊيوڪيشن يعني عام تعليم لاءِ ڪم اچي رهيو آهي) وياڪرڻ (Grammar) نرڪت (Etomology) ۽ ڇند (Prosody) ڀارت جي وياڪرڻ آچارين سنسڪرت، تَمِل وغيره ۾ جيڪو ڪاريه ڪيو آهي اهو عاليٰ درجي جو آهي ۽ ان جي دوران ڀاشا جي وگيانڪ اڀياس جو بنياد پيو آهي ۽ موجوده زماني سان واسطيدار ڪيترائي سڌانت اسان جي وڏن دوران ڪيل ڀاشا بابت ڪاريه لاءِ فائديمند ثابت ٿي رهيا آهن. ڪو وقت هو جڏهن ترجمي دوران ڀارت جو گيان ايشيا جي ڪيترن ملڪن تائين پهتو هو. اهو ساڳيو ئي ترجمي جو ساڌن هو جنهن جي دوران پشچم جا ويچار ١٨ ۽ ١٩ صديءَ ۾ هن ملڪ ۾ اچي سگهيا ۽ گذريل صديءَ ۾ ڄڻ ته گيان جو هڪڙو ڌماڪو ٿيو. ڪيئن به جيڪو ٿيو اهو ڄڻ گيان جو هڪ طرفو وهڪرو هو جيڪو پشچم مان اسان جي ملڪ ۾ آيو. اسين اڃا به ڪيترين حالتن ۾ گيان جي ڪيترن ڪيترن ۾ انگريزيءَ تي آڌار رکندڙ سامگريءَ جي دوران ڄاڻَ ڏيون ٿا. اسان هن وقت اهڙين حالتن ۾ آهيون جو وڏن شهرن کان سواءِ ملڪ جي باقي حصن ۾ مڪاني ڀاشائن ۾ ڄاڻ ڏيڻ جي ضرورت پڻ پوي ٿي. جيتوڻيڪ انهن مڪاني ٻولين ۾ گيان جي

بنيادي سامگري حاصل ڪرڻ تمام ڏکيو ٿئي ٿو. هن وقت انگريزيءَ ۾ واپار ۽ سنچار (ڪميونڪيشن) هئڻ سبب ان جو وڏيڪ ڦهلاءُ ڏسڻ ۾ اچي ٿو پر مڪاني ڪاروبار جي لازمي ماڌيم طور انگريزيءَ جو واهپو ڇڱو گهٽيلُ آهي. اهڙيءَ ريت اسڪولن ۽ ڪاليجن ۾ ڀاشائي تبديل جو سچ پچ وڏو سلسلو آهي. جيڪي ڀاشائون پڙهندڙن جون آهن ۽ جن ڀاشائنجي دوران پڙهايو وڃي ٿو انهن جي وچ ۾ ڪافي وڏي ڪاهي آهي.

وڪاس جي سرگرمين لاءِ تڪنيڪي واڌاري جو ڪيتر اهم ٿي سگهي ٿو. اسان جون ڀاشائون ۽ انهن جي وياڪرڻ جو بيان اسان کي سهج قدرتي ڀاشا جي پرڪريا کي ۽ ان جي وهنوار کي سمجهي سامگري تيار ڪرڻ ۾ مددگار ٿي سگهن ٿا. اسان انفرميشن ٽيڪنالاجي جي ڪيتر ۾ ڪافي وڏيون ٻرانگهون پري آيا آهيون ۽ ان جو فائدو مشن دوران ترجمي جي سرگرميءَ ۾ وٺي سگهجي ٿو. اها اُميد ٿي ڪجي تہ سيئي واسطيدار ايجنسيون هن ڏس ۾ پنهنجي پوري ڪوشش ڪنديون تہ سيني ڀارتي ڀاشائن کي تڪنيڪي ساڌنن سان جوڙجي جنهن جو فائدو لازمي طور واسطيدار جاتين کي ملندو ۽ ترجمي جي سرگرمي وڌندي.

ڀاشائون انسان ذات کي قدرت وٽان مليل هڪ قسم جي انمول سوکڙي آهي جن جو مقصد زَمانَ (time) ۽ مَڪانَ (space) جي وچ ۾ پُل قائم ڪرڻ آهي. اسان کي انهن طاقتن کان ساوڌان رهڻ گهرجي جيڪي ان خيال جي اُبتڙ سوچي رهيون آهن ۽ ڀاشا جي آڌار تي سماج ۾ ونجوڳ پَيدا ڪري سماج کي ورهائڻ ٿا چاهين. اسان کي اهو سنديش بلڪل چٽيءَ طرح سان ڏيڻ گهرجي تہ ڀاشائون اسان جي لاءِ وڏو ساڌن آهن ۽ گهڻ ڀاشائيپڻو اسان جي لاءِ وڏي پونجي آهي. اسين اهو وشواس ٿا ڪيون تہ اسان جي قسمت يا اسان جو آئيندهہ اسان جي ڀاشائن سان ۽ انهن جي دوران يا انهن مان حاصل گيان سان جڙيل آهي. اسان کي اهڙي سنسڪرتيءَ لاءِ تيار ٿيڻ گهرجي جنهن ۾ هڪ ڀاشا جو گيان ٻيءَ ڀاشا ۾ ميسر ڪرڻ ممڪن هجي. قومي ترجمو مشن گيان جي کوجنا ۽ تعليمي ڏي وٺ لاءِ خواه ڀاشائن جي سموري واڌاري لاءِ هڪڙي وڏي ساڌَنَ جي روپَ ۾ ڪمُ ڪري سگهي ٿي.

## ضميمو - ا

## ترجمي جي اُديوگ کي وڌائڻ

## (جَيَتي گهوش جي نوٽ جو حوالو)

ڀارت جي جدا جدا ٻولين ۾ گيان جو وسيع زخيرو ميسر ڪرڻ ۽ ان جي استعمال جي ضرورت کي ڌيان ۾ رکجي ته اثردار، تکڙي ۽ اوچ درجي جي انواد اديوگ کي وڌائڻ جي ضرورت کان انڪار نٿو ڪري سگهجي. اها نوٽ ڪرڻ جي ڳالهه آهي ته سڀ ملڪ جيڪي گيان جي ڦهلاءَ کي اهميت ڏين ٿا اهي ترجمي جي سرگرميءَ کي به باقائدي وڌائي جدا جدا قسمن جا ممڪن ترجما الڳ الڳ ٻولين ۾ ميسر ڪرائن ٿا. اها ڳالهه ترقي ڪندڙ وڏن ملڪن لاءِ صحيح آهي؛ جيئن چِين، جنهن پنهنجي ملڪ ۾ تمام اثردار ۽ اوچي درجي جو ترجمو ميسر ڪرڻ لاءِ تمام وڏو ۽ زوردار ترجمي جو اُديوگ قائم ڪيو آهي جنهن دواران ترجمي جي ماڌيم سان الڳ الڳ ڪيترن جي تازي ڄاڻ ميسر ڪئي وڃي ٿي. اها به حقيقت آهي ته ننڍا ترقي ڪيل ملڪ، جتي آدمشماريءَ جو تمام وڏو حصو پڙهيل آهي، دنيا جي اهم وڏين ڀاشائن جو تمام اثرائتي نموني استعمال ڪري سگهن ٿا (جيئن يوروپ ۾ نيدرلَينڊ ۽ فِنلَينڊ) اُتي به مڪاني ڀاشائون ترجمي جي گهٽي استعمال سبب ڪافي اثرائتيون رهن ٿيون.

ترجمي جي ضرورت

- انگريزي مان ڀارتي ڀاشائن ۾
-ڀارتي ڀاشائن مان انگريزيءَ ۾
- ڀارتي ڀاشائن جي وچ ۾

هيٺين سامگري انواد ڪرڻ جي ضرورت آهي

- اسڪولي سطح جا درسي ڪتاب
- اوچ درجي جي تعليم جا درسي ڪتاب
- ٻي تعليمي سامگري
- سائنس (وگيان) سماجڪ وگيان ڪلا وغيره جا ڪتاب
- حوالي جا ڪتاب (اِنسائڪلوپيڊِيا وغيره)
- ساهتيه

- گيان جا موجوده چاهه وارن وشين جا ڪتاب
- هدايت ناما
- مخزنون ۽ جرنلس
-ويب سان واسطو رکندڙ سامگري

هن وقت ڪيتريون ئي سرڪاري ۽ غير سرڪاري سنستائون آهن جيڪي جدا جدا هنڌن تي پنهنجين ٻين سرگرمين سان گڏ متي ٻڌايل سرگرميون بہ هلائن ٿيون، جيئن نئشنل بوڪ ٽرسٽ جي پاران (انگريزيءَ مان مکيہ ڀارتي ڀاشائن ۽ ڀارتي ڀاشائن مان انگريزيءَ ۾) ڪن مکيہ رچنائن، گهڻو ڪري مشهور ۽ اوارڊ کٽيل ليکڪن جي ساهتيہ جو انوادڪاريہ ڪيو وڃي ٿو. ڪجهہ خانگي سنستائن (جيئن ڪٿا پبلشرس، پرجاشڪتي، نيوز پيپر گروپ وغيره) مشهور ۽ ڪجهہ موجوده رچنائن جو انواد موجود ڪرايو آهي. اهڙي ڪابہ سرڪاري سنستا ڪانهي جيڪا باترتيب متي ٻڌايل سيني پهلن جو ڪاريہ مکيہ ٻولين ۾ ڪرڻ لاءِ واسطيداري قائم ڪري، ان کي وڌائي يا ان جي نظرداري ڪري.

ترجمي سان واسطيدار موجوده مسئلا هينيان آهن:

١. متي ٻڌايل ڪيترن سان واسطيدار ڏيان ڇڪائيندڙ ۽ اثردار سامگريءَ جي تمام گهڻي کوٽ آهي.

٢. ترجمو ڪيل سامگري حاصل ڪرڻ سان واسطيدار گهڻا ئي اهم مسئلا آهن. ترجمن جو معيار هڪ جهڙو ناهي. ڪيترن حوالن ۾ تہ ترجما ڪافي گهٽ درجي جا آهن. ائين ڏسڻ ۾ آيو آهي تہ ترجما ساهتڪ ڀاشا ۾ يا پيچيدي ۽ منجهيل ڀاشا ۾ هجن ٿا جنهن جي ڪري انهن جي حاصلات ڪافي گهٽجي وڃي ٿي. ترجمن جي پرڪاشن جي ڪوالٽي بہ هڪ جهڙي نٿي رهي.

٣. مول رچنا ۽ ان جي ترجمي جي وچ ۾ وقت جي ڪافي وڏي وٿي ٿي رهي. ان ڪري تازيون شايع ٿيل رچنائن جو ترجمو بہ ڪيترن سالن کان پوءِ ميسر ٿو ٿئي.

۴. ترجمي جي واڌاري ۽ ڦهلاءَ جو اڻپورو بندوبست آهي. ان ڪري ڪيترن ترجمن جي انهن ماڻهن کي خبر ئي ڪونہ ٿي پوي جن کي انهن جي ضرورت آهي ۽ جيڪي سٺي معيار جا آهن.

۵. ترجمي جي سرگرميءَ کي پاڻ ۾ جوڙڻ جو لڳ ڀڳ ڪوبہ بندوبست ڪونهي جنهن جي نتيجي طور ڪيترا ترجما وري وري ٿين ٿا. جيتوڻيڪ مول رچنا ۽ ترجمن جي وٿي

رهجي ٿي وڃي.

٦. ترجمن جي انگريزيءَ مان مڪاني (پرانتيِہ) ڀاشائن ۾ ۽ مڪاني ڀاشائن مان انگريزيءَ ۾ ويب سروس اڃا تائين ٻاروتن ۾ آهي. مشيني ترجمي (MT) لاءِ هينين سنسٿائن جيئن تہ C-DAC، VYAKARATA، MANTRA، NCST ممبئي - MaTra، IITs (خاص ڪري ڪانپور) Anusaaraka، Anglabharati وغيره ان دشا ۾ چڱي ڪوشش ورتي آهي پر انهن کي بہ پنهنجا مسئلا آهن ۽ اهي گهٽي ڀاڱي اهڙين ڀاشائن لاءِ ڪامياب ٿيا آهن جن ڀاشائن جي واڪيہ رچنا هڪ جهڙي آهي. آن لائين تي شبد ڀنڊار جي مَوجودگي ۽ شبد ڀنڊار سان واسطيدار ماڊيمن جي وچ ۾ ٻانڊاپي جي عام طرح سان کوٽ آهي.

پر هندستان ۾ ڪي اهڙيون فائدي واريون حالتون بہ موجود آهن جن جي ڪري ترجمي جي سرگرميءَ کي هندستان ۾ وڌائڻ ۾ مدد ملي سگهي ٿي، جيئن تہ :

١. هندستان ۾ ٻہ ٻوليون ڄاڻندڙ پڙهيل ماڻهن جو ڪافي تعداد آهي جن کي هنن سرگرمين ۾ لڳائي سگهجي ٿو. ائين هيءُ پڙهيل شخصن جي لاءِ روزگار جو بہ اهم وسيلو ٿي سگهي ٿو.

٢. هندستان ۾ ڀاشا سکڻ جون اڳ ۾ ئي ڪيتريون سنسٿائون موجود آهن جن جو دائرو آسانيءَ سان وڌائي سگهجي ٿو. سٺي ترجمي ڪرڻ لاءِ گُهربَل ڏانو يا هُنرُ سکڻ اهڙو ڏکيو نہ آهي، ان ڪري ان کي هلندڙ ڪورسن ۾ شامل ڪري سگهجي ٿو.

٣. ڪاپي رائيٽ جو مسئلو خاص طرح سان اهڙو ڏکيو نہ آهي  ڇو تہ ترجمي لاءِ نِسبتيِ ڪافي ننڍو مارڪيٽ آهي جنهن جو مطلب ٿيو تہ گهٽ قيمت وارا ڇاپا آسانيءَ سان موجود ڪري سگهجن ٿا.

٤. رڳو شروعاتي هڪ دفعو هن جو ڍانچو تيار ٿي وڃي تہ ترجمن جو تعداد ڪافي گهڻو هوندو، ان ڪري سستي ڇپائي ۽ خانگي سنسٿائن جي حصيداريءَ جي گهٽي ضرورت رهندي.

جيڪي مسئلا سوچڻ ضروري آهن، اهي هن ريت آهن:-

- ڪهڙيون خانگي سنسٿائون آهن جيڪي انواد جي سرگرميءَ سان واسطيدار آهن ۽ اهي ڪيتريون اثرائتيون آهن؟

- خانگي سنسٿائن جي هن سرگرميءَ سان واسطيداري ڪهڙي قسم جي هجي. ڇا اهڙيون ڪي اهم بنيادي سهوليتون آهن جيڪي کُليءَ طرح سان ڏئي سگهجن؟

- ڇا اهڙو ڪو خاطريءَ ڀريو طريقو آهي جنهن جي دوران تازو شايع ٿيل جدا جدا قسمن

جي سامگري (جيئن تازو ساهتيہ، چاهہ پيدا ڪندڙ تازيون رچنائون، اهم جرنلس) مڪيہ ڀاشائن ۾ خود بہ خود ترجمو ٿين؟ اهو ڪير طَي ڪندو تہ ڪهڙي سامگري؟
- ڇا ان قسم جا فيصلا مرڪزي سطح تي ڪيا وڃن يا راجيہ سرڪارن جي گڏيل واسطيداري دواران؟
- ڇا ڪنهن اهڙي پبلڪ سنسٿا جي ضرورت لڳي ٿي جيڪا سامگريءَ بابت سوچيندي، ڪاپي رائيٽ جو حق حاصل ڪندي، هن سرگرميءَ کي وڌائيندي، ان جي نظرداري ڪندي ۽ الڳ الڳ قسمن جي ترجمن جو ڪاريہ ڪرائيندي؟
- هن کيتر ۾ خانگي حصيداريءَ کي ڪيئن وڌائجي؟ ڇا آرٿڪ مدد يا ٻئي ڪنهن قسم جون اُتساهہ ڏيندڙ سهوليتون ڏنيون وڃن جيئن هن کيتر جي سرگرمين ۾ خانگي سيڙپ وڌي؟ ڇا خانگي پبلشرن سان ڀائيواريءَ جو ڪاريہ وڌائجي؟
- ترجمي جي ڪوالٽيءَ جي ڪيئن خاطري ڪجي، نظرداري ڪجي ۽ رَهنُمائي ڪجي؟ ڇا اهو ضروري آهي تہ سمرپت ۽ سکيا ورتل ترجمي جا ڄاڻو پيدا ڪرڻ لاءِ خاص ساڌن مُيسر ڪيا وڃن؟
- ترجمو ڪيل سامگري کي تڪڙو پهچائڻ لاءِ ڪيئن همٿايو وڃي؟
- MT (مشين ٽرانسليشن) ۽ روائتي ترجمي جي وچ ۾ وڌيڪ سهيوگُ ڪرڻ لاءِ ڪهڙيون سنڀاوناڻون آهن؟

تڪڙا ڪڻڻ جوڳا ضروري قدم:
هيٺين سنسٿائن جي عيوضين دواران ترجمي جي مسئلن تي ويچار ڪرڻ لاءِ قومي سطح تي صلاحڪار ڪاميٽي قائم ڪرڻ.
- مرڪزي ۽ راجيہ سرڪارن جا اڌڪاري (سرڪاري ڀاشا، تعليم، سنسڪرتي ۽ وگيان وڀاڳ)
- اسڪول، يونيورسٽيون ۽ ٽيڪنيڪل انسٽيٽيوٽ
- اُديوگ (جدا جدا درجن جي ڪم ڪندڙن جي ضرورتن جا ترجما)
- سنچار (ميڊيا)
- پبلڪيشن اُديوگ
- ڀاشائي اسڪول
اسان کي جلد واسطيدار ماڻهو ۽ سنسٿائون چونڊي هڪ قسم جو بنيادي نوٽ تيار ڪري انهن کي موڪلڻ گهرجي جيڪو هن کيتر جي ماهرن سان ويچارن جي ڏي وٺ ڪري تيار ڪيو وڃي.

## ضميمو - ٢

## قومي ترجمو مشن لاءِ رٿا

## شري جَيَتي گهوش دوارن NKC کي موڪليلُ

(ٻارهين فيبروري ٢٠٠٦ تي ٿيل NKC ترجمو ورڪشاپ ۾ بحث مباحثو ۽ ان کان پوءِ ورڪشاپ ۾ حصو وٺندڙن سان ويچارن جي ڏي وٺ ڪرڻ کان پوءِ تيار ڪيل)

الڳ الڳ قسمن جي ترجمن (ماڻهن دوارن، مشين جي مدد سان، ٽُرت) کان جدا جدا ڪيترن (ساهتڪ، وگيانڪ، ٽيڪنيڪل وغيره) جي وستار جي ترجمي جي معيار کي سڌارڻ جي تڪڙي ضرورت آهي جنهن سان سڄي ملڪ جي ماڻهن جي گيان سان واسطيداري قائم ٿي سگهندي. ٽُرت شروعات ڪرڻ جي لاءِ ۽ ان کي وڌائڻ ۽ معياري ترجمي کي سڄي ملڪ ۾ ڦهلائڻ لاءِ نئشنل ٽرانسليشن مشن قائم ڪرڻ جي ضرورت آهي. اها معياري ترجمي جي وچ ۾ جيڪا ڪمي آهي ان کي سمجهڻ، اوچي درجي جي ترجمي کي وڌائڻ ، ترجمي جي ٽريننگ ڏيڻ، ترجمي سان واسطيدار سوچنا ڏيڻ ۽ خانگي سنستائن دوارن هلندڙ ڪم جي وچ ۾ سهيوگ قائم ڪرڻ جو ڪم ترت ڪٽي سگهندي. ان جو مقصد خانگي ۽ سرڪاري سنستائن دوارن اڳ ۾ هلندڙ ڪم کي دهرائڻ يا خانگي ۽ سرڪاري سنستائن جي مٿان چڙهت ڪرڻ نہ آهي پر ان جو مقصد انهن کي مدد ڪرڻ آهي تہ جيئن هو پنهنجي ڪم جي اڳرائيءَ کي وري جاچين، ترجمي جي معيار کي بَهتر بڻائين ۽ ان بابت ڄاڻ جو دائرو وسيع ڪن.

ترجمي جي سرگرمي ھِن ڀارتي اپکنڊ ۾ چڱي وقت کان، جدا جدا واسطيدار ڀاشائُن ۾ هلندي رهي آهي. گهٽي اتساهہ سان ترجمي جي سرگرمي ڪيترين ئي جاتين جي اعليٰ شخصن دوارا ڀارت ۾ ۽ ٻين هنڌن بہ وهنوار جي روپ ۾ قائم آهي. هڪ پروفيشن جي روپ ۾ ويجهن ڏهاڪن ۾ ترجمو ڪافي جفاڪشيءَ وارو ۽ لاڀدايڪ ڪاريہ ثابت ٿي رهيو آهي. ڪوجنا جي روپ ۾ انواد ٻين ڪيترن ئي ڪيترن جيئن تہ ڀاشا وگيان، فلاسافي ساهتڪ ابياس، ڀاشا پرتيڪ وگيان، ڪوش وگيان، مانوَ شاستر وگيان، ڪمپيوٽر وگيان وغيره جي ابياسن سان گڏجي ڪافي اُڀري آيو آهي. پرديش ۾ موجود انيڪ ڀاشائن، سنسڪرتين ۽ قومن جي حوالي ۾ هڪ ٻئي سان سرگرمين جي سهيوڳ ۾ انجي رفتار اڃا ايتري تيز ڪانهي.

ڀارت، جيڪو انيڪ ڀاشائن، انيڪ سنسڪرتين جو ۽ گيان جو پراچين مرڪز رهيو

آهي ان ۾ ترجمي جي سرگرمي صدين کان اڳري پئي رهي آهي. گهڻين ڀاشائن ۽ گهڻين سنسڪرتين جو ڪيتر هئڻ سبب هيءُ ديش ڪيترن ئي ساهتڪ ۽ مشيني ترجمي جي سڌانتڪ پرک جو آڌار آهي. اها اميد ڪئي ٿي وڃي تہ رٿيل نئشنل ٽرانسليشن مشن (NTM) سماج جي جدا جدا طبقن جيئن تہ اُستاد، سِڪندڙ، ڀاشا جا ٽيڪنيڪل ڄاڻو واپاري گروپ، اخبارون ھلائيندڙ سنستائون ۽ ٻيا ميڊيا گروپ تخليقي اديب، پاٺڪ، پيٽا پيتي اپياس ڪندڙ ۽ سِڌانتِڪ ترجمي سان جُڙيَلَ واسطيدارَنِ جون گهڻي وقت کان محسوس ٿيندڙ ضرورتن کي پوريون ڪري سگهندي.

NTM جا هينيان مقصد رهندا

(۱) ترجمي سان واسطيدار پارتي پاشائن ۾ سوچنا کي گڏ ڪرڻ، ترجمي سان واسطيدار سوچنا هٿ ڪرڻ، ان کي سنڀالڻ، پرڪاشت ٿيل ترجمن جي سوچنا پوري طرح سان سنڀالي اپڊيٽ ڪرڻ، ترجمي جي ٽريننگ پروگرامن، ترجمي سان واسطيدار ساڌنن کي موجود ڪرائڻ ۽ نيون سهوليتون جيئن، ترجمانن جو 'نئشنل رجسٽر' موجود ڪرڻ.

(۲) ترجمي سان واسطيدار سڌانتڪ ۽ وهنوارڪ، جيترين بہ پارتي پاشائن ۾ ممڪن ٿي سگهي، انهن لاءِ 'ڪليئرنگ هائوس' ٿي ڪم ڪرڻ.

(۳) پارتي پاشائن جي ترجمي ۽ ترجمي سان واسطيدار سرگرميءَ سان جڙيل ٻين سنستائن ۽ ايجنسين لاءِ ٻانڌاپو موجود ڪرائڻ.

(۴) پارتي پاشائن ۽ انجي ساهتيہ جي ان پرديش ۽ ٻاهر وديش ۾ عاليِ ترجمن جي دواران اهميت وڌائڻ.

(۵) ترجمي لاءِ ضروري ساڌن جيئن تہ پاشائي ۽ گهڻ پاشائي ٻولين جون معياري ڊڪشنريون، جنرل ۽ اسپيشيل ڊڪشنريون، لفظ ڳولهيندڙ (word finder)، هم معنيٰ شبدڪوش (Thesarus) وغيره مَوجود ڪرائڻ ۽ انهن جو رَکَ رکاءَ جي اپياس جو بندوبست ڪرڻ.

(٦) ترجمي سان واسطيدار اپياس ڪندڙ شخص يا سنستائن ساڻ گڏجي چاه رکندڙ شخص يا سنستائن جي رچنائن کي ڇپائڻ ۾ مدد ڪرڻ يا اڪيلي سر خُواه ٻين سان گڏجي شايع ڪرڻ.

(۷) اهڙي قسم جو فورم تيار ڪرڻ جنهن ۾ ويچارن جي ڏي وٺ بابت هڪ قسم جو سماچار ساڌن قائم ڪيو وڃي جنهن ۾ ماڻهو پنهنجا سوال جواب موڪلي سگهن.

(۸) ترجمي جي سرگرمين بابت Methodology ۽ رهبريءَ جي تعليم ۽ سکيا ڏيڻ.

قومي ترجمو مِشن جون رٿيل مکيہ سرگرميون :

۱. ترجمانن جي تعليم :

اها حقيقت آهي تہ ترجمي ۾ ٻہ ٻاشاپڻو هڪ اهم شرط آهي، پر هيءَ هڪ خاص قسم جي سرگرمي آهي جيڪا ان سان واسطيدار نقطن کي سمجهڻ کان سواءِ نٿي ڪري سگهجي. ان کان سواءِ الڳ الڳ قسمن جي ڪم لاءِ جدا جدا هنر جي ضرورت هوندي آهي. مثال طور وگيانڪ ۽ تڪنيڪي ڪم جي ترجمي لاءِ ساهتڪ ترجمي جي هنر کان الڳ هنر جي ضرورت هوندي آهي. ساڳيءَ طرح سان زباني ترجمي **(interpetation)**جو هنر اڄان ايترو واڌارو ڪيل ڪونهي. ان لاءِ خاص قسم جي ٽريننگ جي ضرورت آهي جيڪا واسطيدار ميڊيا (ريڊيو يا ٽي.وي) سان جڙيل هجي.

ان حوالي ۾ قومي ترجمو مشن **(NTM)** جي سرگرمين ۾ هينيون سرگرميون شامل هونديون:

- ٿوري وقت جا ٽريننگ پروگرام هلائڻ.
- ترجمانن لاءِ هڪ ڪورس پيڪيج جيڪو سڄي ملڪ جي ٻاشا سکيا پروگرام جو حصو ٿي سگهي ٿو.
- فيلوشپ پروگرام، جنهن ذريعي سنسٿائن جي وچ ۾ فيلو جي ڏي وٺ ٿي سگهي ٿي ان ۾ خاص زور ان ڳالھ تي هجي تہ ترجمو رڳو انگريزي ٻاشا مان ۽ انگريزي ٻاشا ۾ ٿيڻ جي بدران ڀارت جي ٻاشائن ۾ ٿئي.
- رسرچ پروجيڪٽن کي همٿائڻ جنهن ۾ وديارٿين جي رسرچ بہ شامل آهي؛ جنهن ۾ خاص ڪري، مقرر پاٺن جا ترجما مثال جي طور لاءِ موجود ڪيا وڃن جيڪي تعليمي مقصدن کي پورو ڪرڻ جي ساڌنن کي وڌائين.

۲. سوچنا جو ڦهلاءُ :-

جيئن تہ ترجمو هن وقت گهڻو مشهور ۽ فائديمند سرگرمي نہ آهي انڪري ترجمي بابت يوگيتا جي ڄاڻ بہ ملڪ ۾ اڻپوري آهي. اها ڄاڻ انهن کي بہ پوري ڪانهي جيڪي ترجمي جا استعمال ڪندڙ ٿي سگهن ٿا. مثال طور ڪنهن خاص پرانتڪ ٻاشا ۾ سٺا ترجمان موجود آهن پر جن جي پبلشرن کي ڄاڻ ڪانهي يا انهن کي بہ ڄاڻ

ڪانهي جيڪي انهن ترجمانن جون سيوائون وٺي سگهن ٿا. مئسور جو مرڪزي ڀارتي ڀاشا سنسٿان لڳ ڀڳ چار سو استادن کي هر سال سنڌن ڀاشا کان سواءِ ٻيءَ هڪ ڀارتي ڀاشا ۾ سکيا ڏئي مهارت حاصل ڪرائي ٿو. اهو ڪاريہ سنسٿان جي ستن ريجنل سينٽرن ۾ ويهن ڀارتي ڀاشائن ۾ مهارت حاصل ڪرائڻ لاءِ ڪيو وڃي ٿو. ان قسم جي سکيا جي اهميت ڏيري ڏيري وڌي رهي آهي پر ساڳئي وقت اهو ڏکيو هنر بہ سمجهيو وڃي ٿو. جينوٽيڪ اهڙن سکيا ورتل (لڳ ڀڳ ٻارهن هزار) ماڻهن جي انهن ماڻهن کي بہ ڄاڻ ڪانهي جيڪي انهن جو فائدو وٺي سگهن ٿا. ڪيترين ڀاشائن ۾ نندا پبلشر ڪيترن ئي ڪيترن ۾ ترجما شايع ڪن ٿا پر گهڻن ماڻهن کي ان جي ڄاڻ ڪانهي.

انڪري ان حوالي ۾ قومي ترجمو مشن جون مکيہ سرگرميون ٿينديون:

- ترجمانن جي سنڌن الڳ الڳ ڪيترن ۾ ترجمي جي مهارت، هنر تعليمي يوگيتا جي آڌار تي ترجمانن جو ڀنڊار **(repository)** تيار ڪرڻ.
- الڳ الڳ ڪيترن ۾ موجود ترجمن جو ڀنڊار قائم ڪرڻ، انهن کي درجي وار ورهائڻ، انهن جو ڪيٽلاگ تيار ڪرائڻ ۽ انهن جون ڪيترن جي آڌار تي نيون فهرستون تيار ڪري اهي نيم سان سڀني تعليمي سنسٿائن، لائبررين وغيره کي موڪلڻ.

٣. عالي درجي جي ترجمن جي سامگريءَ کي ڦهلائڻ ۽ انجو واڌارو ڪرڻ.

اهو دليل ڏئي سگهجي ٿو تہ جدا جدا قسم جي ترجمن جي ضرورت آهي تہ پوءِ مارڪيٽ ان ضرورت کي پورو ڪرڻ لاءِ سنا ترجما ميسر ڪرائيندو هوندو پر ڄاڻ جي ڪمي ترجمن جي ضرورت کي اُبري اچڻ ۾ رڪاوٽ بڻجي ٿي، جيئن گيان جي ٻين ڪيترن ۾ بہ آهي. توهان کي خبر نٿي پوي تہ توهان کي ڪهڙي ڄاڻ نہ آهي جيستائين توهين ان ڄاڻ کان واقف نٿا ٿيو. ان کان سواءِ، اهي سنسٿائون جيڪي ساهتڪ سامگريءَ جي ترجمي جي سرگرميءَ سان جڙيل آهن (جيئن نئشنل بوڪ ٽرسٽ، گرنٽ اَڪادمي وغيره) اهي ثابتي ڏينديون تہ مڪاني ڀاشا ۾ ترجمو ٿي شايع ٿيل ڪتابن جي ڪيتري گهٽي ٿُهر آهي.

اهو ياد رکڻ ضروري آهي تہ ان قسم جا ترجما هڪ طرفا انگريزيءَ مان ٻين ڀارتي ڀاشائن ۾ نہ ٿيندا رهن پر ڀارتي ڀاشائن ۾ جيڪا اڻ مَئِي سامگري موجود آهي ان جو ڦهلاءُ انگريزي ۽ ٻين ڀارتي ڀاشائن ۾ ٿئي، خاص ڪري سرجناتمڪ ساهتيہ جي انواد کي برابريءَ جي نظر سان ڏٺو وڃي، جيئن ڏسڻ جي پرمپرا آهي. ان ڳالھ جي ضرورت آهي تہ برابريءَ جي خيال کان ڦهلاءَ جي گهٽ وڌ واڌاري جي خيال کان ڀاشائن جي جيڪا هوندن هڪ جهڙائي آهي ان ۾ فرق نہ ڪيو وڃي، ان ۾ مول ڀاشا ۽ ان مان انواد ڪندڙ ڀاشا جي وچ ۾ فرق نہ ڪيو وڃي ۽ ڀارت ۾ گهڻ ڀاشائي پٽي ۽ گهڻ سنسڪرتي پٽي جي خيال کي همٿايو وڃي. ڪجھ ترجمن جو ڪن ڪيترن ۾ اڳ ۾ ڦهلجڻ شروع ٿي ويو آهي (جيئن ڊاڪٽر امبيڊڪر جي رچنائن جو ڪيترين ئي الڳ الڳ ڀاشائن ۾ ترجمو ٿيو آهي). جنهن مان نئين سماجڪ جاڳرتي ۽ نونِ پڙهندڙن جي ضرورت ۽ اڇائن جو انومان لڳائي سگهجي ٿو.

ساهتڪ ترجمي جي بنسبت وگيان ۽ ٽيڪنيڪل ترجمي ۾ ڊارٽائن ۽ وصفي لفظن جو معيار هئڻ وڌيڪ ضروري آهي، جيئن ڊارٽائن کي وڌيڪ بهتر نموني سمجهي سگهجي ۽ ڀاشائن جي وچ ۾ سولائيءَ سان ڏي وٺ ڪري سگهجي. ان کان سواءِ اڄ ڪلھ ترجمو گهٽ اهميت واري سرگرمي آهي، اجوري جي خيال کان بہ ۽ سماجڪ قدر جي خيال کان بہ، انکي بدلائڻ ضروري آهي. هتي اهو بہ ڌيان رکڻ ضروري آهي تہ ترجمو هڪ شخصي سرگرمي آهي پر تنهن کان سواءِ اها سماجڪ سرگرمي بہ آهي جنهن ۾ ڪاميابيءَ جي لاءِ جدا جدا ماڻهن جي الڳ الڳ سطحن تي ٽيم ورڪ جي ضرورت آهي.

هن حوالي ۾ NTM جون هينيون خاص سرگرميون سوچي سگهجن ٿيون :

- ڪتابن جي مهورتن، جلسن فيلوشپس ۽ انعامن دواران اوچي درجي جي ترجمي جي سرگرميءَ کي وڌائڻ.
- ترجمي جي سهڪاري سرگرمي ۽ وڌي عرصي جي گهڻ ڀاشائي ترجمي سان ويچارن جي ۽ پنهنجي انيو جي ڏي وٺ ڪري سگهن، انکي همٿائڻ.
- معياري ترجمي جي شروعاتي وڪري جي خيال کان پبلشرن ۽ لئبررين جي وچ ۾ سنبنڌ قائم ڪرڻ ۽ موٽائي خريدڻ.

- سرڪاري ۽ خانگي سنسٿائن، پبلشرن ۽ خريدارن جو ترجمي جي سامگري تيار ڪندڙن جي وچ ۾ ڳانڍاپو قائم ڪرڻ.
- جيئن مڪاني ڀاشائن ۾ انهن جو وڏيڪ ڦهلاء ٿي سگهي انلاءِ موجودهہ مسيلن ۽ بي دلچسپي ۽ پريون ۽ ترجمي جي ڪارگر مَوزوُن مخزنن ڪي شروعاتي ترجمن لاءِ ڪفايتون ڏيڻ (جيئن نيون وگيانڪ ايڪانامڪ ۽ راڄنيتڪ هفتيوار اخبارون وغيره)
- اسڪولن، ڪاليجن ۽ يونورستين جي پاٺيہ ڪرم (syllabus) خاص ڪري ساهتيہ اڀياس جي پاٺيہ ڪرم ۾ ٻين ڀاشائن مان ترجمو ڪيل سامگريءَ کي شامل ڪرڻ لاءِ سجهاوَ ڏيڻ
- اهو سجهاو ڏيڻ تہ اسڪولن ۽ ڪاليجن ۾ رسورس سينٽر (resource centre) ۽ خاص ڪتابي ڪنڊ (خاص ڪري ترجمي جي سامگريءَ سان واسطيدار) قائم ڪرڻ.
- گهٽ نظر ايندڙ هميشهہ هلندڙ سرگرمي جنهن ۾ ٻہ ڀاشائي لياقت تي زور هجي (جيئن ڪرناٽڪ پوليس آفيسرس پريڪشا ۾ ترجمي جو لازمي وڀاڳ) انکي وڌائڻ.
- ننڍن شهرن ۽ ڳوٺن تائين ترجمو ڪيل سامگري پهچائڻ جي ساڌنن تي ويچار ڪرڻ. انلاءِ ٻين سرڪاري ۽ سماجڪ سنسٿائن (جيئن تہ نئشنل لٽرسي مشن، ۽ ڀارت گيان سمتي) جو استعمال ڪرڻ.

۴ مشيني ترجمي جو واڌارو :

نئين ٽيڪنيڪل چاڻ، جلدي ۽ وڏي تعداد ۾ گهٽ خرچ سان ترجمو ڪرڻ لاءِ اتساهہ ڏيندڙ وجهہ ميسر ڪري ٿي جيتوڻيڪ ٽيڪنيڪل توڙي انساني ساڌنن جي خيال کان ٻنهي حوالن ۾ ڪيترائي سوچڻ جوڳا وشيہ آهن. قومي ترجمو مشن، مشيني ترجمي جي حوالي ۾ هيٺين نموني مدد ڪري سگهي ٿي.

- ضروري ساڌن، خاص ڪري ڊجٽل (Digital) ساڌن جيئن تہ هم معنيٰ شبد ڪوش (Thesarus)، ٻہ ڀاشائي ڊڪشنريون، ترجمي جي ميمري (memory) جو سافٽ ويئر، ميسر ڪرڻ جن جو اٿردار ۽ سني ترجمي ڪرڻ ۾ ترت استعمال ٿي سگهي ٿو.
- شبد ساڌن جيئن تہ اي-ڊڪشنري، ورڊ نيٽس، ڀاشائي وشليشڻ ۽ سنيوجن جا ساڌن، شبد دهراوت وشليشڻ ڪرڻ جا ساڌن، مشيني ترجمي جا لازمي جزا آهن.

هي ساڌن ڪنهن به هڪ سنسٿا دوارا موجود ڪرڻ ممڪن نه آهن پر ان لاءِ گهڻين سنسٿائن جي گهڻي وقت لاءِ ٿيندڙ ڪوشش جي ضرورت آهي. قومي ترجمو مشن انهن جي لاءِ هڪڙو پليٽفارم موجود ڪري سگهي ٿي جتي لڳاتار هڪ ٻئي سان ويچارن جي ڏي وٺ دوارا ان قسم جو ڪاريه ٿي سگهي ٿو.

- مول پاٺ ۽ رچنا ۽ انهن جا ترجما صاف سني ڊجٽل روپ ۾ جيتري قدر ٿي سگهي قومي ترجمو مشن وٽ موجود ٿين ۽ قومي ترجمو مشن انهن جا ڪاپي رائيٽس يا استعمال جا حق واسطا حاصل ڪرڻ جي ڪوشش ڪري. قومي ترجمو مشن لاءِ اهو ضروري ٿيندو ته اها هن حاصل ٿيل ڊجٽل سامگريءَ کي XNL ۽ DTDs جي نشانين سان معياري روپ ۾ سار سنڀال لهي.
- اڄڪلهه انتر راشٽريه لاڙو ان قسم جو آهي ته وسيع شبد ڀنڊار (carpora) پورين معنائن، نشانين سان ٻيو معياري سمانانتر شبد ڀنڊار وِڪست ڪيو وڃي. ان قسم جو معنيٰ ۽ لفظن جي واسطيداري جو ٿيندڙ وسيع شبد ڀنڊار (carpora) مشين لرننگ ٽيڪنيڪ سان واسطيدار مشيني ترجمي جي لاءِ ضروري سمجهيو ٿو وڃي. هن قسم جي وسيع ڊيٽا جو انومان ڪري اهو سوچي سگهجي ٿو ته ان لاءِ شروعاتي ڪافي گهڻي سيڙپ جي ضرورت آهي جيڪا ڪنهن به هڪ سنسٿا نه ڪئي آهي پر NTM انهن ڪوششن ۾ سهيوڳ ڏئي مددگار ٿي سگهي ٿي.
- يونائيٽيڊ نيشنس جي پاران 1996۾ يونِورسل نيٽورڪنگ لينگويج (UNL) شروع ڪئي وئي هئي جنهن ۾ ١۵ ملڪن جي شرڪت هئي، ان ئي طرز تي (انتر لِنگول) آپسي ڀاشائي سنبند جي بنياد تي ترجمي جي ڪوشش کي وڌائڻ. (IIT ممبئي اڳ ۾ ئي ڪيترن ساڌنن ۽ تڪنيڪ جو انگريزي ۽ ڀارتي ڀاشائن جو مشيني ترجمي جي حوالي ۾ وڪاس ڪيو آهي جنهن کي وڌائي عام استعمال جو بڻائي سگهجي ٿو.)

قومي ترجمو مشن جي رچنا :

ٻين سنسٿائن جي خيال کان قومي ترجمو مشن جي رچنا لچيلي روپ ۾ هڪڙي ننڍي سنسٿا هوندي پر ان جي بجيٽ ايتري هوندي جو هوءَ پنهنجن مقصدن سان واسطيدار ڪيترن کي ڏنُ ميسر ڪرائي سگهي. ان جو هڪڙو ڊائريڪٽر جنرل هوندو جنهن

ڪي مدد ڪرڻ لاءِ ۱۵ کان ۲۰ ماڻهن جو پوري وقت وارو اڪيڊمڪ عملو هوندو ۽ ايتري ئي تعداد ۾ ٻيو مددگار عملو به هوندو (جنهن ۾ اڪائونٽ/آڊٽ، لئبرري ۽ سوچنا ويب بناوت ۽ پرنٽ ماهر، ايڊٽنگ سهايڪ، پروگرام آيوجن ڪندڙ سهايڪ ٽيڪنشين/دستاويزي عملو وغيره شامل هوندا) NTM جي هڪ صلاحڪار سمتي هوندي جيڪا هنن سرگرمين ڪي هلائڻ ۾ مدد ڪندي. فيصلا ڪرڻ واري ڪاميٽيءَ جا ڏهه ميمبر هوندا جيڪي ترجمانن، تعليمدانن، پرڪاشڪن وغيره جا عيوضي هوندا، جن جي مقرري ڪنهن واري سر نموني (مثال طور ٻن يا ٽن سالن جي مدي کان پوءِ، ٻن جي هر سال بدل سدل) ٿيندي.

NTM جو مکيه ڏيان سوچنا، سوچنا جو استعمال، ٽريننگ ۽ ترجمي جي کيتر ۾ سرجناتمڪتا تي هوندو. مرڪزي ڍنگ سان ڪم نه ڪندي پر گهٽ ئي سطحن سان واسطيدار هوندي جن ۾ راجيه ۽ مڪاني سطح جي جدا جدا سنستائن ۾ سهڪار قائم ڪرڻ شامل آهي.

NTM جدا جدا سنستائن کي پاڻ ۾ ڳنڍڻ ۽ انهن کي سهڪار ڏيڻ جو ڪم ڪندي جيئن دهراوت کي روڪي سگهجي ۽ سهڪار کي وڌائيندي ترجمي جي سرگرميءَ کي هڪ گڏيل پر لچيلي روپ ۾ وڌائي سگهجي. انهن سنستائن ۾ هينيون سنستائون اچي وڃن ٿيون، جيئن نئشنل بوڪ ٽرسٽ، يو.جي.سي (UGC)، ساهتيه اڪادمي، ترجمي جا سينٽر، سينٽرل انسٽيٽيوٽ آف انڊين لينگويجز (CIIL)، يونورسٽين جا اهي وڀاڳ جيڪي ترجمي جا ڪورس ۽ ترجمي سان واسطيدار رسرچ جو پروگرام هلائن ٿا، گرنٽ اڪادمي ۽ ٻيون راجيه جي سطح جون سنستائون، پبلڪ لائبرريون وغيره. ان کان سواءِ ان ڪم ۾ پبلشر، اخبارون ۽ ٻيا ميڊيا جا ساڌن، ڪارپوريشنون، ڪتاب فروش به شامل هوندا؛ تنهن کان سواءِ NTM، استاد، شاگرد، مائٽ، سڄاڳ سڪندڙ ۽ ٻين نگرواسين سان لَهه وچڙ ۾ ايندي جيئن انهن جي ضرورتن ۽ شخصي ڪم ڪندڙن جي وچ ۾ لاڳاپو قائم ٿئي ۽ انهن جي وچ ۾ سهڪار وڌي.

دليل جي خيال کان NTM جي لاءِ اهو سهوليت پريو ٿيندو ته اها لازمي طور پارت جي جوڙجڪ جي اٺين شيڊيول ۾ ٻڌايل ۲۲ مکيه ڀاشائن سان پنهنجو ڪاريه شروع ڪري پر ٻين مڪاني ٻولين جي اهميت، سنڀال ۽ انهن سان چاڻ جي ڏي وٺ کي به وسارڻ نه گهرجي.

اهو سوچيو وڃي ٿو ته هي سرگرميون ڪرڻ لاءِ قومي ترجمو مشن يارهين يوجنا ۾

قائم ڪئي وڃي جنهن جي رٿيل بجيٽ سڄي يوجنا لاءِ ٢٥٠ ڪروڙ ٿيندي (جنهن مان لڳ ڀڳ ٨٠ ڪروڙ رپيا ويوستا، عملو ۽ اسڪالرشپن جي لاءِ ۽ لڳ ڀڳ ١٧٠ ڪروڙ باقي ٻين سرگرمين لاءِ جنهن ۾ ٻين سنستائن کي مالي مدد بہ شامل هوندي). ٻارهين يوجنا جي انيو جي آڌار تي هيءَ مدد وڌائي بہ سگهجي ٿي. قومي ترجمو مشن کي ضروري بنيادي ڍانچو کڙو ڪرڻ لاءِ هڪ وقت جي ڪنهن يڪي رقم جي ضرورت پئجي سگهي ٿي.

اهو بہ فيصلو ڪرڻو آهي تہ قومي ترجمو مشن قائم ڪرڻ ۽ ان کي وڌائڻ جو ڪاريہ مانوَ سنساڌن وڪاس منتراليہ، خاص ڪري لينگويج بيورو کي سونپيو وڃي جنهن جي هٿ هيٺ يونورسٽيون NBT ,IITs ۽ ڪيترائي ڀاشا وڀاڳ- سينٽرل انسٽيٽيوٽ آف انڊين لينگويج سوڌو ڪم ڪري رهيا آهن يا NTM سنسڪرتي منتراليہ کي (جنهن جي اندر ساهتيہ اڪادمي آهي) سونپيو وڃي.

اها بہ ويچار ڪرڻ جهڙي ڳالهہ آهي تہ ڇا سرڪار کي سونپڻ کان اول هن رٽ تي وڌيڪ گنڀيرتا سان ويچار ڪرڻ جي ضرورت آهي. ان کان سواءِ واسطيدار منترالين (HRD (IT, Cultures, سان صلاح مصلحت ڪرڻ کان سواءِ هڪ ڪاميٽيءَ جي قائم ڪرڻ جي سنڀاونا آهي جنهن ڪاميٽيءَ جا هينيان ڏهہ ميمبر هجن ۽ جيڪا 'ٿنڪ ٽينڪ' (Think Tank) بڻجي ڪم ڪري.

١. پروفيسر ٻپن چندر (چيرمين NTM)
٢. پروفيسر ستچدانندن (سيڪريٽري، ساهتيہ اڪادمي يا ڊاڪٽر نرمل ڪانتي ڀٽاچارجي (سمپادڪ، انڊين لٽريچر ۽ ميمبر، ساهتيہ اڪادمي)
٣. پروفيسر پرمود تلگيري (اڳيون CIEFL, V.C هاڻي JNU ۾) يا پروفيسر الوڪ ڀلا (Hyderabad CIEFL)
٤. پروفيسر اندرنات چوڌري (اڳيون هنديءَ جو پروفيسر دهلي يونورسٽي، ڊائريڪٽر نهرو سينٽر ۽ سيڪريٽري ساهتيہ اڪادمي)
٥. پروفيسر اننٿمورتي (اڳيون پريزيڊنٽ ساهتيہ اڪادمي ۽ V.C مهاتما گانڌي يونورسٽي) يا گريش ڪرناڊ (اڳيون ڊائريڪٽر نهرو سينٽر)
٦. پروفيسر اميا ديو يا پروفيسر نبنيتا ديو سين (ٻئي اڳيان پروفيسر ڪمپريٽو لٽريچر، جادوپور يونورسٽي)
٧. پروفيسر ايس.بي. ورما (اڳيون جاپاني جو پروفيسر JNU ۽ مشهور ترجمان)
٨. پروفيسر هريش ترويدي، انگريزي وڀاڳ، دهلي يونورسٽي.
٩. پروفيسر پشپڪ ڀٽاچاريہ (IIT ممبئي)
١٠. پروفيسر اديہ نارائڻ سنگهہ (ڊائريڪٽر CIIL ميسور) سنيوجڪ.